ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 10 ڊسمبر 2025ع 18 جمادي الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (117)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

اقتصادي رابطا ڪميٽي پاران شهرين تي واڌو بار وجهڻ جي منظوري، نيپرا به بجلي اگهه وڌائي ڇڏيا

ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ اي سي سي آئل مارڪيٽنگ ڪمپنين ۽ ڊيلرز جي مارجن ۾ واڌ جي منظوري ڏني وئي

پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ في ليٽر 2 رپيا 56 پيسا تائين واڌو بار پوندو، هڪ رپيو 28 پيسا في ليٽر جو واڌو بار فوري طور تي منتقل ٿيندو

پيٽرول جي في ليٽر تي او ايم سي مارجن هڪ رپيو 22 پيسا تائين وڌي ويندو، ڊيزل جي في ليٽر تي ڊيلرز جي ڪميشن ۾ هڪ رپيو 34 پيسا جي واڌ ٿي ويندي

پيٽروليم شين تي ڊيلرز ۽ او ايم سيز مارجنز ۾ 5 کان 10 سيڪڙو وچ ۾ واڌ منظور ڪئي وئي، مارجن ۾ اڌ واڌ فوري طور، اڌ ڊجيٽلائيزيشن سان مشروط هوندي

نيپرا ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي جي اگهه ۾ 33 پيسا في يونٽ واڌ جو اعلان ڪري ڇڏيو، اها واڌ هلندڙ سال جي پهرين ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ تحت ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اقتصادي رابطا ڪميٽي شهرين تي واڌو بار وجهڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، او ايم سي مارجن 1.22 روپين تائين وڌي ويندو ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ شهرين تي واڌو بار وجهڻ جي منظوري ڏني وئي ذريعن موجب اي سي سي آئل

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اقليتن بابت قومي ڪميشن ايڪٽ 2025ع جو لاڳو ٿيڻ حڪومت جي ان روين جي هڪ اهم اڳڀرائي آهي

دنيا جي ڪيترن ئي خطن ۾ غيرملڪي قبضي سبب ڪروڙين انسان محرومي، ناانصافي کي منهن ڏئي رهيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

نون صوبا ٺاهڻ لاءِ قومي اسيمبلي ۾ اتفاق راءِ موجود آهي: بلاول ڀٽو

قومي اسيمبلي ۾ نون صوبا ٺاهڻ لاءِ اڳ ئي ڪجهه علائقن تي گڏيل موقف موجود آهي، 20 نون صوبا ٺاهڻ بدران اڳ ۾ انهن علائقن ۾ عملدرآمد ڪيو وڃي: پ پ چيئرمين

ان وقت پ پ وٽ قومي اسيمبلي ۾ اڪثريت نه هئي، جڏهن نون صوبا ٺاهڻ تي فيصلو ڪيو ويو هو، پارٽي جي پنهنجي تجويزن تي عملدرآمد جلد ٿيڻ گهرجي: لاهور ۾ صحافين سان ڳالهيون

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته نون صوبا اڳ ۾ اتي ٺاهيا وڃن، جتي اتفاق راءِ موجود هجي. لاهور ۾ سينيئر صحافين سان گفتگو ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته قومي اسيمبلي ۾ نون صوبا ٺاهڻ لاءِ اڳ ئي ڪجهه علائقن تي گڏيل موقف موجود آهي 20 نون صوبا ٺاهڻ بدران اڳ ۾ انهن علائقي ۾ عملدرآمد ڪيو وڃي جتي اتفاق

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

لاهور: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري گورنر هائوس ۾ پارٽي جي چونڊيل نمائندن ۽ ٽڪيٽ هولڊرن کي خطاب ڪري رهيو آهي

سرڪاري ادارا ملڪ ۾ انساني حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن: صدر آصف زرداري

سول سوسائٽي، ميڊيا، غيرسرڪاري تنظيمن ۽ شهرين کي انساني حقن لاءِ گڏيل سهڪار ڪرڻ گهرجي

اسان سمورن شهرين جي آزادي، وقار ۽ خودمختياري جي تحفظ جي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکيون آهن

اسلام انساني وقار، ٻين جي احترام ۽ سمورن انسانن جي آزادي ۽ برابري کي تمام گهڻي اهميت ڏي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري سرڪاري ادارن، سول سوسائٽي، ميڊيا، غيرسرڪاري تنظيمن ۽ شهرين تي زور ڏنو آهي ته اهي ملڪ ۾ انساني حقن جي تحفظ ۽ فروغ ۾ پنهنجو ڪردار ادا

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

چيف آف ڊفينس فورسز جي انڊونيشيا جي صدر سان ملاقات، دفاعي سهڪار تي ڳالهيون

ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، علائقائي سيڪيورٽي جي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ

معزز مهمان پاڪ فوج جي پيشيوراڻي صلاحيت ۽ خطي ۾ امن کي هٿي وٺرائڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار جو ساراهيو

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف ڊفينس فورسز ۽ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير اسلام آباد ۾

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

انڊونيشيا: 7 ماڙ عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب 20 ڄڻا فوت

جڪارتا (اي پي پي) انڊونيشيا جي گادي واري شهر جڪارتا ۾ هڪ 7 ماڙ عمارت ۾ خوفناڪ باهه ڀڙڪي پئي، جنهن جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ لياقت علي خان ورسي تي عام موڪل ۽ حيسڪو خلاف قراردادون منظور

جماعت اسلامي جي امن امان بابت قرارداد جي گهرو وزير پاران مخالفت، سنڌ ۾ صورتحال خراب ناهي، هني ٽريپ خلاف آپريشن شروع ٿي رهيو آهي

عامر صديقي ايم-9 موٽر وي جي خراب حالت تي پيش ڪيل قرارداد پڻ رد، صابر قائمخاني پاران پيش ڪيل حيسڪو جي خراب ڪارڪردگي بابت قرارداد منظور

ايوان شهيد لياقت علي خان جي ورسي بابت پيش ڪيل قرارداد منظور ڪري ورتي، قرة العين مسجدن جي امامن لاءِ وظيفو بابت پنهنجي قرارداد واپس ورتي

ڇوڪرين جي ننڍي عمر ۾ شادي بابت قرارداد منظور، ڪير به ڇوڪرو يا ڇوڪري 18 سالن کان گهٽ عمر ۾ شادي نٿو ڪري سگهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو/ مجيد عباسي) گذريل ڏهاڙي سنڌ اسيمبلي جو اجلاس ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني جي صدارت ۾ شروع ٿيو سنڌ اسيمبلي اندر جماعت اسلامي جي ميمبر پاران پرائيويٽ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

انڊونيشيا جي صدر پرابوو سوبيانتو جو وزيراعظم هائوس پهچڻ تي شاندار استقبال

اسلام آباد (اي پي پي) انڊونيشيا جي صدر پرابوو سوبيانتو جو وزيراعظم هائوس

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پنجاب اسيمبلي ۾ پي ٽي آءِ باني تي پابندي لڳائڻ جو ٺهراءُ منظور

صوبائي اسيمبلي اجلاس ۾ ن ليگ ميمبر طاهر پرويز طرفان پيش ڪيل ٺهراءُ منظور ڪيو ويو

اهڙا ماڻهو جيڪي دشمن ملڪ ڀارت جي مفادن لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، انهن کي سزا ڏني وڃي: ٺهراءُ جو متن

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب اسيمبلي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ سرڪار پهريون ڀيرو بايو گئس تي هلندڙ بسون هلائڻ پئي وڃي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت جي اها ترجيح آهي ته بايو گئس تي هلڻ وارين بسون نه رڳو جديد هجن پر آءِ ٽي ايس تي به ٻڌل هجن

ڪراچي ۾ ماحول دوست بسن جي لاءِ بايو گئس پلانٽ رٿا تي به ڪم جلد شروع ڪيو پيو وڃي

صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جو ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ جي وفد سان ڪراچي ۾ ملاقات دوران ڳالهه ٻولهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ايشين ڊولپمينٽ بينڪ جي وفد ڪراچي ۾ سنڌس آفيس ۾ ملاقات ڪئي، ملاقات ۾

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪولمبو: گنگا رميا مندر اچڻ جي موقعي تي مک پروهت ڊاڪٽر ڪرندي آساجي نائيڪا ٿيرو وفاقي وزير جنيد انور چوڌري جو آڌر ڀاءُ ڪري رهيو آهي

بدعنواني خاتمي جا حڪومتي دعويٰ صرف عوام کي بيوقوف بڻائڻ برابر آهن: سردار عبدالرحيم

صحت، تعليم سميت هر شعبي ۾ رشوت عام آهي، نوڪريون پيسي تي وڪرو ٿين ٿيون

ڊگريون پيسن تي ملن ٿيون، اسپتالن ۾ ڊاڪٽر ناهن، دوائون نجي ميڊيڪل اسٽورن تان ملن ٿيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسداد بدعنواني جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

استادن جي عزت، احترام ۽ علم حاصل ڪرڻ ۾ ئي ڪاميابي جو راز آهي: روچي ڪمار

والدين کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن انسان تي ڪو وڏو احسان آهي ته اهو استاد جو آهي

تعليم سان گڏ اسان کي پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي زنده رکڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) استادن جي عزت، احترام ۽ علم حاصل ڪرڻ ۾ ئي ڪاميابي جو راز لڪل آهي، نوجوان نسل

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير راڻا تنوير سان تاجڪستان جو سفير يوسف شريفزاده ملاقات ڪري رهيو آهي

ملاقات جي اجازت نه ملڻ تي عمران خان جي ڀينرن جو اڊيالا جيل ڀرسان ڌرڻو

ملاقات جو وقت ختم ٿي وڃڻ بيرسٽر گوهر ۽ پي ٽي آءِ باني جي ڀينرن کي ملاقات جي اجازت نه ملي

پي ٽي آءِ باني جي ڀينرن کي پوليس فيڪٽري ناڪي تي روڪيو، عليما خان ڪارڪنن کي پرسڪون رهڻ جي هدايت ڪئي

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ڀيڻن ۽ تحريڪ انصاف چيئرمين بيرسٽر گوهر کي ملاقات جي اجازت نه ملي، جنهن تي هنن جيل پرسان فيڪٽري ناڪي تي ڌرڻو هڻي ڇڏيو. اڊيالا جيل ۾ ملاقات جو وقت ختم ٿي ويو بيرسٽر گوهر ۽ پي ٽي آءِ باني جي ڀيڻن کي ملاقات جي اجازت نه ملي سگهي پي ٽي آءِ باني جي ڀيڻن کي پوليس فيڪٽري

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

هن سال شهر جي ترقيءَ تي 30 ارب رپيا خرچ ڪيا پيا وڃن: مرتضيٰ وهاب

شهر ۾ 70 کان 80 لک گيلن اضافي پاڻي آڻڻ واري منصوبي تي ڪم جاري آهي

جيڪڏهن ڪو قبرستان انتظاميه اضافي فيس وٺي ته KMC هيلپ لائن تي شڪايت ڪريو

اسٽيڊيم ڏيڻ جو ڪو ارادو ناهي، تعصب ۽ تنقيد کان مٿي ٿي شهر لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته هن سال شهر جي ترقيءَ تي 30 ارب رپيا خرچ ڪيا پيا وڃن صباح ۽ اجمير نگري پمپنگ اسٽيشنن جا ٽينڊر مڪمل ٿي چڪا آهن. شهر ۾ 70 کان 80 لک گيلن اضافي پاڻي آڻڻ واري منصوبي تي ڪم جاري آهي گلشن اقبال ۾ پاڻي جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ KLSR پمپنگ اسٽيشن کي فعال بڻايو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

KARACHI METROPOLITAN CORPORATION
GOVERNMENT OF SINDH
BARRISTER MURTAZA WAHAB
MAYOR KARACHI

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب ترقياتي اسڪيم جو افتتاح ڪرڻ بعد دعا گهري رهيو آهي

وفاقي وزير قيصر شيخ سان چين جي وفد جي ملاقات

پاڪستان ۾ اربين ڊالرن جي سيڙپڪاري جي امڪانن تي ڳالهيون

ملڪ ۾ معاشي استحڪام ۽ بهتر سيڙپڪاري ماحول پيدا ٿي چڪو آهي: قيصر شيخ

اسلام آباد (اي پي پي) سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ سان هيبي جوهانگ انرجي ٽيڪنالاجي جي اعليٰ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

بي آءِ ايس پي ۾ شفاف نظام اسان جي اولين ترجيح آهي: روبينه خالد

شفافيت، ديانتداري ۽ احتساب مضبوط پاڪستان جو بنياد آهي: چيئرپرسن بي آءِ ايس پي

بدعنواني ملڪ جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي، ان جي خاتمي لاءِ پرعزم آهيون

اسلام آباد (اي پي پي) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد چيو آهي ته شفافيت، ديانتداري

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني برآمدات کي هٿي ملڪ جي معيشت جي بحالي لاءِ ضروري آهي: گورنر سنڌ

ملڪي معيشت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ پرڏيهي سيڙپڪاري کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت آهي

جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽلائيزيشن ذريعي سيڙپڪاري، واپاري شعبي ۾ شفافيت ۽ رفتار آڻڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته پاڪستاني برآمدات کي هٿي ملڪ جي معيشت جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ورلڊ بئنڪ مشن جي وفد جي سيد ناصر حسين شاهه سان ملاقات

ڪراچي هڪ ميگا سٽي آهي ۽ ان جا مسئلا به وڏا آهن: ناصر شاهه

ورلڊ بئنڪ جي شراڪت سان جاري منصوبن ۾ نمايان تيزي آئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ورلڊ بئنڪ مشن جي وفد سنڌ جي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه سان اهم ملاقات ڪئي جنهن

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

بدعنواني ڪنهن به سماج جي ترقي، انصاف ۾ وڏي رڪاوٽ آهي: محمد بخش مهر

هڪ مضبوط، ايماندار ۽ ذميوار نظام ئي عوام جو اعتماد بحال ڪري سگهي ٿو

پهرين ترجيح اها آهي ته هر کاتي ۾ احتساب جي اثرائتي نظام کي مضبوط ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسداد بدعنواني جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سنڌ جي انسداد بدعنواني جي وزير سردار محمد

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

شهر جي هر گهٽي ۽ پاڙي ۾ منشيات آسانيءَ سان ملي ٿي: حسنين چوهاڻ

ماوا، گٽڪا سميت ٻيون نشي آور شيون دڪانن ۽ ڪيبنن تي ملي رهيون آهن

منشيات استعمال سبب نوجوانن جي وڏي تعداد پنهنجون زندگيون تباهه ڪري ڇڏيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انصاف لائيرز فورم ڪراچي جي اڳواڻ ۽ سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ حسنين علي چوهان ڪراچي ۾

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: واپڊا چيئرمين پاڻي جي معاملن بابت قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ۽ ميمبرن کي بريفنگ ڏئي رهيو آهي

ڪراچي ۾ ڪرپشن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي آگاهي واڪ

واڪ ۾ سيد ذوالفقار علي شاهه، مريد راهمون، امتياز ابڙو ۽ ٻين جي شرڪت

نوان ڊپٽي ڊائريڪٽر مقرر ڪيا آهن ته جيئن شڪايتن جو ازالو ممڪن بڻائي سگهجي: ذوالفقار شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسداد بدعنواني جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سنڌ حڪومت جي اينٽي ڪرپشن کاتي پاران ڪراچي ۾

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پراڻي گوليمار علائقي ۾ گولي لڳڻ سبب 15 سالن جو نوجوان قتل

عبدالله پنهنجي پيءُ سان گڏ گهر وڃي رهيو هو ته اوچتو مٿي ۾ گولي لڳي

فائرنگ اڻڄاتل طرف کان ٿي آهي، واقعي واري هنڌ ثبوت گڏ ڪيون پيا: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي پراڻي گوليمار جي ريجهو نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ سبب هڪ ننڍي عمر جو نوجوان قتل ٿي ويو ريسڪيو ذريعن موجب 15 سالن جو عبدالله پنهنجي وڏي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

نيب کي مڪمل اداراجاتي آزادي حاصل آهي ته شفافيت سان پنهنجو ڪم جاري رکي: شهباز شريف

اقتصادي ترقي ۾ فيلڊ مارشل عاصم منير جي مدد جو اهم ڪردار آهي: وزيراعظم

اهو وقت پري ناهي جڏهن پاڪستان پنهنجي قرضن مان مڪمل طور تي نجات حاصل ڪري معاشي طور تي پاڻ ڀرو ٿيندو

وزيراعظم هائوس ۾ بدعنواني جي خاتمي جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب، وزيراعظم خاص مهمان جي حيثيت سان شريڪ

وزيراعظم پاران مالياتي بدعنواني کي ختم ڪرڻ لاءِ قدمن کي وڌيڪ منظم انداز ۾ جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ

پاڪستاني نوجوان اسان جو قيمتي اثاثو ۽ پرامن، خوشحال ۽ ترقي يافته مستقبل جي ضمانت آهن: وزيراعظم شهباز شريف جو تقريب کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) پاران ڏنل 1.2 بلين ڊالر جي مالياتي قسط جاري ڪرڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان معاشي استحڪام

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان انڊونيشيا جو صدر پرابوو سبيانتو ملاقات ڪري رهيو آهي، سي ڊي ايف فيلڊ مارشل عاصم منير پڻ موجود آهي

چين ۾ رشوت وٺڻ تي هڪ اداري جي اڳوڻي جنرل مئنيجر کي ڦاهي ڏني وئي

بيجنگ (اي پي پي) چين ۾ هوارونگ جي اڳوڻي عهديدار کي 1.1 ارب يوان جي رشوت واري ڪيس ۾ ڦاهي ڏني وئي پرڏيهي ميڊيا موجب چين جي اوورسيز

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

TIONAL ANTI-CORRUPTION D
H YOUTH AGAINST
tomorrow's inte

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف نيب بابت تقريب ۾ سنڌ جي چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه کي شيلڊ ڏيندي

وزيراعظم پاران ٽرانسپرنسي انٽرنيشنل جي پاڪستان ۾ ڪرپشن بابت رپورٽ تي اطمينان

ملڪي معيشت جي وڌيڪ بهتري ۽ ڪرپشن جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهيون: وزيراعظم

ڪرپشن خلاف جنگ ۽ شفافيت کي هٿي ڏيڻ بابت عوام جي راءِ اسان جي ڪوشش جو اعتراف آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ٽرانسپرنسي انٽرنيشنل جي پاڪستان ۾ ڪرپشن بابت عوامي تاثر تي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ انڊونيشيا وچ ۾ مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ لاءِ معاهدن تي اتفاق

ٻنهي ملڪن ۾ پاڪستاني ڊاڪٽرن، ميڊيڪل پروفيسرز ۽ ماهرن کي انڊونيشيا موڪلڻ تي اتفاق ڪيو ويو

انڊونيشيا جي ڪنهن به صدر جو 7 سالن کانپوءِ پاڪستان جو هي پهريون دورو آهي، اسان جا لاڳاپا 75 سال پراڻا آهن: وزيراعظم

پاڪستان ۽ انڊونيشيا مختلف شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪيترن ئي معاهدن ۽ مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ انڊونيشيا وارن تعليم، صحت، زراعت، ٽيڪنالاجي ۽ ٻين شعبن ۾ تعاون جي وڌيڪ فروغ ۽ پاڪستاني ڊاڪٽرن، ميڊيڪل پروفيسرز ۽ ماهرن کي انڊونيشيا

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان ۽ انڊونيشيا جي وچ ۾ ڏاهن تي صحيحون ڪيون پيون وڃن، وزيراعظم شهباز شريف ۽ انڊونيشيا جو صدر پڻ موجود آهن

ڪراچي ۾ سيف سٽي ڪيمرائن جي مدد سان هٿيار ڏيکارڻ تي پهريون ڪيس داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پوليس سيف سٽي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

بلوچستان جي پارليامينٽرين وفد جي سنڌ اسيمبلي جي دوري تي شاندار استقبال

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلوچستان جي پارليامينٽرين جي وفد گذريل ڏينهن سنڌ

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

بدين ۾ صوبائي وزير جي عوامي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري منعقد

شهرين صحت، تعليم، روزگار، زرعي جنسن جي اگهن بابت شڪايتن جا ڍير لڳائي ڇڏيا

سيد ناصر شاهه آفيسرن کي سخت هدايتون جاري ڪري عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جا حڪم

کليل ڪچهرين سان ماڻهن جا مسئلا سندن دروازي تي حل ٿيندا، ڪاتن جي ڪارڪردگي به بهتر ٿيندي: ناصر شاهه

بدين (د ر) بدين ۾ صوبائي وزير هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ سيد ناصر شاهه جي کليل ڪچهري ۾ شهرين شڪايتن جا ڍير لڳائي ڇڏيا ڪمند سارين ۽ ٻين زرعي جنسن جا اگهه نه ملڻ انڊسٽري نه لڳڻ ادارن ۾ رشوت

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

Welcome
SYED NASIR HUSSAIN SHAH
ON PRESIDING OVER
DISTRICT COUNCIL

بدين: صوبائي وزير ناصر شاهه ۽ ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين علي اصغر هاليپوٽو کلي ڪچهري کي خطاب ڪري رهيا آهن

انفارميشن ڪميشن جو معلومات نه ڏيڻ تي ٽائون ڪميٽي پريالو جو ٽي ايم او طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ انفارميشن ڪميشن معلومات جي رسائي ۽ شفافيت جي ايڪٽ 2016 تحت معلومات فراهم نه

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان آمريڪا ۾ رهندڙ پاڪستاني ڄاڻن ڊاڪٽرن جي وفد جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت ۾ پاڪستان جي صحت جي شعبي جي ترقي تي آمريڪا ۾ رهندڙ پاڪستاني ڄاڻن ڊاڪٽرن ڪيس خراج تحسين پيش ڪندي پاڪستان ۾

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت عالمي تعليمي فنانسنگ اداري کان 10 ملين ڊالر جي گرانٽ حاصل ڪري ورتي

سنڌ حڪومت تعليمي شعبي ۾ اسٽرڪچرل سڌارن ۽ پروفيشنلزم لاءِ پرعزم آهي: سردار شاهه

گرانٽ صوبائي تعليمي سڌارن، استاد ٽريننگ ۽ اسڪلز ڊولپمينٽ لاءِ اهم مدد فراهم ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت تعليمي سڌارن ۾ اڳڀرائي حاصل ڪندي عالمي تعليمي فنانسنگ اداري

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پوليو جا خطرا حد کان وڌي ويا، وزيراعليٰ سنڌ جي پوليو بابت اجلاس

اجلاس ۾ عذرا فضل پيچوهو، غلام نبي ميمڻ، مرتضيٰ وهاب، حسن نقوي، جاويد عالم اوڍو، عبدالرحيم شيخ، ريحان

2025ع دوران پوليو جا ٽي بدين ۾، ٺٽي ۽ هڪ هڪ حيدرآباد، ٺٽو لاڙڪاڻو ۽ عمرڪوٽ ۾ رپورٽ ٿيا: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ پوليو خلاف صوبائي ٽاسڪ فورس جو اجلاس

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير جي شڪارپور ۾ آپريشن دوران زخمي ٿيندڙ پوليس اهلڪارن کي ڀيٽا پيش

ڌاڙيلن خلاف ڪنهن به قسم جي نرمي برداشت نه ڪبي، ڌاڙيلن جو خاتمو ۽ شڪارپور ۾ امن جي بحالي ضروري آهي: مراد علي شاهه

ضرورت پوڻ تي زخمي آفيسرن لاءِ ايئر ايمبولينس جو بندوبست ڪيو وڃي جيئن کين بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه شڪارپور ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن دوران زخمي ٿيندڙ پوليس

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ باني جو تڪبر ۽ پاڳل پڻو ٽٽڻ ناهي: مريم اورنگزيب

ذهني مريض سان هڪ ڊاڪٽر ئي ڳالهائي سگهي ٿو، ڪيس ڪيسن کي منهن ڏيڻو پوندو

ملڪ خلاف سازش ڪندڙ جي سزا آئين ۾ واضح آهي: پنجاب جي سينيئر وزير

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب جي سينيئر وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته هڪ ذهني مريض سان هڪ ڊاڪٽر ئي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

شهرين جون زندگيون بچائڻ سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: گيانچند ايسراڻي

وڏي وزير جي سنڌ جي بحالي بابت صوبائي صلاحڪار ريسڪيو 1122 هيڊ ڪوارٽرز جو دورو ڪيو

هر سيڪنڊ قيمتي هوندو آهي ايمرجنسي حالتن ۾ ڀرپور ۽ فوري ريسپانس يقيني بڻايو وڃي: هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ جي بحالي بابت صلاحڪار گيانچند ايسراڻي ريسڪيو 1122 هيڊ ڪوارٽرز جو دورو ڪيو

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

سي ٽي ڊي پنجاب جون ڪارروائيون، "را" سان واسطو رکندڙ 12 دهشتگرد گرفتار

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سي ٽي ڊي پنجاب لاهور، فيصل آباد ۽ بهاولپور مان ڀارتي ڳجهي ايجنسي "را" سان واسطي جي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سينٽ ايليزبيٿ اسپتال کي ڪرسمس جي حوالي سان سينگاريو ويو آهي

شڪارپور ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو، 9 ڌاڙيل مارجي ويا، ٻن ڊي ايس پيز سميت چار اهلڪار زخمي

اسٽورٽ گنج ٿاڻي جي حدن ۾ منڇهر شاهه پير وٽ ڌاڙيلن جي موجودگي جي اطلاع تي پوليس پهچي آپريشن ڪيو

ڌاڙيلن جي فائرنگ ۾ ڊي ايس پي سٽي ميڊم پارس بکراڻي، سنڌن مڙس، ڊي ايس پي ظهور سومرو سميت چار پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا

پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ شهزاد، شهمور، امداد، ساجد، اويس، ياسين، آصف سميت 9 ڌاڙيل مارجي ويا

شڪارپور (رپورٽ: رحيم بخش جمالي) شڪارپور ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ سخت مقابلو ٿيو جنهن ۾ ٻن ڊي ايس پيز سميت چار اهلڪار زخمي ٿي پيا، جڏهن ته 9 ڌاڙيل مارجي ويا. ڌاڙيلن جون لاشون ڏکڻي وقت تائين چوراهن تي پيل رهيون جنهن ڪري شهرين جو وڏو هجوم گڏ ٿي ويو وزيراعليٰ سنڌ، صوبائي گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ طرفان پوليس ٽيم جي بهادري تي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

شڪارپور: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ڌاڙيلن جا لاش ٻاءِ پاس تي پيل آهن

شڪارپور: ڌاڙيلن سان مقابلي ۾ زخمي ٿيل ڊي ايس پي پارس بکراڻي اسپتال ۾ داخل آهي

علائقي مان ڌوهن جو خاتمو پوليس جو اهم حدف آهي: ايس ايس پي

شڪارپور: ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ چيو ته علائقي مان ڌوهن جو خاتمو پوليس جو اهم حدف آهي ۽ ڌاڙيلن خلاف آپريشن آخري حد تائين جاري رکيو ويندو

وڏي وزير مراد علي شاهه، گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ پاران جوانن جي ساراهه

شڪارپور: وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه، گهرو وزير ضياءالحسن لنجار ۽ آءِ جي سنڌ طرفان زخمي پوليس آفيسرن ۽ جوانن جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

زخمي ڊي ايس پيز ميڊم پارس بکراڻي، ظهور سومرو ۽ ٻيا اهلڪار سکر اسپتال منتقل

شڪارپور: زخمي ڊي ايس پيز ميڊم پارس بکراڻي، ظهور سومرو ۽ ٻيا اهلڪار سکر

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

پوليس علائقن جو مڪمل گهيرو ڪري وڌيڪ جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي

شڪارپور: پوليس منڇهر شاهه ۽ ڀرپاسي علائقن جو مڪمل گهيرو ڪري وڌيڪ جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي، جڏهن ته آپريشن دير تائين جاري رهيو

نوابشاهه ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ليڊي پوليس ڪانسٽيبل زخمي، 5 شڪي گرفتار

ڊيوٽي تي ويندڙ رخسانه مشوري کي ٻن موٽرسائيڪلن سوار هٿياربندن گولين هڻي زخمي ڪيو

زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ايس ايس پي شبير احمد سيٺار پهچي عيادت ڪئي

پوليس تي حملو ناقابل برداشت عمل آهي 5 شڪي جوابدارن کي هٿياربند سميت گرفتار ڪري جاچ ڪئي پئي وڃي: ايس ايس پي

نوابشاهه (رپورٽ مشرف پٺاڻ) اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ گهران رڪشي تي روانين ٿاڻي جي ڊيوٽي تي ويندڙ ليڊي پوليس ڪانسٽيبل رخسانه مشوري کي نامعلوم چار موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن فائرنگ ڪري سڙڪ تي ڪيرائي ڇڏيو ليڊي پوليس ڪانسٽيبل کي پي ايم يو اسپتال نوابشاهه

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

شڪارپور آپريشن ۾ زخمي اهلڪارن کي بهترين طبي سهولتون ڏنيون وڃن: ضياءُ لنجار

سنڌ پوليس هڪ دفعو ٻيهر ثابت ڪري چڪي آهي ته قانون جي عملداري سڀ کان اهم آهي

وزير داخله ضيا لنجار ايس ايس پي شڪارپور ۽ پوليس ٽيم بهادري تي شاباسي ڏني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شڪارپور پوليس ڌاڙيل ۽ ڌوهاري ساٿين خلاف ڪامياب آپريشن ڪري 8 خطرناڪ ڊاڪوس کي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه ۾ زخمي ٿيندڙ ليڊي اهلڪار جي الزام هيٺ آيل لاڪا برادري جو احتجاج

ليڊي ڪانسٽيبل تي فائرنگ واري واقعي سان اسان جو ڪو به تعلق ناهي: مظاهرين

پاڻ نباهڻ وارا آهيون، اهڙي حرڪت ڪري ئي نٿا سگهون، واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي

نوابشاهه (س ر) اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل ليڊي پوليس ڪانسٽيبل رخسانه مشوري

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه: گولين لڳڻ سبب زخمي ٿيل ليڊي پوليس ڪانسٽيبل کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

بقايا 1 اهم اڳڀرائي

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته انساني حقن جي عالمي پڌرنامي (يو ڊي ايڇ آر) جي منظوري جي 77هين سالگرهه جي موقعي تي پاڪستان عالمي برادري سان ان عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو ته هو انساني وقار، بنيادي آزادين ۽ سمورن انسانن جي حقن جي تحفظ جي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو. انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير چيو ته پاڪستان جي حڪومت عالمي ذميوارين ۽ انساني حقن جي فروغ ۽ تحفظ جي عزم تحت ڪيترن ئي ادارجاتي پاليسي ۽ قانونسازي بابت عورتن، ٻارن ۽ اقليتن جي حقن جي تحفظ جي لاءِ قدم کنيا آهن اقليتن بابت قومي ڪميشن ايڪٽ 2025ع جو لاڳو حڪومت جي ان ويزن جي هڪ اهم اڳڀرائي آهي جيڪو اقليتن جي لاءِ موثر دادرسيءَ جي نظام کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ڪيو ويو آهي. انساني حقن واري ڪائونسل (ايڇ آر سي) جي ميمبر جي طور تي پاڪستان جي تازو ڇهون ڀيرو چونڊ ان ڳالهه جو مظهر آهي ته عالمي برادري کي پاڪستان جي قومي ۽ عالمي سطح تي انساني حقن جي عالمي فريم ورڪ جي مقصدن جي فروغ ۾ نمايان خدمتن تي ڀرپور اعتماد آهي. اسان سمورن ميمبر ملڪن سان تعميري انداز ۾ ڪم ڪرڻ ۽ انساني حقن جي سمورن رخن بشمول معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حقن جڏهن ته ترقي کي اهميت ڏيڻ جي پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪريون ٿا. هن چيو ته ان ڏينهن جي مناسبت سان اسان کي اهو نه وسارڻ گهرجي ته دنيا جي ڪيترن ئي خطن ۾ مسلسل غيرملڪي قبضي جي ڪري ڪروڙين انسان محرومي، ناانصافي ۽ عزت نفس تي حملن کي منهن ڏئي رهيا آهن ان جو نمايان مثال والاريل ڪشمير ۽ والاريل فلسطيني علائقو آهي جتي قبضي هيٺ عوام پنهنجي فتح نه ٿيڻ جوڳي خودمختياري جي حق کي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ انساني حقن جي سنگين خلاف ورزين ۽ ظلمن کي منهن ڏئي رهي آهي. نائب وزيراعظم وڌندڙ اسلامو فوبيا جي لهر تي پڻ گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي ان وڌندڙ مسئلي کي منهن ڏيڻ جي لاءِ گڏيل عالمي ڪوششن جي ضرورت تي زور ڏنو. هن چيو ته اسلامو فوبيا ڪيترن ئي معاشرن ۾ نفرت ۾ اضافي جو سبب بڻجي رهيو آهي. هن يقين ڏياريو ته پاڪستان بنا ڪنهن فرق جي هر ڪنهن جي لاءِ انساني حقن ۽ بنيادي آزادين جي تحفظ جي پنهنجي عزم تي قائم آهي ۽ ان سلسلي ۾ درپيش موجوده ۽ ابرندڙ چئلينجز جي حل لاءِ عالمي تعاون ۾ اضافي جو منتظر آهي.

بقايا 2 بلاول ڀٽو

راءِ آهي هن ياد ڏياريو ته ان وقت پ پ وٽ قومي اسيمبلي ۾ اڪثريت نه هئي جڏهن نوان صوبا ٺاهڻ تي فيصلو ڪيو ويو هو پارٽي جي پنهنجي تجويزن تي عملدرآمد جلد ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪو ڪم ٿئي هو اهو جاري آهي.

بقايا 3 ملاقات

سطحي وفد گڏيل ڏينهن ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪستان ۾ اربين ڊالرن جي سيڙپڪاري جي امڪانن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفاقي وزير چين جي ڪمپني جي تجويز ڪيل سيڙپڪاري جي منصوبي جي آجيان ڪندي چيو ته پاڪستان توانائي، ٽيڪنالاجي، زرعي جدت ۽ صنعتي ترقيءَ جي شعبن ۾ پرڏيهي سيڙپڪارن لاءِ بهترين موقعا فراهم ڪري رهيو آهي هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته شمسي توانائي ۽ لاڳاپيل ٽيڪنالاجي ۾ سيڙپڪاري پاڪستان جي مستقبل جي توانائي نظام لاءِ نهايت اهميت رکي ٿي وفاقي وزير ٻڌايو ته بورڊ آف انويسٽمينٽ چيني سيڙپڪارن کي خاص اقتصادي زونز (ايس اي ايز) بابت مڪمل رهنمائي فراهم ڪري رهيو آهي جتي سيڙپڪارن لاءِ 10 سالن تائين انڪم ٽيڪس جي ڇوٽ سميت پُرڪشش مراعتون پڻ دستياب آهن هن چيو ته ملڪ ۾ معاشي استحڪام ۽ بهتر سيڙپڪاري ماحول پيدا ٿي چڪو آهي ۽ حڪومت ڪاروباري طبقي کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پُرعزم آهي وفاقي وزير وڌيڪ ٻڌايو ته بزنس فيسيليٽيشن سينٽر تحت سنگل ونڊو نظام سيڙپڪارن کي تيز رفتار منظوري، دستاويزن تائين پهچ ۽ ڪاروباري آسانيون فراهم ڪري رهيو آهي هن چيو ته انهن سڌارن عيوض پاڪستان خطي ۾ هڪ پُرڪشش سيڙپڪاريءَ جي مرڪز طور اڀري رهيو آهي. وزير سيپٽمبر 2025ع ۾ منعقد ٿيل چائينا بي ٽو بي سيڙپڪاري ڪانفرنس جي ثمرن جو پڻ حوالو ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان ۽ چين وچ ۾ ڪيترا ئي گڏيل منصوبا جوڙيا پيا وڃن ۽ گڏيل اقتصادي ناتا پهرين کان وڌيڪ مضبوط ٿي رهيا آهن وفاقي وزير چيو ته بورڊ آف انويسٽمينٽ ان جي قيادت ۾ سيڙپڪاريءَ کي هٿي وٺرائڻ، شفافيت، ڪاروباري آسانين ۽ عالمي سيڙپڪارن لاءِ سازگار ماحول جي فراهمي لاءِ پوريءَ طرح پُرعزم آهي.

بقايا 4 روبينہ خالد

۽ احتساب ئي مضبوط پاڪستان جو بنياد آهي، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ شفاف نظام اسان جي اولين ترجيح آهي. بدعنواني خلاف زيرو ٽالرينس پاليسي تي سختي سان عمل پيرا آهيون بدعنواني جي روڪٿام جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جاري پنهنجي پيغام ۾ سينيٽر روبينہ خالد چيو ته بدعنواني ملڪ جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي ان جي خاتمي لاءِ اجتماعي ڪوششون ضروري آهن عوام جي وسيلن ۾ خيانت ناقابل معافي ڏوهه آهي. ڪرپشن خلاف جنگ ۾ هر شهري جو ڪردار اهم آهي سينيٽر روبينہ خالد چيو ته ديانتدار نظام ئي غريب عوام کي حقيقي سهولت فراهم ڪري سگهي ٿو نوجوان نسل کي بدعنواني خلاف اڳتي وڌڻو پوندو صاف سٿرو نظام ئي اعتماد ۽ ترقي جي ضمانت آهي هن چيو ته بي آءِ ايس پي امداد شفاف ترسيل جي نظام ذريعي مستحقن تائين سڌي ريت پهچائي پئي وڃي.

بقايا 5 گورنر سنڌ

بحالي ۽ معاشي استحڪام لاءِ تمام ضروري آهي هن چيو ته برآمدات ۾ واڌ نه رڳو پرڏيهي مٽاسٽا جي ذخيرن کي مضبوط ڪري ٿي پر نوان روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ صنعتي سرگرمين کي تيز ڪرڻ ۽ عالمي مارڪيٽن ۾ پاڪستان جي مقابلي کي وڌائڻ ۾ پڻ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنر هائوس ڪراچي ۾ 31 هين اسپيشلائيزڊ ٽريننگ پروگرام (ايس ٽي پي) ڪامرس اينڊ ٽريڊ گروپ (سي ٽي جي) جي شرڪت ڪندڙن سان ملاقات ڪندي ڪيو سنڌ جي گورنر چيو ته حڪومت برآمد ڪندڙن لاءِ آسان پاليسيون، ڪاروبار دوست ماحول ۽ عالمي معيار جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي هن زور ڏنو ته بين الاقوامي سطح تي پاڪستاني شين کي موثر طريقي سان متعارف ڪرائڻ لاءِ مارڪيٽنگ، تحقيق، جدت ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي وڌيڪ وڌايو وڃي سنڌ جي گورنر پرڏيهي سيڙپڪاري، واپار ۽ پرڏيهي سڌي سيڙپڪاري (ايف ڊي آءِ) جي اهميت تي زور ڏنو ۽ چيو ته ملڪ جي معيشت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ پرڏيهي سيڙپڪاري کي وڌيڪ هٿي وقت جي ضرورت آهي سيڙپڪارن کي آساني، شفاف قانون ۽ محفوظ ڪاروباري ماحول فراهم ڪرڻ پاڪستان جي معيشت ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو سنڌ جي گورنر کي ٻڌايو ويو ته اهو تربيتي پروگرام ٽريڊ ڊوليپمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان (ٽي ڊي اي پي) جي سرپرستي هيٺ منعقد ڪيو پيو وڃي، جنهن جو مقصد آفيسرن کي بين الاقوامي واپار، جديد ڪسٽم سسٽم، پاليسي سڌارن ۽ معاشي چئلينجن سان لاڳاپيل پيشوراڻا صلاحيتن سان ليس ڪرڻ آهي ملاقات دوران شرڪت ڪندڙن سنڌ جي گورنر کي پنهنجي تربيتي سرگرمين، پاليسي ريسرچ ۽ جاري مطالعي بابت آگاهي ڏني شرڪت ڪندڙن عالمي واپاري رجحانات ۽ پاڪستان جي واپاري ڍانچي ۾ بهتري سان لاڳاپيل مختلف تجويزون پڻ پيش ڪيون انهن چيو ته قانونن ۾ جدت، ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جو بهتر استعمال ۽ ڪاروباري برادري جي سهولت ملڪ جي معيشت کي مستحڪم ڪرڻ ۽ واپاري سرگرمين کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ وقت جي ضرورت آهي ان موقعي تي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري شرڪت ڪندڙن جي تجويزن جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته ڪاروباري، ڪاروباري برادري ۽ صنعتڪار ملڪ جي معاشي ريڙهه جي هڏي آهن. تنهن ڪري انهن کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ ضروري آهي هن چيو ته گورنر هائوس ڪنهن به تجويز ۽ سڌاري لاءِ کليل آهي جيڪا ڪاروبار ڪرڻ ۾ آساني ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري جي فروغ ۾ مددگار ثابت ٿيندي گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽلائيزيشن ذريعي سيڙپڪاري ۽ واپاري شعبي ۾ شفافيت ۽ رفتار آڻڻ ضروري آهي هن پرڏيهي سيڙپڪارن ڪاروباري ماڻهن ۽ صنعتڪارن لاءِ غير ضروري رڪاوٽن کان نجات حاصل ڪرڻ کي حڪومت جي اولين ترجيح قرار ڏنو ساڳئي وقت هن زور ڏنو ته واپاري پاليسين کي عالمي معيارن جي مطابق بڻائڻ ۽ گهريلو سيڙپڪاري لاءِ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ پاڪستان جي معاشي ترقي لاءِ ناگزير آهي هن نوجوان آفيسرن تي پڻ زور ڏنو ته اهي سڌارن تي ٻڌل سوچ کي اڳتي وڌائين ته جيئن پاڪستان مستقبل ۾ خطي جو هڪ مضبوط واپار ۽ سيڙپڪاري جو مرڪز بڻجي سگهي گورنر سنڌ اميد ظاهر ڪئي ته اهي ايس ٽي پي آفيسر ايندڙ سالن ۾ پاڪستان جي معاشي پاليسين، ادارتي سڌارن ۽ عالمي واپار ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هن ٽي ڊي اي پي جي ڪردار جي پڻ تعريف ڪئي جيڪو آفيسرن جي پيشوراڻا صلاحيت کي وڌائڻ لاءِ اثرائتو قدم کڻي رهيو آهي.

بقايا 6 ملاقات

۾ رڪن سنڌ اسيمبلي قاسم سومرو، ڪراچي، حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي جا ڊپٽي ميئر، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ۽ ڊپٽي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪلڪ شرڪت ڪئي ملاقات دوران ورلڊ بئنڪ جي تعاون سان جاري ترقياتي منصوبن جي پيشرفت، فيلڊ ورڪ جي رفتار، شهري انفراسٽرڪچر جي بهتري، روڊن، نالن، نيڪال آب ۽ سالڊ ويسٽ آپريشنز جو جامع جائزو ورتو ويو ناصر حسين شاهه چيو ته ڪراچي هڪ ميگا سٽي آهي ۽ ان جا مسئلا به وڏا آهن پر ورلڊ بئنڪ جي شراڪت سان جاري منصوبن ۾ نمايان تيزي آئي آهي ۽ ڪيترائي منصوبا مڪمل ٿيڻ جي قريب پهچي چڪا آهن هن ٻڌايو ته ڪراچي جي سٽي ڪائونسل جو گڏيل اجلاس طلب ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ورلڊ بئنڪ نمائندا پڻ شرڪت ڪندا، جتي ڪائون چيئرمين پنهنجي ڪارڪردگي، ترقياتي حڪمت عملي ۽ منصوبن جي پيشرفت بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندا ته جيئن شهر لاءِ هڪ متحد ۽ مربوط پلان تيار ڪري سگهجي وزير بلديات چيو ته سنڌ حڪومت مقامي ادارن کي وڌيڪ مضبوط ڪري رهي آهي ڪائون ۽ يوسي سطح تي اختيار وڌايا ويا آهن جڏهن□ته شفافيت، فيلڊ مانيٽرنگ ۽ ڊجيٽل رپورٽنگ سسٽم کي اپگريڊ ڪيو پيو وڃي هن وڌيڪ ٻڌايو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جون واضح هدايتون آهن ته شهري سهولتون عوام جي گهرن تائين پهچايون وڃن ۽ بلدياتي نظام کي جديد تقاضائن موجب مڪمل طور فعال بڻايو وڃي ملاقات دوران فنڊز جي شفاف استعمال، ڪنٽريڪٽرز جي ڪارڪردگي پروجيڪٽ ٽائم لائين ورلڊ بئنڪ جي ٽيڪنيڪل معاونت، نالو آپريشن، روڊن جي بحالي شهري شڪايتن جي تڪڙي حل لاءِ اسمارٽ ماڊيول ۽ فيلڊ انسپيڪشن جي نون طريقن بابت اهم فيصلا ڪيا ويا ناصر حسين شاهه ورلڊ بئنڪ جي شراڪت جي ساراهه ڪندي چيو ته ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ترقياتي منصوبن جي ڪاميابي جديد شهري خدمتن جي فراهمي ۽ مضبوط بلدياتي ڍانچي جي قيام ۾ ورلڊ بئنڪ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

بقايا 7 محمد بخش مهر

بخش مهر پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته بدعنواني ڪنهن به سماج جي ترقي، انصاف ۽ شفافيت ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي هي ڏينهن اسان کي ياد ڏياري ٿو ته هڪ مضبوط، ايماندار ۽ ذميوار نظام ئي عوام جو اعتماد بحال ڪري سگهي ٿو" سردار محمد بخش مهر چيو ته سنڌ حڪومت پرعزم آهي ته صوبي مان ڪرپشن جو خاتمو آڻي ادارن ۾ شفافيت کي هٿي ڏني وڃي ۽ قانون جي بالادستي کي يقيني بڻايو وڃي اسان جي پهرين ترجيح اها آهي ته هر کاتي ۾ احتساب جي اثرائتي نظام کي مضبوط ڪيو وڃي، جيئن بدعنوان عنصرن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سگهجي ۽ عوام کي هڪ اهڙو نظام ملي جتي خدمت، ديانت ۽ انصاف کي اوليت حاصل هجي هن سمورن سرڪاري عملدارن ادارن ۽ شهرين کي اپيل ڪئي ته هو بدعنواني جي خلاف هن جدوجهد ۾ حڪومت جو ساٿ ڏين وزير اينٽي ڪرپشن وزير چيو ته ڪرپشن کان پاڪ سنڌ ئي ترقي يافته ۽ روشن مستقبل جي ضامن آهي پنهنجي پيغام ۾ هن نوجوانن تي به زور ڀريندي چيو ته نوجوان اسان جو مستقبل آهن کين گهرجي ته هو تعليم، ديانت داري ۽ مثبت ڪردار کي پنهنجو هٿيار بڻائين ۽ ڪرپشن جي خلاف آواز بلند ڪن نوجوان نسل ادارن کي مضبوط ڪرڻ ۽ هڪ شفاف، روشن ۽ ترقي يافته سنڌ جو بنياد رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري.

بقايا 8 حسنين چوهاڻ

وڌندڙ منشيات فروشي ۽ ان جي تباهه ڪن اثرن تي شديد ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته شهر جي هر گهٽي ۽ پاڙي ۾ هر قسم جي منشيات آساني سان ملي ٿي، جڏهن ته ماوا، گٽڪا، انڊين گٽڪا ۽ ٻيون عام نشو آور شيون به دڪانن ۽ ڪيبنن تي کليل عام وڪرو ٿي رهيون آهن، جڏهن ته لاڳاپيل پوليس ڪارروائي ڪرڻ بدران ڀڳي رشوت وٺي خاموش رهندي آهي. هن چيو ته منشيات جي استعمال سبب نوجوانن جي وڏي تعداد پنهنجون زندگيون تباهه ڪري ڇڏيون آهن ۽ منشيات جي واهپي جي ڪري چورين، وارداتن ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ خطرناڪ حد تائين اضافو ٿي چڪو آهي ايڊووڪيٽ حسنين علي چوهاڻ چيو ته ڪراچي جي پوش علائقن ۾ به منشيات جو استعمال تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي، جڏهن ته هاڻ ته آن لائن منشيات جي خريد و فروخت صورتحال کي وڌيڪ سنگين بڻائي ڇڏيو آهي. هن چيو ته تعليمي ادارن ۾ منشيات جي موجودگي انتهائي ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي ۽ ان جي روڪٿام لاءِ فوري ۽ سخت قدم کڻڻ ضروري آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۾ لڳ ڀڳ ست ملين کان وڌيڪ ماڻهو منشيات استعمال ڪن ٿا ۽ روزانو سوين ماڻهو منشيات جي پيچيدگين سبب مرن ٿا، پر حڪومت سطح تي صرف پابنديون لڳائڻ تائين معاملو محدود آهي، عملي قدم اڃا به نظر نٿا اچن. هن چيو ته هڪ جائزي مطابق ڪراچي نيويارڪ کان پوءِ دنيا جو ٻيو وڏو شهر قرار ڏنو وڃي ٿو جتي منشيات جو استعمال سڀ کان وڌيڪ آهي ۽ هر ڇوٿون گهر هن لعنت جي لپيٽ ۾ آهي، جيڪو شهر جي مستقبل بابت سنگين سوال پيدا ڪري ٿو. ايڊووڪيٽ حسنين علي چوهاڻ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته منشيات فروشن ۽ آن لائن ڊرگ نيٽ ورڪن خلاف موثر ۽ وڏين ڪارروائين جو آغاز ڪيو وڃي. گڏوگڏ منشيات جي عادتن ۾ مبتلا ماڻهن جي بحالي لاءِ خاص سرڪاري مرڪز قائم ڪيا وڃن، جيئن انهن کي صحتمند ۽ فعال شهري بڻائي سگهجي. هن چيو ته منشيات جي خاتمي سان ڏوهن ۾ نمايان گهٽتائي اچي سگهي ٿي ۽ شهر جي امن امان جي صورتحال بهتر ٿي سگهي ٿي.

بقايا 9 آصف زرداري

ڪن. پاڪستان جو آئين هر شهري کي ذات، نسل، مذهب يا رنگ جي فرق کانسواءِ آزادي جي ضمانت ڏئي ٿو پاڪستان حڪومت انساني حقن جي تحفظ ۽ فروغ جي لاءِ پرعزم آهي ۽ سمورن شهرين جي آزادي، وقار ۽ خودمختياري جي تحفظ جي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکيون آهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته اسان ان ضرورت کي تسليم ڪريون ٿا ته ڪمزور ۽ پٺتي پيل طبقن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ۽ انهن جي حقن جي تحفظ جي لاءِ قانوني، معاشي ۽ سماجي ڍانچي کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي هن چيو ته اڄ جي ڏينهن اسان هر ماڻهو جي عزت، برابري ۽ انصاف جي تحفظ جي عزم جو ورجاءُ ڪريون ٿا، ڀلي ان جو تعلق ڪنهن به نسل، مذهب، جنس، ٻولي يا سماجي حيثيت سان هجي. صدر چيو ته هي ڏينهن اسان کي ان عزم جي ياد ڏياري ٿو ته اسان سڀ انساني حقن جي فروغ ۽ تحفظ جي لاءِ ڪوششون جاري رکون اسان جو مذهب انساني وقار، ٻين جي احترام ۽ سمورن انسانن جي آزادي ۽ برابري کي تمام گهڻي اهميت ڏي ٿو هن چيو ته اسان جو عزم اسان جي عمل ۾ ڏسڻ ۾ اچي اسان کي احترام برداشت ۽ گڏيل وقار جو هڪ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻو پوندو جتي هر ماڻهو پاڻ کي محفوظ ۽ بااختيار محسوس ڪري صدر آصف علي زرداري چيو ته اسان کي پنهنجي ماڻهن خاص طور تي عورتن، ٻارن، اقليتن ۽ خصوصي ماڻهن کي قومي زندگي ۾ ڀرپور شرڪت جي قابل بڻائڻو پوندو. اسان کي سول سوسائٽي، انساني حقن جي علمبردارن، قومي ادارن ۽ عالمي حصيدارن سان گڏجي پنهنجي گڏيل قدرن جو تحفظ ڪرڻو پوندو هن چيو ته قائداعظم محمد علي جناح پاڪستان کي هڪ اهڙي رياست جي طور تي تصور ڪيو هو جتي هر مذهب ۽ پس منظر سان تعلق رکندڙ ماڻهو هم آهنگي، وقار سان رهي سگهن ان ويزن جو احترام ڪرڻ ۽ هڪ وڌيڪ جامع معاشرو جوڙڻ اسان جي گڏيل ذميواري آهي صدر سرڪاري ادارن، سول سوسائٽي، ميڊيا، غيرسرڪاري تنظيمن ۽ شهرين کي اپيل ڪئي ته اهي ملڪ ۾ انساني حقن جي تحفظ ۽ فروغ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن هن گڏيل قومن کي پڻ ان ڏينهن کي عالمي سطح تي ملهائڻ تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته اچو ته اسان انساني حقن جي عالمي ڏينهن تي ان وچن جو ورجاءُ ڪريون ته اسان انساني وقار جو دفاع ڪنداسين، برابري کي فروغ ڏينداسين ۽ هڪ اهڙو پاڪستان ٺاهينداسين جتي هر شهري خوف، ڏاڍ ۽ فرق کان آزاد زندگي گذاري سگهي صدر دعا ڪئي ته هي ڏينهن اسان کي بطور قوم ۽ بطور عالمي برادري ان ڳالهه طرف راغب ڪري ته اسان سڏائين انساني حقن جي بالادستي کي برقرار رکون هن چيو ته الله تعاليٰ اسان کي ڪمزور ۽ پٺتي پيل طبقن جي تحفظ جي ڪوشش ۾ ڪاميابي عطا فرمائي

بقايا 10 فوت

نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 20 ڄڻا فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق سينٽرل جڪارتہ پوليس جي سربراهه سوساٽيو پورنو موڪوندرو ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته باهه کي وسائي ڇڏيو آهي جڏهن ته عمارت اندر وڌيڪ متاثرين جي ڳولا جاري آهي متاثر عمارت ٽيرا ڊرون انڊونيشيا جي آفيس طور تي استعمال ٿي رهي هئي، جيڪا سروي مقصد لاءِ ڊرون سروس فراهم ڪرڻ واري ڪمپني آهي.

بقايا 11 ڳالهيون

انڊونيشيا جي صدر پرابووو سبيانٽو سان ملاقات ڪئي. پاڪ فوج جي شعبي (آءِ ايس پي آر) موجب ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن علائقائي سيڪيورٽي صورتحال ۽ ٻه طرفي دفاعي سهڪار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ٻنهي ڌرين ٻنهي ملڪن جي هٿيارٻند فوج وچ ۾ موجود دوستاڻن ناتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو معزز مهمان پاڪ فوج جي پيشيوراڻي صلاحيت کي ساراهيو ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي وٺرائڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار جو اعتراف ڪيو آرمي چيف ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان انڊونيشيا سان پراڻن ناتن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو تربيت، دهشتگرديءَ جي روڪٿام ۽ صلاحيتن ۾ واڌ جي شعبن ۾ دفاعي سهڪار کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ جا خواهشمند آهي

بقايا 12 قراردادون منظور

ميمبرن جي ڏينهن جي موقعي تي سنڌ ۾ بدامني بابت پيش ڪيل قرارداد رد ڪئي وئي. جڏهن ته شهيد ملت لياقت علي خان جي ورسي تي عام موڪل جو مطالبو ڪندڙ ۽ حيسڪو جي خلاف مخالف ڌر جي ميمبرن جي قراردادن کي منظور ڪيو ويو. ايوان ۾ ٻارن جي شادين خلاف به قرارداد منظور ڪئي وئي ايوان جي ڪارروائي دوران جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق صوبي ۾ امن امان جي خراب صورتحال تي پنهنجي قرارداد پيش ڪندي چيو ته صوبي ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪيو وڃي. گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار قرارداد جي مخالفت ڪئي ۽ چيو ته اها قرارداد سياق و سباق کان ٻاهر پيش ڪئي وئي آهي سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال خراب ناهي، هن وقت سنڌ ۾ ڪو به آپريشن نه ٿي رهيو آهي. جڏهن ته پوليس ڪالهه 13 ماڻهن کي هني ٽريپ مان بچائي ورتو آهي هن چيو ته گهوٽڪي جي ڪچي واري علائقي ۾ ماڻهو شادي ڪرڻ لاءِ ايندا آهن، ماڻهن کي عورتن جي آوازن ۾ ٽيليفون تي گهرايو ويندو آهي اتي ماڻهو ٺڳي سان ويندا آهن اتي شادي يا پيار نه ٿيندو آهي پر هڪ هني ٽريپ ٿيندو رهيو آهي. گهرو وزير چيو ته ڪراچي جو هڪ ماڻهو ڪچي واري علائقي ۾ وڃي رهيو آهي ته ڪيس خبر هجڻ گهرجي ته اتي ڪو به شادي بيورو ناهي. ضياءُ الحسن لنجار چيو ته گهوٽڪي ۽ صادق آباد ۾ ماڻهن کي هني ٽريپ ڪيو پيو وڃي.ان خلاف اسان مڪمل آپريشن ڪري رهيا آهيون هن چيو ته اسان پنجاب حڪومت کي اپيل ڪنداسين ته بهاولپور ۾ فرار ٿيل ڌاڙيلن تي نظر رکي وڃي هن چيو ته سنڌ ۾ موٽر وي محفوظ آهي. اڄ شڪارپور ۾ منشيات فروشن سان مقابلو ٿيو جنهن ۾ ٻه ڊي ايس پي پوليس زخمي ٿيا، ٻئي هن وقت زندگي ۽ موت جي حالت ۾ ساهه کڻي رهيا آهن آهي ضياءُ الدين اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن گهرو وزير چيو ته مان انهن بهادر پوليس آفيسرن کي سلام پيش ڪريان ٿو هن چيو ته ڪراچي ۾ ڏوهن جو تناسب گهٽجي رهيو آهي اسان خودڪش بمبارن کي به پڪڙيو آهي سنڌ صوبي جي سي ٽي ڊي پوليس سرگرم آهي. گهرو وزير چيو ته سنڌ ۾ امن امان پيپلز پارٽي جي حڪومت جي اولين ترجيح آهي بعد ۾ ايوان اڪثريت ووٽ سان قرارداد کي رد ڪري ڇڏيو پرائيويٽ ميمبرن جي ڏينهن جي موقعي تي ايم ڪيو ايم جي ميمبر عامر صديقي ايم-9 موٽر وي جي خراب حالت تي هڪ قرارداد پيش ڪندي چيو ته اهو غير محفوظ آهي جنهن جي ڪري حادثا هر روز ٿين ٿا اسان وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪريون ٿا ته ايم-9 موٽر وي جي حالت بهتر ڪئي وڃي. پارلياماني معاملن جي وزير قرارداد جي مخالفت ڪندي چيو ته ايم ڪيو ايم دوست هن قرارداد کي قومي اسيمبلي ۾ کڻي وڃن يا ايم ڪيو ايم جا وزير هن ڪيس کي وفاقي حڪومت اڳيان کڻي وڃن هن چيو ته قومي شاهراهن جي صورتحال اهڙي آهي جو ڳوٺن تائين به پهچي نه ٿو سگهجي هن چيو ته سنڌ ۾ موٽر وي نالي ڪا به شيءِ موجود ناهي. هن ايم ڪيو ايم ميمبر اسيمبلي کان پڇيو ته هو پنهنجي پارٽي جي وفاقي وزيرن کي موٽر وي جو مسئلو اٿارڻ لاءِ چوي. جنهن تي عامر صديقي چيو ته "ڇا هي اسان جي اسيمبلي ناهي؟ ڇا اسان کي هن اسيمبلي مان اٿي هليو وڃڻ گهرجي؟" ضيا لنجار چيو ته شهر اندر روڊ سنڌ حڪومت ٺاهي رهي آهي هن چيو ته موٽر وي پوليس جي صورتحال اها آهي جو حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ موٽر وي پوليس نظر نٿي اچي. آءِ جي موٽر وي کي پنجاهه پيرا ڪجهه ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي.سنڌ حڪومت کي هاءِ وي پوليس ٺاهڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي. هن امير صديقي کي چيو ته مهرباني ڪري اهڙا مسئلا وزيراعظم اڳيان رکيا وڃن هي قرارداد سنڌ اسيمبلي ۾ ڪنهن به ڪم جي ناهي سنڌ اسيمبلي موٽر وي بابت امير صديقي جي قرارداد کي رد ڪري ڇڏيو آهي ايوان جي ڪارروائي دوران ايم ڪيو ايم ميمبر صابر قائمخاني حيسڪو جي خراب ڪارڪردگي بابت قرارداد پيش ڪئي هن چيو ته گذريل ڇهن مهينن دوران حيسڪو جي ڪارڪردگي تمام خراب رهي آهي. ڪن ڏينهن کان حيدرآباد ۾ بجلي ناهي. حيسڪو جي خراب رويي کي درست نه ٿو ڪيو وڃي هن چيو ته حيسڪو وٽ ٽرانسفارمر تبديل ڪرڻ جي صلاحيت ناهي، حيسڪو جي موجوده انتظاميه عوام دشمن آهي پارلياماني سيڪريٽري قاسم سراج سومرو چيو ته حيسڪو جي معاملن تي ڪميٽي ٺاهي وڃي ۽ ماڻهو ڪميٽي ذريعي پنهنجون تجويزون پيش ڪن پيپلز پارٽي جي هير سوهو چيو ته اسان هن قرارداد جي حمايت ڪري رهيا آهيون ضياءُ الحسن لنجار چيو ته حيسڪو جي حوالي سان هڪ ڪميٽي ٺاهي وڃي ۽ ان ۾ لاڳاپيل علائقي جي ميمبرن کي ڪميٽي ۾ شامل ڪيو وڃي. سنڌ اسيمبلي متفق طور تي حيسڪو خلاف قرارداد منظور ڪئي ايوان جي ڪارروائي دوران سنڌ اسيمبلي ايم ڪيو ايم جي ميمبر قرة العين مسجدن جي امامن لاءِ وظيفو مقرر ڪرڻ بابت پنهنجي قرارداد واپس وٺي ڇڏي ايوان پيپلز پارٽي جي مليحہ منظور پاران ڇوڪرين جي ننڍي عمر ۾ شادي بابت هڪ قرارداد منظور ڪئي هن چيو ته ڪو به ڇوڪرو يا ڇوڪري 18 سالن کان گهٽ عمر ۾ شادي نٿو ڪري سگهي سنڌ ٻارن جي شادي جو قانون پاس ڪيو آهي جيڪو 2013 ۾ منظور ڪيو ويو هو هاڻي بلوچستان ۾ به اهو قانون پاس ڪيو ويو آهي هن چيو ته سنڌ مان ڇوڪرين کي ٻين صوبن ۾ کڻي وڃي شادي ڪرائي ويندي آهي عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير شاهينہ شير علي چيو ته سنڌ مان 16 سالن کان گهٽ عمر جي ڇوڪرين کي پنجاب يا ڪي پي کڻي وڃي شادي ڪرائي ويندي آهي، پنجاب ۾ اڃا تائين 16 سالن جو قانون موجود آهي هن تجويز ڏني ته آئين بهتر ٿيندو جيڪڏهن پنجاب ۽ ڪي پي به قانون پاس ڪيو وڃي. مان هن قرارداد جي حمايت ڪريان ٿي. سنڌ اسيمبلي ٻارن جي شادين تي قرارداد پاس ڪئي وئي ايم ڪيو ايم ميمبر اعجاز الحق اورنگي ٽائون ۾ قبضا مافيا جي سرگرمين خلاف قرارداد واپس وٺي ڇڏي، حڪومت جي يقين ڏيارڻ کان پوءِ ايم ڪيو ايم ميمبر جي شڪايت جو ازالو ڪيو ويندو ايوان شهيد لياقت علي خان جي ورسي بابت پيش ڪيل قرارداد منظور ڪري ورتي.

بقايا 13 شاندار استقبال

پهچڻ تي گرمجوشي سان استقبال ڪيو ويو وزيراعظم محمد شهباز شريف انڊونيشيا جي صدر جو استقبال ڪيو ۽ ٻنهي اڳواڻن گرمجوشي سان هٿ ملايو. اڱاري ڏينهن وزيراعظم هائوس پهچڻ تي انڊونيشيا جي صدر جي اعزاز ۾ هڪ باضابطه آجياڻي واري تقريب منعقد ڪئي وئي. هٿيارٻند فوج جي دستي گارڊ آف آنر پيش ڪيو انڊونيشيا جي صدر گارڊ آف آنر جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ٻنهي ملڪن جا قومي ترانا پڻ وڄايا ويا. انڊونيشيا جي صدر پنهنجي وفد جي ميمبرن جو وزيراعظم محمد شهباز شريف سان تعارف ڪرايو جڏهن ته وزيراعظم شهباز شريف ڪابينا جي ميمبرن جو انڊونيشيا جي صدر سان تعارف ڪرايو. انڊونيشيا جي صدر وزيراعظم هائوس جي اڱڻ ۾ بوٽو پڻ لڳايو

بقايا 14 ٺهراءُ منظور

۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان تي پابندي لڳائڻ جو ٺهراءُ منظور ڪيو ويو. اجلاس دوران ن ليگ ميمبر طاهر پرويز طرفان پيش ڪيل ٺهراءُ منظور ڪيو ويو، جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو ته عمران خان تي پابندي لڳائي وڃي ٺهراءُ ۾ چيو ويو ته ملڪي سلامتي ۽ استحڪام خلاف هر محاذ تي ڪم ڪندڙ ماڻهن ۽ جماعتن خلاف سخت قدم کنيا وڃن ٺهراءُ ۾ اهو به زور ڏنو ويو ته اهڙا ماڻهو جيڪي دشمن ملڪ ڀارت جي مفادن لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن انهن کي سزا ڏني وڃي ٺهراءُ ۾ وڌيڪ چيو ويو ته ڀلي اهو ليڊر ڪنهن به سياسي يا غير سياسي پارٽي سان واسطو رکندڙ هجي، اهو قانوني ڪارروائي کي منهن ڏئي ۽ ڪيس سزا ملڻ گهرجي پنجاب اسيمبلي ملڪي استحڪام ۽ حفاظت لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن انهن جي سربراهن ۽ نوجوانن کي خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا 15 شرجيل ميمڻ

ٽرانسپورٽ بابت رٿائن جي مالي مدد ۽ مستقبل جي اهم قدمن تي خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات جي موقعي سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن ۽ ٽرانس ڪراچي جو سي اي او فواد غفار سومرو پڻ موجود هو ايشين ڊوليپمينٽ بينڪ جي وفد ملاقات جي موقعي تي ٽرانسپورٽ جي جاري رٿائن ۽ مستقبل ۾ ٽرانسپورٽ ۽ موبلٽي جي وڌيڪ منصوبن ۾ مدد جي خاطري ڪرائي ان موقعي تي ڳالهائيندي سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ سرڪار پاڪستان ۾ پهرئين ڀيري بايو گيس تي هلڻ واريون بسون هلائي پئي، ڪراچي جي لاءِ بايو گيس تي هلڻ وارين بسن جي خريداري وارو عمل شروع ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته سنڌ حڪومت جي ترجيح اها آهي ته بايو گيس تي هلڻ واريون بسون نه رڳو جديد هجن پر آءِ ٽي ايس تي به ٻڌل هجن

بقايا 16 سردار عبدالرحيم

جنرل سردار عبدالرحيم سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته بدعنواني جي خاتمي جا حڪومتي دعوا صرف عوام کي بيوقوف بڻائڻ برابر آهن. سردار عبدالرحيم چيو ته سنڌ جا تقريباً سمورا کاتا بدعنواني جي لپيٽ ۾ آهن، جتي اهڙا ماڻهو مقرر ڪيا ويا آهن، جڻ ته "ٻلي کي کير جي رکوالي تي ويهاريو ويو هجي صحت، تعليم سميت هر شعبي ۾ رشوت عام آهي. نوڪريون پيسي تي وڪرو ٿيون ٿيون، تعليمي ڊگريون به پيسن جي عيوض ملن ٿيون. اسپتالن ۾ ڊاڪٽر موجود ناهن، دوائون صرف نجي ميڊيڪل اسٽورن تان ئي ملن ٿيون. انصاف به خريد ڪري سگهجي ٿو ۽ بنا رشوت جائز ڪم به ڏکيو ڪيو ويو آهي. آبپاشي واري کاتي ۾ به زمينن کي فصل لاءِ پاڻي ڏيڻ جي عيوض رشوت ورتي وڃي ٿي. هن چيو ته بدعنواني جي هن منظم نظام سبب غريب عوام روزانو اذيتون ڀوڳي رهيا آهن، جڏهن□ته وزيرن جا اعلان ۽ تقريرون رڳو عوام کي ڌوڪو ڏيڻ برابر آهن.

بقايا 17 وجي ڪمار

کي تعليم سان گڏ پنهنجي تهذيبي ۽ ثقافتي روايتن کي به زنده رکڻ گهرجي. اهڙن خيالن جو اظهار زيبسٽ يونيورسٽي گهارو ڪيمپس جي هيڊ آف ڪيمپس پروفيسر وجي ڪمار گرين اسڪول سسٽم گلشن حديد ۾ منعقد ٿيل ثقافتي تقريب دوران صدارتي خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته والدين کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن انسان تي ڪو وڏو احسان آهي ته اهو استاد جو آهي جيڪو انسان کي لاشعوري حالت مان شعوري حالت ڏانهن وٺي وڃي ٿو پروفيسر وجي ڪمار شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تقريرن، ملي نغمن ۽ ٽيبلوز جي واکاڻ ڪندي گرين اسڪول سسٽم جي انتظاميه ۽ استادن کي مبارڪباد ڏني.

بقايا 18 ڌرڻو

ناڪي تي روڪيو عليما خان ڪارڪنن کي پرسڪون رهڻ جي هدايت ڪئي ۽ کين ناڪي کان پوئتي هٽائيندي رهي. عليما خان چيو ته پوليس سان اسان جو ڪو جهيڙو ناهي، پوليس وارا اسان جا ڀائر آهن. ڪارڪنن کي ان ڪري پوئتي ڪري رهي آهيان ڇو ته عورتون گڏ آهن پوليس وارا پاڻ پريشان آهن هن چيو ته ملاقات جي اجازت عرصي کان نه پئي ڏني وڃي، گذريل ملاقات تي ڪا سياسي گفتگو نه ٿي، پي ٽي آءِ باني کي ڪنهن جي حڪمن تي قيد ۾ رکيو ويو آهي؟ اسان ملاقات لاءِ آياسين، گذريل هڪ مهيني کان ان ئي مقصد لاءِ اچي رهيا آهيون عمران خان جي ڀينرن اڊيالا جيل پرسان فيڪٽري ناڪي تي ڌرڻو هڻي ڇڏيو جنهن ۾ قومي اسيمبلي ميمبر جنيد اڪبر، شاهد خٽڪ، خيبر پختونخواهه ڪابينا جا ميمبر مينا خان، شفيع جان ۽ ٻيا اڳواڻ موجود آهن اڊيالا جيل ويندڙ رستو بند آهي ۽ پوليس جي وڏي تعداد فيڪٽري ناڪي تي موجود آهي

بقايا 19 مرتضيٰ وهاب

پيو وڃي. خميسو گوٺ جي روڊ جو افتتاح ڪجهه ڏينهن ۾ ڪيو ويندو ملير ۽ گڏاپ جا پمپنگ اسٽيشن سولر تي منتقل ڪيا ويا آهن جنهن سان 56 ڳوٺن کي فائدو پيو پهچي شهر ۾ نوان قبرستان ٺاهڻ وارا آهيون، زمين ملندي ئي ڪم شروع ڪيو ويندو، ان سلسلي ۾ ڪابينا ڏانهن سمري موڪلي وئي آهي. هن چيو ته جيڪڏهن ڪو قبرستان انتظاميه اضافي فيس وٺي ته KMCهيلپ لائن تي شڪايت ڪريو مين هول ڪورن جي چوري بابت پوليس جي مدد ورتي ويندي سٽي وارڊنز روزانو شهر ۾ نوان ڍڪڻ لڳائي رهيا آهن 208 نوان ڍڪڻ جماعت اسلامي جي UCوارن علائقن ۾ لڳايا ويا آهن.هي ڳالهه هن اڱاري ڏينهن ضلعي اولهه، سرجاني ٽائون ۾ ڪريمي چوڪ منگهو پير جي UC-38 ۽UC-39 ۾ سيوريج نظام جي بحالي ۽ پيور بلاڪس سميت مختلف منصوبن جي افتتاح دوران ڪئي. ان موقعي تي پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري رئوف ناگوري، سٽي ڪائونسل ۾ ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، جمن دوران UCچيئرپرسن زبيده، وائس چيئرمين ۽ ٻيا چونڊيل نمائندا پڻ موجود هئا ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته: "مون کي ڪنهن جي چوڻ تي استعيفيٰ نه ڏيندس، هي منهنجو شهر آهي، هتي ئي رهندس."

بقايا 20 منتقل

جي هڪ نجي اسپتال منتقل ڪيا ويا جتي انهن جو علاج جاري آهي

بقايا 21 ساراهه

بهادري کي ساراهيندي چيو ويو آهي ته ڌاڙيلن خلاف ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن حڪومت امن امان جي قيام لاءِ پوليس سان ڪلهي سان ڪلهو ڏئي بيٺي آهي. ساڳئي وقت ڊي آءِ جي سکر فيصل عبدالله چانڊيو اسپتال پهچي زخمين جي حالت بابت جاڻ حاصل ڪئي ۽ سندن جلد صحتيابي لاءِ نيڪ تمنائن ظاهر ڪيون

بقايا 22 زخمي

ساراهه پڻ ڪئي وئي زخمين کي فوري طور سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو تفصيل موجب، شڪارپور جي اسٽورٽ گنج ٿاڻي جي حدن ۾ منجهو شاهه پير وٽ ڌاڙيلن جي موجودگي بابت اطلاع تي پوليس آپريشن ڪيو. آپريشن دوران پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلي دوران ڌاڙيلن جي فائرنگ ۾ ڊي ايس پي سٽي ميڊم پارس بکراني، سندن مڙس ۽ ڊي ايس پي گڙهي ياسين ظهور سومرو سميت چار پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا. پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ 9 ڌاڙيل مارجي ويا. پوليس موجب ماريل ڌاڙيلن ۾ شهزاد، شهمون، امداد، ساجد، اويس، ياسين، آصف، ڪراڙو ۽ ٻيا شامل آهن.

بقايا 23 گرفتار

آندو ويو اطلاع ملڻ بعد ايس ايس پي شبير احمد سيٺار ۽ اي ايس پي در تابش فوري طور پي ايم يو اسپتال نوابشاهه پهتا انهي موقعي تي زخمي ليڊي پوليس ڪانسٽيبل رخسانه مشوري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان رڪشا تي ورمين ٿاڻي تي ڊيوٽي تي وڃي رهي هيس ته 4 موٽرسائيڪل تي سوار هٿ ٺٺل هٿيار بندن منهنجو پيڇو ڪيو 2 موٽرسائيڪلون رڪشا جي اڳيان آيون ۽ ٻن موٽرسائيڪلن تي سوارن پويان مونکي گوليون هنيون هن چيو ته اظهر لاکي نالي شخص مونکي ڌمڪيون ڏيندو هو ته توکي ماري ڇڏينداسين ٽون مشورين جو ساٿ ٿي ڏي اي ايس پي در تابش ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جيئن مونکي خبر پئي مان فورن اسپتال پهتي آهيان هڪ پوليس واري تي حملو ڪرڻ ناقابل برداشت عمل آهي هن چيو ته مان ان ڪري اتي پهتي آهيان ته جيئن اهڙو ٻيو واقعو پيش نه اچي سگهي

بقايا 24 ضياءُ الحسن لنجار

مارڻ ۾ ڪامياب ٿي وزير داخله سنڌ ضياءُ الحسن لنجار شڪارپور ايس ايس پي ۽ پوليس ٽيم جي بهادري ۽ ڪارڪردگي کي شاباش ڏني وزير داخله سنڌ ضياءُ الحسن لنجار ڊي ايس پي پارس بکراڻي ۽ ڊي ايس پي ظهير سومرو جي بهادري کي سلام ڪندي چيو ته پوليس عوام جي تحفظ لاءِ پنهنجي جان جو پرواهه نه ڪندي، قانون جي عملداري کي يقيني بڻايو ضياءُ الحسن لنجار وڌيڪ چيو ته ڊاڪوسن ۽ جرائم پيشه ماڻهن خلاف ڪارروايون جاري رکڻ گهرجن ۽ ڊي ايس پي پارس بکهراڻي ۽ ڊي ايس پي ظهير سومرو کي بهترين طبي سهولتون مهيا ڪيون وڃن وزير داخله سنڌ جو چوڻ آهي ته سنڌ حڪومت هر حال ۾ پوليس جي حمايت ڪري ٿي ۽ بهادر سنڌ پوليس هڪ دفعو ٻيهر ثابت ڪري چڪي آهي ته قانون جي عملداري سڀ کان اهم آهي.

بقايا 25 احتجاج

جي واقعي کان پوءِ الزام هيٺ آيل لاڪا برادري پاران نوابشاهه پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج دوران سهيل لاڪو ۽ شوڪت علي لاڪو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس بنا جواز اسان جي ڳوٺ لاڪا آباد تي چڙهائي ڪئي جنهن دوران چار ديواري جو تقدس پائمال ڪيو ويو، هنن الزام هنيو ته پوليس عورتن، معصوم ٻارڙن ۽ مردن کي گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو آهي جيڪو سراسر ظلمن تي ٻڌل عمل آهي. مظاهرين چيو ته ليڊي پوليس ڪانسٽيبل تي فائرنگ واري واقعي سان اسان جو ڪو به تعلق ناهي.

بقايا 26 نوجوان قتل

ڀاءُ سان گڏ موٽرسائيڪل تي گهر وڃي رهيو هو ته اوچتو سندس مٿي ۾ گولي لڳي ريسڪيو اهلڪارن جو چوڻ آهي ته نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي پوليس موجب فوت ٿيل نوجوان ۽ سندس ڀاءُ ڊيفنس فيز 2 ۾ هڪ ميڪينڪ جي دڪان تي ڪم ڪندا هئا ۽ واقعي وقت ٻئي بلديا ٽائون ڏانهن وڃي رهيا هئا.

بقايا 27 آگاهي واڪ

آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو. واڪ ۾ چيئرمين اينٽي ڪرپشن سيد ذوالفقار علي شاهه، سيڪريٽري اوقاف مريد راهمون، ڊي جي اينٽي ڪرپشن امتياز ابڙو سميت وڏي تعداد ۾ آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي. هي واڪ اينٽي ڪرپشن ڪورٽ کان شروع ٿي پيپلز اسڪوائر سنڌ سيڪريٽريٽ گيٽ تائين ڪڍي وئي، جنهن ۾ بدعنواني جي خاتمي لاءِ ڀرپور نعرا به هنيا ويا.

بقايا 28 اگهه وڌائي ڇڏيا

مارڪيٽنگ ڪمپنين ۽ ڊيلرز جي مارجن ۾ واڌ جي منظوري ڏني. پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ في ليٽر 2 رپيا 56 پيسا تائين واڌو بار پوندو جڏهن ته هڪ رپيو 28 پيسا في ليٽر جو واڌو بار فوري طور تي منتقل ٿيندو ذريعن جو چوڻ آهي ته پيٽرول جي في ليٽر تي او ايم سي مارجن هڪ رپيو 22 پيسا تائين وڌي ويندو جڏهن ته ڊيزل جي في ليٽر تي ڊيلرز جي ڪميشن ۾ هڪ رپيو 34 پيسا جي واڌ ٿي ويندي. اي سي سي طرفان جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب پيٽروليم شين تي ڊيلرز ۽ او ايم سيز مارجنز ۾ 5 کان 10 سيڪڙو وچ ۾ واڌ منظور ڪئي وئي.

بقايا 29 وزيراعظم

۽ ترقي لاءِ ضروري قدمن تي عمل ڪري رهيو آهي سڌارن جي ايجنڊا کي لاڳو ڪرڻ ۽ اقتصادي ترقي جي راهه هموار ڪرڻ ۾ آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي مدد جو اهم ڪردار آهي اهو وقت پري ناهي جڏهن پاڪستان پنهنجي قرضن مان مڪمل طور تي نجات حاصل ڪري معاشي طور تي پاڻيرو ٿيندو وزيراعظم محمد شهباز شريف مالياتي بدعنواني کي ختم ڪرڻ جي لاءِ قدمن کي وڌيڪ منظم انداز ۾ جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته نيب کي پنهنجو ڪم شفافيت سان جاري رکڻ جي مڪمل ادارجاتي آزادي حاصل آهي. وفاقي حڪومت نيب جي ذريعي سياسي انتقام تي يقين نه ٿي رکي اهڙن خيالن جو اظهار هن وزيراعظم هائوس اسلام آباد ۾ بدعنواني جي خاتمي جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان منعقد تقريب کي خاص مهمان جي حيثيت سان خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار، ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ نيب جي آفيسرن ڊي جي ايف آءِ اي، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي سربراهن سرڪاري آفيسرن ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 30 ڦاهي ڏني وئي

مالياتي اداري هوارونگ انٽرنيشنل هولڊنگز جي اڳوڻي جنرل مئنيجر باءِ ٽيانهوئي کي رشوت جي الزام ۾ ڦاهي ڏني وئي آهي ان تي 2014 کان 2018ع دوران پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو وٺندي 1.1 ارب يوان (156 ملين ڊالرن) جي رشوت وٺڻ جو الزام هو.

بقايا 31 اطمينان

ٻڌل رپورٽ تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سروي موجب عوام جي وڏي انگ اها راءِ ڏني آهي ته اسان جي حڪومت جي دوران انهن کي ڪرپشن کي منهن ڏيڻو پيو عوام جي اها راءِ ڪرپشن جي خلاف جنگ ۽ شفافيت جي فروغ جي حوالي سان اسان جي ڪوشش جو اعتراف آهي. ملڪ جي معيشت جي وڌيڪ بهتري، عوام کي بهترين خدمتن جي فراهمي ۽ ڪرپشن جي مڪمل خاتمي جي لاءِ پرعزم آهيون

بقايا 32 اتفاق

موڪلڻ تي اتفاق ڪيو آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته انڊونيشيا جي صدر سان ملاقات انتهائي مثبت ۽ تعميري رهي سندس دوري سان ٻطرفا لاڳاپا وڌيڪ بلندين تائين پهچندا، ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا هر آزمائش تي پورا لٿا آهن. عالمي ۽ علائقائي معاملن تي ٻنهي ملڪن جا خيال هڪ جهڙا آهن انڊونيشيا جي صدر پرابوو سوبيانٽو چيو ته پاڪستان پاران صحت جي شعبي ۾ تعاون جي آجيان ڪريون ٿا تعليم واپار، زراعت، ٽيڪنالاجي سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائينداسين ڪالهه اڱاري ڏينهن پاڪستان ۽ انڊونيشيا جي وچ ۾ معاهدن ۽ مفاهمت جي يادداشتن جي دستاويزن جي مٽاسٽا واري تقريب ۾ ڳالهائيندي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته صدر پرابوو سوبيانٽو انڊونيشيا جو مدبر اڳواڻ آهي.

بقايا 33 ڪيس داخل

پراجيڪٽ ڪئميرا ذريعي جديد هٿيار ڊيڪارينڊڙ جوابدارن جو سراغ لڳائڻ کان پوءِ شهر ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪيس داخل ڪيو آهي ڊي جي سيف سٽي پراجيڪٽ آصف اعجاز شيخ چيو ته آءِ جي سنڌ هدايت ڪئي آهي ته هٿيار ڊيڪارينڊڙن خلاف پڻ سيف سٽي پراجيڪٽ ڪئميرا استعمال ڪيا وڃن ۽ ان حوالي سان ڪيمرائن جي مدد سان هٿيار ڊيڪارڻ جي الزام ۾ پهريون ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 34 استقبال

اسيمبلي جو دورو ڪيو ۽ ايوان جي ڪارروائي ڏٺي وفد جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ويو سنڌ جي صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو وفد جي آمد تي خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته مان بلوچستان جي وفد کي ڀليڪار ڪريان ٿي.

بقايا 35 منعقد

صحت ۽ ٻين سهوليتن نه ملڻ شديد بيروزگاري جون دانهون هن موقعي تي کليل ڪچهري ۾ صوبائي وزير سيد ناصر شاهه شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي سخت هدايتون جاري ڪيون هن موقعي تي سيد ناصر شاهه چيو ته هو پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي بدين جي عوام جا مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ آيو آهي عوام جي مسئلن جي حل ۾ ڪا به رڪاوٽ برداشت نه ڪئي ويندي هن ڪچهري جو مقصد عوام جا مسئلا ٻڌڻ ۽ ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ آهي

بقايا 36

ڪرڻ تي ڪائون ڪميٽي پريالي ضلع خيرپور جي ڪائون ميونسپل آفيسر کي 10 ڊسمبر تي ڪميشن جي آفيس ۾ طلب ڪري ورتو آهي. سيد امتياز احمد شاهه پاران ڪائون ڪميٽي جي بجيٽ، ان جي استعمال، اسٽاف جي تفصيل، ترقياتي منصوبن، ٽيڪس ڪليڪشن جا انگ اکر ۽ ٻين معاملن بابت معلومات طلب ڪئي وئي هئي.

بقايا 37 ملاقات

سيڙپڪاري ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو آهي ڪالهه سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم سان آمريڪا ۾ رهندڙ پاڪستاني ڄائي ڊاڪٽرن جي وفد ملاقات ڪئي. وفد ۾ ڊاڪٽر سمير شفيع جي قيادت ۾ ڊاڪٽر جواد شاهه، ڊاڪٽر تجمل حسين، ڊاڪٽر نعمان حيدر ۽ ناليواري سماجي شخصيت راڻا زاهد امير شامل هئا

بقايا 38 گرانٽ حاصل

International Finance Facility for Education (IFFEd) کان 10 ملين ڊالر جي گرانٽ حاصل ڪري ورتي آهي هي گرانٽ صوبائي تعليمي سڌارن ۽ سروس ڊليوري ۾ بهتري لاءِ اهم مدد فراهم ڪندي سنڌ اها ڪاميابي فلپائن جي شهر منيلا ۾ ايشيائي ڊوليپمينٽ بينڪ (ADB)جي هيڊ ڪوارٽر ۾ منعقد ٿيل ريجنل ايجوڪيشن فورم دوران حاصل ڪئي فورم جي موقع تي شرڪت ڪندي سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه IFFEdجي اعليٰ اهلڪار سان ٻطرفي ملاقات ڪئي. ان موقعي تي IFFEdجو باني ۽ CEO ڪارٿهڪ ڪرشنن، Head of Operations نينا استوشنيوا ٻيا سينئر اهلڪار ۽ ADB جا نمائندا پڻ موجود هئا.

بقايا 39 اجلاس

وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ٿيل جنهن ۾ وڏي وزير اڳڀرائيءَ جو جائزو ورتو. پوليو خلاف مهم کي وڌيڪ ڪارائتو بڻائڻ لاءِ اپاءِ ورتا ۽ حڪم جاري ڪيا اجلاس ۾ صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ، ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، ايڊشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو، سيڪريٽري ڪو سي ايم عبدالرحيم شيخ، سيڪريٽري صحت ريحان بلوچ، ڊي جي هيلٿ ڊاڪٽر وقار ميمڻ، يونيسف، ڊبليو ايڇ او ۽ روٽري انٽرنيشنل جا نمائندا، اي او سي ڪوآرڊينيٽر شهريار گل ۽ ڪراچي جي سينئر ڊپٽي ڪمشنرز شرڪت ڪئي ٻين ڊويزن جا ڪمشنرز، ڊي سيز، ڊي آءِ جيز ۽ ايس ايس پيز وڊيو لنڪ ذريعي شامل ٿيا. اجلاس ۾ ماحولي نگراني تي شديد تشويش جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 40 ڀيٽا پيش

آفيسرن ۽ اهلڪارن جي بهادري کي ڀيٽا پيش ڪئي هن پوليس کي هدايت ڪئي ته ڌاڙيلن خلاف ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن ۽ ضلعي ۾ مڪمل امن امان جي بحالي يقيني بڻائي وڃي وزيراعليٰ هائوس مان جاري بيان موجب وزيراعليٰ ڊي ايس پي سٽي شڪارپور پارس بکراڻي ڊي ايس پي گڙهي ياسين ظهور سومرو ۽ چار زخمي اهلڪارن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ سندن جلد صحتيابي لاءِ دعا گهري. وزيراعليٰ سکر ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين سيد ڪميل شاهه کي هدايت ڪئي ته ضرورت پوڻ تي زخمي آفيسرن لاءِ ايئر ايمبولينس جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن کين بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن وزيراعليٰ خبردار ڪيو ته جيڪي ڌاڙيل سرينڊر نه ڪندا،

بقايا 41 مريم اورنگزيب

ڳالهائي سگهي ٿي پي ٽي آءِ باني جي تڪبر ۽ پاڳل پڻو نئون نه آهي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مريم اورنگزيب چيو ته قومي سلامتي تي حملي جي اجازت نه ڏني ويندي، ملڪ خلاف سازش ڪندڙ جي سزا آئين ۾ واضح آهي. جيڪو ٻه ڪريل ۽ گهٽيا ٻولي استعمال ڪندي تنهن سان قانون موجب منهن ڏنو ويندو.

بقايا 42 گيانچند ايسراڻي

جتي ڊائريڪٽر جنرل ريسڪيو 1122 سنڌ بريگيڊيئر (ر) واجد سبغت الله مهر کين اداري جي مجموعي ڪارڪردگي، آپريشنل تيارين ۽ تازين اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي سيڪريٽري بحاليات نثار احمد ميمڻ، چيف آپريٽنگ آفيسر ڊاڪٽر عابد جلال الدين شيخ ۽ ڊائريڪٽر ايڊمن سردار علي شاهه به موجود هئا. ڊي جي ريسڪيو 1122 واجد سبغت الله مهر بحالي بابت صلاحڪار کي گلشن اقبال ۾ کليل مين هول ۾ ننڍڙي ابراهيم جي ڪرڻ واري افسوسناڪ واقعي ۽ اي پي زيڊ ۾ لنڊا فيڪٽري ۾ باهه لڳڻ دوران ريسڪيو ڪارروائين ۽ مؤثر حڪمت عملي بابت آگاهي ڏني.

بقايا 43 گرفتار

الزام ۾ 12 دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو سي ٽي ڊي پنجاب موجب گرفتار دهشتگردن وٽان هٿيار، بارودي مواد ۽ ڊيٽونيٽر برآمد ٿيا، ان جي دهشتگردن وٽان حساس جاين، حساس ادارن جون تصويرون ۽ وڊيوز به برآمد ٿيون. سي ٽي ڊي ترجمان ٻڌايو ته دهشتگردن وٽان هڪ مدرسي ۽ هڪ ميلي جون تصويرون، وڊيوز ۽ لوڪيشن به برآمد ٿي

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف
فزيڪل ميڊيسن اينڊ ريهبليٽيشن
ڊپارٽمينٽ آف امپاورمينٽ آف پرسنز وٽ ڊس ايبلٽيز
گورنمينٽ آف سنڌ

واڪن لاءِ ڪوٽ (IFB)/ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس (NIT)

No. SIPM&R/PD/2025-26/90-93 Dated: 09-12-2025

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسن اينڊ ريهبليٽيشن (SIPM&R)، ڪراچي ايس آر بي سان سيلز ٽيڪس ۽ انڪم ٽيڪس لاءِ ايف بي آر وٽ رجسٽرڊ ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان (جتي لاڳو ٿيندو هجي) چڱي ساک وارن انجنيئرنگ فرمز/ وينڊرز/واڪ ڏيندڙن کان جيڪي هيٺ ڄاڻايل معيار تي پورو لهندا هجن تن کان E-PAK اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزايبل سسٽم (EPADS) تحت E-واڪ گهرائجن ٿا.

نمبر	حوالو نمبر	واڪ جو نالو	طريقيڪار
.i	SIPM&R/PD/2025-26/ ADP/-725/90	ADP اسڪيم نمبر 725 تحت سيٽلائيٽ سينٽر، لاڙڪاڻو، SIPM&R لاءِ مشينري / سامان / مواد ۽ ٻين شين جي خريداري. جنهن جو نالو "حيدرآباد، ايس.بي.اي، سکر ۽ لاڙڪاڻو سنڌ ۾ ڊي اي پي ڊي فزيڪل ميڊيسن ريهيبليٽيشن آٽزم سينٽر ۽ الائيڊ سهولتن جي تعمير" رکيو ويو آهي.	سنگل اسٽيج-ون اينولپ رول 46(1)
.ii	SIPM&R/PD/2025-26/ ADP/-725/91	ADP اسڪيم نمبر 725 تحت سيٽلائيٽ سينٽر، لاڙڪاڻو، SIPM&R لاءِ فرنيچر ۽ فڪسچر جي خريداري. جنهن جو نالو "حيدرآباد، ايس.بي.اي، سکر ۽ لاڙڪاڻو سنڌ ۾ ڊي اي پي ڊي فزيڪل ميڊيسن ريهيبليٽيشن آٽزم سينٽر ۽ الائيڊ سهولتن جي تعمير" رکيو ويو آهي.	سنگل اسٽيج-ون اينولپ رول 46(1)
.iii	SIPM&R/PD/2025-26/ ADP/-725/92	ADP اسڪيم نمبر 725 تحت "حيدرآباد، ايس.بي.اي، سکر ۽ لاڙڪاڻو، سنڌ ۾ ڊي اي پي ڊي فزيڪل ميڊيسن ريهيبليٽيشن آٽزم سينٽر ۽ الائيڊ سهولتن جي تعمير" جي نالي سان سيٽلائيٽ سينٽر، لاڙڪاڻو، SIPM&Rلاءِ آئي ٽي سامان ۽ هارڊويئر جي خريداري.	سنگل اسٽيج-ون اينولپ رول 46(1)
.iv	SIPM&R/PD/2025-26/ ADP/-725/93	ADP اسڪيم نمبر 725 تحت "حيدرآباد، ايس بي اي، سکر ۽ لاڙڪاڻو، سنڌ ۾ ڊي اي پي ڊي فزيڪل ميڊيسن ريهيبليٽيشن آٽزم سينٽر ۽ الائيڊ سهولتن جي تعمير" جي نالي سان سيٽلائيٽ سينٽر، لاڙڪاڻو، SIPM&R لاءِ انسٽاليشن سان گڏ وال مائونٽڊ انورٽر اي سي يونٽ 1.5 ٽن جي خريداري.	سنگل اسٽيج-ون اينولپ رول 46(1)

واڪ دستاويزن جا تفصيل ۽ شرط ۽ ضابطا /#/https://portalsindh.eprocure.gov.pk يا www.sipmr.edu.pk تان ڏسي/ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

اليڪٽرانڪ واڪ فقط EPADS معرفت جمع ڪرايا ويندا. هٿرادو واڪ وصول نه ڪيا ويندا، خواهشمند واڪ ڏيندڙ پنهنجي پاڻ کي EPADS سسٽم تي رجسٽرڊ ڪن https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration تي اليڪٽرانڪ واڪ جمع ڪرائڻ جي لاءِ.

واڪ دستاويز تيار ڪري EPADS تي 30 ڊسمبر، 2025 تائين صبح 11:30 وڳي تائين لازمي جمع ڪرايا وڃن. ٽينڊر فيس 10000 رپيا (ناقابل واپسي) ۽ واڪ سيڪيورٽي جو 2% (02 سيڪڙو) جيڪو واڪ جي ڪل ويليو ساڻ پروڪيورمينٽ ڊپارٽمينٽ سيڪنڊ فلور بلاڪ-A سنڌ انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسن اينڊ ريهيبليٽيشن سامهون SIUT ويجهو مجاهد مسجد چاند بي بي روڊ ڪراچي تي آخري تاريخ کان پهرين E-واڪ جمع ڪرايا وڃن. ساڳئي ڏينهن (i) 12:00 ڪلاڪ (ii) 12:05 ڪلاڪ (iii) 12:10 ڪلاڪ، (iv) 12:15 ڪلاڪ تي کوليا ويندا.

واڪ سيڪيورٽي جي ڪاپي انسٽريومينٽس نمبر ساڻ EPADS سسٽم تي جمع ڪرائي وڃي.

نوٽ:

a. ڪنهن به سوال لاءِ E-واڪن بابت پروڪيورمينٽ ڊپارٽمينٽ نمبر 021 9921 6210 تي رابطو ڪندا.

b. ڪنهن اڻٽڻندڙ صورتحال يا حڪومت پاران عام موڪل ٿيڻ جي صورت ۾ واڪ ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي هنڌ ۽ وقت تي کوليا ويندا.

c. خريدار ڪنهن به واڪ/ سمورن واڪن کي صوبائي لاڳاپيل ايس پي پي رولز 2010 تحت رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

d. ڪنهن به مشڪلات جي صورت ۾ واڪ ڏيندڙ EPADS جي هيلپ لائين تي آفيس وقت دوران رابطو ڪري سگهن ٿا. 051-111-137-237

پروفيسر. ڊاڪٽر نبيلا نجم سومرو
ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر

INF-KRY 4150-25
WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

سامهون SIUT ويجهو مجاهد مسجد ، چاند بي بي روڊ، ڪراچي.
فون نمبر:14-6212-9921-21-92+ يو آر ايل: www.sipmr.edu.pk

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-FB-CB-PROD-305531602-2025	SMART COMPLETIONS WITH ACCESSORIES AND SERVICES	12.01.2026 At 1100 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **26.10.2025, 15.11.2025, 24.11.2025** and **02.12.2025**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LBB-CNESS-OGTI-301096646-2025	RENOVATION OF OGTI HOSTEL ROOMS WITH ATTACHED BATHROOMS (32 Nos.), INCLUDING CORRIDORS (03 Nos.), IN THE OFFICER'S WING, I-9, ISLAMABAD	15.12.2025 At 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-SYS-60-3336-303807291-2025	POST IMPLEMENTATION REVIEW OF SAP	16.12.2025 At 1030 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan

No. 328/30

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ڪرپشن خلاف جنگ- رڳو نعرا نه، عملي قدم گهرجن
صفحو 4

محمود شام
نئين دفاعي نظام سان اوچي اڏام!
صفحو 4

سنڌ پهتل پرديسي پکي ۽ تحرڪ ۾ آيل شڪاري!
شاهد گل سمون
صفحو 4

اعجاز ممناڻي
اقتدار بابت مفڪرن جا فڪر پريا نُڪتا...!
صفحو 4

سکر ۾ قومي احتساب بيورو ۽ ضلعي انتظاميا جي گڏيل تعاون سان اينٽي ڪرپشن ڊي ريلي

بدعنواني خلاف نوجوانن سان گڏ: روشن مستقبل جي تعمير واري عنوان هيٺ عوامي آگاهي ريلي ڪڍي وئي

ريلي جو مقصد عوام ۾ بدعنواني خلاف آگاهي پيدا ڪرڻ آهي، بدعنواني هڪ ناسور آهي ۽ قوم جي ترقي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي: بشريٰ منصور

چيئرمين نيب جي هدايتن تي بدعنواني خلاف عالمي ڏينهن جي مناسبت سان عوامي آگاهي هفتو ملهائي رهيا آهيون: عمران علي

سکر(بيورو رپورٽ) 9 ڊسمبر تي بدعنواني جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي قومي احتساب بيورو (NAB)سکر ۽ ضلعي انتظاميا جي گڏيل تعاون سان ”بدعنواني خلاف نوجوانن سان گڏ: روشن مستقبل جي تعمير“ واري عنوان هيٺ جناح مونسپل اسٽيڊيم سکر کان سکر پريس ڪلب تائين عوامي آگاهي ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سکر بشريٰ منصور، ڊائريڪٽر اوئرنيس اينڊ پريوينشن نيب سکر عمران علي منگريو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي ساره فراز ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊائريڪٽر نيب سکر عمران علي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر کي سکر بشريٰ منصور ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي ساره فراز چيو ته ريلي جو مقصد عوام ۾ بدعنواني خلاف آگاهي پيدا ڪرڻ آهي. انهن چيو ته بدعنواني هڪ ناسور آهي ۽ قوم جي ترقي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي، ان جي خاتمي لاءِ سڀني کي گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون. انهن چيو ته سول سوسائٽي کي گهرجي ته هو بدعنوان عناصر جي نشاندهي ڪري ته جيئن انهن خلاف فوراً قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻي سگهجي. ڊائريڪٽر نيب عمران علي چيو ته چيئرمين نيب جي هدايتن تي بدعنواني خلاف عالمي ڏينهن جي مناسبت سان عوامي آگاهي هفتو ملهائي رهيا آهيون. هن هفتي دوران مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين کي بدعنواني خلاف شعور ڏيڻ لاءِ سيمينار ڪرايا ويندا. ريلي جي ٻين شرڪت ڪندڙن ۾ اسپيشل برانچ سکر جا گروپ آفيسر نديم احمد پتو، پرنسپل غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج سکر ڊاڪٽر محمد صالح چنا، ڊپٽي ڊائريڪٽر پاڪستان بيت المال شبير ميمڻ، تعليم، اينٽي ڪرپشن، صحت، پوليس، سوشل ويلفيئر، سوشل سيڪيورٽي، لوڪل گورنمينٽ، ويمن ڊيولپمينٽ، پلاننگ آبادي، ليبر، صنعت، جنگلات ۽ ٻين کاتن جا آفيسر ۽ نمائندا، گڏوگڏ شاگرد، استادن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

TOWN MUNICIPAL CORPORATION-2
MAKKI SHAH SUKKUR
NAB
NATIONAL ACCOUNTABILITY
"UNITING WITH YOUTH AGAINST CORRUPTION:
SHAPING TOMORROW'S INTEGRITY"
بد عنوانی کے خلاف نوجوانوں کے ساتھ: روشن مستقبل کی تعمیر۔
SUKKUR

سکر: بدعنواني جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي نيب پاران آگاهي ريلي ڪڍي پئي وڃي

پاڪستان نيوي ريڪروٽمينٽ اينڊ سليڪشن سينٽر سکر جي پڌرائي

سکر(بيورو رپورٽ) پاڪستان نيوي ريڪروٽمينٽ اينڊ سليڪشن سينٽر سکر طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب، پاڪستان نيوي ۾ شارٽ سروس ڪميشن ڪورس 2026- Aذريعي شموليت لاءِ اهل پاڪستاني شهرين کان درخواستون طلب ڪيون آهن.

ٽنڊوڄام جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول حاجي محمد اسماعيل لاڪو ۾ شاندار ثقافتي تقريب

تقريب ۾ شاگردن روايتي سنڌي لباس، اجرڪ ۽ ٽوپي پائي صوبي جي ثقافت کي ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو

ثقافتي ڏينهن ملهائڻ سان نئين نسل کي پنهنجي روايتن ۽ قديم ثقافت سان جڙڻ جو موقعو ملي ٿو: اختر آرائين

اهڙيون سرگرميون نه رڳو شاگردن ۾ اعتماد وڌائين ٿيون پر پنهنجي سڃاڻپ ۽ ورثي تي فخر ڪرڻ جو احساس به پيدا ڪنديون آهن

ٽنڊوڄام(ن ع) سنڌ جي ثقافتي ڏينهن جي سلسلي ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول حاجي محمد اسماعيل لاڪو ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردن روايتي سنڌي لباس، اجرڪ ۽ ٽوپي پائي صوبي جي ثقافت کي ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو. ٻارن سنڌي گيتن تي رقص ۽ ٽيبلوز پيش ڪري شرڪت ڪندڙن کان خوب داد حاصل ڪئي. هن موقعي تي هيڊ ماستر محمد اختر آرائين، جان محمد لاڪو، امجد علي ٿهيم، جاذب حسين ۽ نظير اوڊ خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي تهذيب صدين پراڻي محبت، پائيداري ۽ امن جي علامت آهي ۽ ثقافتي ڏينهن ملهائڻ سان نئين نسل کي پنهنجي روايتن ۽ قديم ثقافت سان جڙڻ جو موقعو ملي ٿو. هنن چيو ته اهڙيون سرگرميون نه رڳو شاگردن ۾ اعتماد وڌائين ٿيون پر پنهنجي سڃاڻپ ۽ ورثي تي فخر ڪرڻ جو احساس به پيدا ڪنديون آهن. مقررين وڌيڪ چيو ته سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي جنهن هميشه امن، پيار ۽ محبت جو پيغام ڏنو آهي ۽ اڄ به اسان کي اهو عهد ڪرڻو آهي ته اسين پاڻ ۾ محبت ۽ پائيداري سان گڏجي رهنداسين ۽ پنهنجي ٻارن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪنداسين. هنن والدين کي زور ڏني چيو ته هو پنهنجن ٻارن سان گڏ پنهنجي نياڻين کي به لازمي تعليم ڏيارين ڇو ته هڪ نياڻي جي تعليم سان بهتر خاندان ۽ بهتر معاشرو ٺهي ٿو.

ٽنڊوڄام: گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول حاجي محمد اسماعيل لاڪو ۾ منعقد ثقافتي تقريب جو ڏيک

حيدرآباد ۾ پاڪستان هيومين رائٽس فائونڊيشن جو مظاهرو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي سماجي تنظيم پاران ملاڪاتيار ۾ مبينا طور پکين جي شڪار کان منع ڪرڻ تي فائرنگ ۾ قتل ٿي ويل ڳوٺائي جي ڪيس ۾ بااثر جوابدار کي پوليس پاران شامل نه ڪرڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو.

سنڌ جا رٽائر سرڪاري ملازم روڊن تي نڪري آيا، پگهار ۽ پينشن ۾ هڪ جيتري واڌ جو مطالبو

سنڌ پينشنرز گرينڊ الائينس طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پگهارن مان گروپ انشورنس ڪٽڻ باوجود رٽائر سرڪاري ملازمن کي گروپ انشورنس کان محروم ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

سنڌ سرڪار جو قانون سمجهه کان ٻاهر آهي ته رٽائر ملازم کي حياتي ۾ پينشن نٿي ملي، هڪ ملڪ ۾ ٻه قانون هلي رهيا آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)سنڌ جي سرڪاري کاتن جي رٽائرڊ ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو،پگهار ۽ پينشن ۾ هڪ جيتري واڌ جو مطالبو. سنڌ پينشنرز گرينڊ الائينس طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري کان پوءِ سنڌ پينشنرز گرينڊ الائينس جي چيف آرگنائيزر رٽائرڊ پروفيسر محمد مراد چوڌري،سيد امان الله مشوائي، سيد عاشق حسين،بدالحليم راڄڙ ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سال 1971 کان سنڌ جي سرڪاري ملازمن جي پگهارن مان گروپ انشورنس ڪٽڻ باوجود رٽائر سرڪاري ملازمن کي گروپ انشورنس کان محروم ڪيو ويو آهي جيڪا ملازمن سان ناانصافي آهي. ان ڪري اسان جو مطالبو آهي ته بلوچستان جيان سنڌ جي سرڪاري ملازمن کي 1971 کان گروپ انشورنس ادا ڪئي وڃي. هنن چيو ته سنڌ سرڪار جو قانون سمجهه کان ٻاهر آهي ته رٽائر ملازم کي حياتي ۾ پينشن نٿي ملي رٽائر ٿيڻ جي 5سالن اندر فوت ٿيڻ تي وارثن کي انشورنس ملندي ٻئي صورت وارثن کي به انشورنس نه ملندي. هنن چيو وزيراعظم شهباز شريف اچڻ شرط رٽائرڊ سرڪاري ملازمن لاءِ 10سيڪڙو پينشن جو اعلان ڪيو هو جنهن تي ٽنهي صوبن عمل ڪيو پر سنڌ حڪومت عمل نه ڪيو جنهن مان محسوس ٿي رهيو آهي سنڌ پاڪستان جو حصو ناهي. هنن چيو ته سنڌ ۾ رٽائرسرڪاري ملازمن سان حد کان وڌيڪ ناانصافي ٿي رهي آهي. ڪراچي جي هائي ڪورٽ ۾ سال مارچ 2022 کان گروپ انشورنس لاءِ پٽيشن داخل ڪيل آهي پر اسان جي درخواست تي اڄ ٻڌڻي نه ٿي آهي ساڍا ٽي سال دوران تاريخ تي تاريخ ملي رهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ کي اپيل ڪئي ته اسان جي ڪيس نمبر 1637 / 2022 جي ٻڌڻي ڪئي وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته رٽائر ملازمن کي صحت ڪارڊ ڏنو وڃي. گروپ انشورنس بينوئل فنڊ سوڌو ٻيا مطالبا منظور ڪري رٽائرملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ بلاول هائوس ۽ وزيراعلي هائوس ڪراچي سامهون ڌرڻو هنيو ويندو

ڊس ايبل اتحاد سوشل ويلفيئر ايسوسيئشن سکر پاران سيمينار

سکر(بيورو رپورٽ) ڊس ايبل اتحاد سوشل ويلفيئر ايسوسيئشن سکر پاران معذورن جي عالمي ڏينهن جي سلسلي ۾ سکر جي ڳوٺ رسالپور ۾ هڪ سيمينار ڪرايو سيمينار ۾ معذور ماڻهن ۽ اتان جا سياسي سماجي اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ جي لاوت سان ڪئي وئي.پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي ڊس ايبل اتحاد سوشل ويلفيئر ايسوسيئشن سکر جي صدر شاهنواز ڪانڌڙو ۽ پريس سيڪريٽري جهانگير ٻرڙو ۽ علائقي جي سياسي سماجي ورڪرن چيو ته سنڌ حڪومت معزورن کي سندن ڪوٽا تحت نوڪريون ڏنيون آهن پر سکر ضلعي جا معزور نوڪرين سميت بيت المال ۽ زڪوات فنڊ کان محروم بڻيل آهن ضلعي زڪوات چيئرمين آفيس اچي ٿي ڪونه ٿو ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر به شايد ڄاڻ ناهي هنن چيو ته وفاقي حڪومت معزور ماڻهن جي سهائتا لاءِ بيت المال ذريعي مالي سهائتا ڪندي آهي پر ان باوجود وفاقي ادارا ان تي عمل نه ٿا ڪن جنهن سبب معزور ماڻهون حقن کان محروم آهن معذور ماڻهون علاج معالجي سميت ڪيترن ئي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن معزور اڳواڻن چيو ته معزور به پاڪستان جا شهري آهن ۽ پاڪستان جي آئين ۾ هر هڪ شهري کي حق حاصل آهن پر اسان معزورن کي حقن کان محروم رکيو پيو وڃي.هنن چيو ته سڀ معزور اڻ پڙهيل ناهن پڙهيل ۽ هنر مند معزور پنهنجي صلاحيتن سبب آفيسن ۾ خدمتون سرانجام ڏين ٿا جڏهن ته هنري ۽ راندين جي ميدان ۾ به پاڻ مڃايو آهي.آخر ۾ ملڪ جي سلامتي،خوشحالي لاءِ دعائون گهريون ويون.

خيرپور ۾ اينٽي ڪرپشن ڊي جي مناسبت سان جاڳرتا واڪ

خيرپور (ڊ ر) بين الاقوامي ڏينهن انسداد بدعنواني(اينٽي ڪرپشن ڊي) جي حوالي سان هڪ باشعور ۽ پراثر آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو هي واڪ ڊپٽي ڊائريڪٽر انسداد بدعنواني اسٽيبلشمنٽ(ACE) خيرپور عبدالقادر دراني، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جنسار سومرو، انسپيڪٽر ڪليم الله مهيسر انسپيڪٽر عبدالحميد مغل ۽ ٽي او تعليم خيرپور الله بچايو خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ACEآفيس کان خيرپور پريس ڪلب تائين ڪڍيو ويو .واڪ ۾ سول سوسائٽي، وڪيلن، شاگردن ۽ شهرين سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي جن جي هٿن ۾ ايمانداري، شفافيت ۽ بدعنواني جي خاتمي بابت نعرن وارا بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا. پريس ڪلب اڳيان خطاب ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر عبدالقادر دراني چيو ته بدعنواني سماج جي بنيادن کي ڪمزور ڪري ٿي ۽ هي ڏينهن اسان کي ايمانداري ۽ احتساب جي واعدي جي ياد ڏياري ٿو

شهدادڪوٽ منهنجو شهر آهي: يار محمد سومرو

شهر جا مسئلا واقعي گهڻا آهن پر سمورا مسئلا ترت حل ڪيا ويندا

صفائي سترائي جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا پيا وڃن: بار ۾ اظهار

شهدادڪوٽ(ڊ ر) چيئرمين ميونسپل ڪميٽي شهدادڪوٽ يار محمد سومرو چيو آهي ته شهدادڪوٽ منهنجو شهر آهي ان جا مسئلا خاص طور تي صفائي سترائي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا پيا وڃن. ڪوسا لا چيمبرز ۾ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ بار جي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو سان ڳالهائيندي وڌيڪ چيو شهر جا مسئلا واقعي گهڻا آهن پر سمورا مسئلا ترت حل ڪيا ويندا ان موقعي تي بار جي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ڪيس شهري مسئلن کان آگاهه ڪيو ٻئي طرف چيئرمين يار محمد سومرو جڏهن ڪوسا لا چيمبر پهتو ته سندس شاندار آڌرڀاءُ ڪيو ويو ان موقعي تي ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو چيئرمين يار محمد سومرو کي لا چيمبر اچڻ تي ڀليڪار ڪيو ڪيس سنڌ جي سوکڙي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا لا چيمبر ۾ ان موقعي تي ايڊووڪيٽ راجا رجب مگسي ايڊووڪيٽ رفيق احمد خشڪ ايڊووڪيٽ جهان زيب ساسولي ايڊووڪيٽ فواد سومرو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

شهدادڪوٽ: ميونسپل چيئرمين يار محمد سومرو ڪوسا لا چيمبر ۾ آمد ۽ ملاقات جو ڏيک

گهوٽڪي ۾ ڪرپشن خلاف عالمي ڏينهن جي سلسلي ۾ ريلي

اينٽي ڪرپشن پوليس گهوٽڪي پاران ڪرپشن خلاف آگاهي ريلي ڪڍي وئي

بدعنواني هڪ ناسور آهي جيڪو معاشري جي بنيادن کي ڪمزور ڪري ٿو: سيف الله هاليپوٽو

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي ۾ ڪرپشن خلاف عالمي ڏينهن جي سلسلي ۾ اينٽي ڪرپشن پوليس گهوٽڪي پاران آگاهي ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن پوليس گهوٽڪي سيف الله هاليپوٽو، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر شاهد بشير ڪوسو، انسپيڪٽر عبدالفتاح مهر، سب انسپيڪٽر غلام سرور ميمڻ، گل حسن ميمڻ، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر محمد بخش هارياڻي، اسسٽنٽ مختيارڪار ڪمران مهر ۽ تعلقه اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر سروانند ڪئي. ريلي اينٽي ڪرپشن آفيس کان اي سيڪشن ٿاڻي تائين ڪڍي وئي. ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن پوليس گهوٽڪي سيف الله هاليپوٽو چيو ته ڪرپشن خلاف عالمي ڏينهن جو مقصد بدعنواني خلاف شعور اجاگر ڪرڻ آهي. هن ٻڌايو ته اينٽي ڪرپشن جي صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر، چيئرمين ذوالفقار علي شاهه، ڊائريڪٽر جنرل امتياز ابڙو ۽ سکر ريجن جي ڊائريڪٽر صوفي عبدالحفيظ چاچڙ جي هدايتن تي سڄي سنڌ ۾ آگاهي مهم جاري آهي. هن چيو ته بدعنواني هڪ ناسور آهي جيڪو معاشري جي بنيادن کي ڪمزور ڪري ٿو ۽ ادارن جي ڪارڪردگي متاثر ڪري ٿو ۽ غريب عوام جي حقن جو تماشو بڻائي ٿو تنهن ڪري ڪرپشن خلاف جدوجهد صرف اينٽي ڪرپشن اداري جي ذميواري نه پر پوري قوم جو گڏيل فرض آهي. سيف الله هاليپوٽو وڌيڪ چيو ته عالمي يوم انسداد بدعنواني اسان کي ياد ڏياري ٿو ته شفافيت، ايمانداري ۽ قانون جي بالادستي مهذب معاشري جون علامتون آهن. هن چيو ته اينٽي ڪرپشن گهوٽڪي جي ٽيم 24 ڪلاڪ عوام جي سهولت لاءِ موجود آهي. هن واضح ڪيو ته ڪنهن به سرڪاري کاتي يا آفيسر خلاف پڪا ثبوت مليا ته بنا ڪنهن دٻاءَ جي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ”چاهي کو ڪيترو به بااثر ڇو نه هجي“ آخر ۾ هن والدين، استادن، سرڪاري ملازمن ۽ نوجوانن کي اپيل ڪئي ته معاشري مان ڪرپشن جو خاتمو آڻڻ لاءِ گڏيل ڪردار ادا ڪن، ڇو جو بدعنواني ختم ڪرڻ بنا ترقي ۽ انصاف ممڪن نه آهي.

9th December Internati

گهوٽڪي: ڪرپشن خلاف اينٽي ڪرپشن پوليس پاران آگاهي ريلي ڪڍي پئي وڃي

حيدرآباد ۾ ڪرپشن خلاف عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان اينٽي ڪرپشن جو سيمينار

اسانجي معاشري ۾ ڪرپشن ختم ڪرڻ ته ڏکيو آهي پر اسان گهٽ ۾ گهٽ ڪرپشن کي غلط محسوس ڪرائي سگهون ٿا: آفتاب پٺاڻ

آئي ايم ايف جي رپورٽ مطابق پاڪستان جي اشرافيه جي ڊي پي 410 ارب ڊالرز مان هر سال 7 هزار ارب ڊالر کائي وڃي ٿي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ ڪرپشن خلاف عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان اينٽي ڪرپشن کاتي پاران سيمينار ڪرايو ويو آفتاب پٺاڻ چيو ته اسانجي معاشري مان ڪرپشن ختم ڪرڻ ته ڏکيو آهي پر اسان گهٽ ۾ گهٽ ڪرپشن کي غلط محسوس ڪرائي سگهون ٿا. بدعنوان ملڪن ۾ پاڪستان جو 140 هون نمبر آهي. آئي ايم ايف جي رپورٽ مطابق پاڪستان جي اشرافيه جي ڊي پي 410 ارب ڊالرز مان هر سال 7 هزار ارب ڊالر کائي وڃي ٿي. سياستدان، صنعتڪار، ڪاروباري شخصيتون، بلڊر ۽ ٻيا اشرافيه ۾ شامل آهن. اسانجي بدقسمتي آهي ته عوام به ڪرپٽ آهي ته حڪمران به ڪرپٽ آهن. ڪرپشن اختيارن جي ناجائز استعمال جو نالو آهي. اسانکي پنهنجي معاشري کي بدعنواني کان بچائڻ لاءِ سڀ کان پهرين ڪوڙ ڳالهائڻ بند ڪرڻو پوندو. 77 سالن کانپوءِ ملڪ جي حالت رحم جوڳي آهي ڇا ان کي جمهوريت چئبو آهي جيڪا هن وقت موجود آهي. 3.4 سيڪڙو اشرافيه ملڪي وسيلن تي قابض آهي. نتيجي ۾ ڏوهه ۽ ڪرپشن وڌي ٿي عدليه، پارليامينٽ آزاد نه آهي. آئين تي عمل نه ٿي رهيو آهي. اينٽي ڪرپشن کاتو سياسي مداخلت ۽ نظام جي خرابي سبب صحيح ڪم نه ڪري رهيو آهي. هڪ اينٽي ڪرپشن جي وزير آفيسر کي چيو ته لفافو پهچايو،انڪار ڪرڻ تي آفيسر کي عهدي تان هٽايو ويو اڄ ڏينهن تائين ان کي پوسٽنگ ناهي ملي. ان موقعي تي ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي ڳالهائيندي چيو ته آفتاب پٺاڻ ڪرپشن خلاف پراثر تقرير ڪئي اهڙي تقرير مون اڳ ناهي ٻڌي. اڄ ڪرپشن خلاف عالمي ڏهاڙي تي عهد ڪرڻو پوندو ته ڪرپشن کي ختم ڪرڻ لاءِ عملي زندگي ۾ قدم کڻڻا پوندا. سيمينارز مان سکي اسان کي پيغام ٻين تائين پهچائڻ گهرجي ته ڪرپشن اسانجي سماج جي دشمن آهي. تعليمي ادارا ڪردار سازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. شخصيت سازي گهرن ۽ تعليمي ادارن مان ٿيندي آهي. ان ڪري والدين کي پنهنجي ٻار کي غلط ۽ صحيح جو فرق ٻڌائڻ گهرجي. ڪرپشن، ناانصافي کي ختم ڪرڻ لاءِ گهر کان شروعات ڪرڻي پوندي. ضمير اسان کي هر جڳهه تي ٻڌائيندو آهي ته توهان غلط ڪريو ٿا پر اسان ضمير جو ناهيون ٻڌندا. اسان کي انفرادي ۽ اجتماعي طور تي سماج ۾ ڪرپشن خلاف ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن عمران حسين ڏاهري ڳالهائيندي چيو ته هي ڏهاڙو ڪرپشن خلاف ڪارروائي جي عزم جي ياد ڏياري ٿو. ڪرپشن ترقي، انصاف جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. هر فرد توڙي سرڪاري آفيسر کي ڪرپشن جي لعنت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. اينٽي ڪرپشن کاتو عوامي ۽ سرڪاري ناڻي جي غيرقانوني استعمال کي روڪڻ لاءِ سرگرم آهي. ڪرپشن کان پاڪ صاف معاشرو اسانجي ترجيح آهي. ادارا مضبوط ۽ ڪرپشن کان پاڪ هوندا ته عوام کي سهولتون ۽ انصاف ڪري سگهندا.

رشوت سے پاک
عزم ہمارا

حيدرآباد: ڪرپشن خلاف عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان اينٽي ڪرپشن پاران منعقد سيمينار جو ڏيک

مهراڻ يونيورسٽي المنائي ايسوسيئين جي ايگزيڪٽو ڪاميٽي جي گڏجاڻي

نون عهديدارن ۽ ايگزيڪٽو ڪاميٽي جي ميمبرن جي چونڊ لاءِ شيڊيول پڌرو

المنائي ايسوسيئشن جون چونڊون 03 جنوري 2026 تي ٿينديون: پڌرائي ۾ اعلان

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي المنائي ايسوسيئشن (MUAA)جي ايگزيڪٽو ڪاميٽي جي گڏجاڻي 05 ڊسمبر 2025 تي انجنيئر طفيل احمد ميمڻ جي صدارت ۾ ٿي گذري. گڏجاڻي ۾ سال 2026-2027 لاءِ نون عهديدارن ۽ ايگزيڪٽو ڪاميٽي جي ميمبرن جي چونڊ لاءِ شيڊيول پڌرو ڪيو ويو آهي. اعلاميل تاريخن مطابق المنائي ايسوسيئشن جون چونڊون 03 جنوري 2026 تي مهراڻ يونيورسٽي جي مک آڊيٽوريم ۾ ٿينديون. فارم حاصل ڪرڻ جي تاريخ 10 ڊسمبر تائين آهي. جڏهن ته فارم جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 22 ڊسمبر رکي وئي آهي. اميدوارن جي حتمي فهرست 29 ڊسمبر تي جاري ڪئي ويندي. اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جا خواهشمند اميدوار مهراڻ يونيورسٽي جي انوائرنمينٽل انجنيئرنگ شعبي جي پروفيسر ۽ اليڪشن لاءِ مقرر اليڪشن ڪمشنر پروفيسر ڊاڪٽر شيراز احمد ميمڻ جي آفيس مان فارم حاصل ڪري سگهن ٿا.

صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ جيل خانه جات پاران کلي ڪچهري

کلي ڪچهري ۾ 100 کان وڌيڪ شهرين درخواستون ڏيڻ سميت شڪايتون ڪيون

ڪامورن کي هدايت ڪئي آهي ته آفيسن ۾ ويهي ماڻهن جا مسئلا حل ڪيو: علي حسن زرداري

خيرپور (ڊ ر) صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ جيل خانه جات حاجي علي حسن زرداري سڄل آڊيٽوريم خيرپور ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي. کلي ڪچهري ۾ 100 کان وڌيڪ شهرين درخواستون ڏيڻ سميت شڪايتون ڪيون جڏهن ته مختلف ماڻهن طرفان شڪايتون ڪيون جنهن تي صوبائي وزيرورڪس اينڊ سروسز حاجي علي حسن زرداري لاڳاپيل آفيسرن ڊي آءِ جي جيل خانه جات، ڊپٽي ڪمشنر ايس ايس پي ۽ چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي خيرپور ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن کي وقت تي ئي هدايت ڪئي ته فوري طور تي عوام جا مسئلا اوليت جي بنياد تي حل ڪيا وڃن. اسٽيج تي سرپرست پريس ڪلب خيرپور جي سرپرست خان محمد شڪايت ڪندي چيو ته سيشن ڪورٽ جي ڪمپائونڊ وال ڪرائي ڏني، بلڊنگ، پبلڪ هيلٿ، اليڪٽريڪل ۽ روڊ جو ڪم ڪرائي ڏنو جنهن تي 12 سالن کان ڪورٽ جي رڪوري لاءِ ڪيس هلندڙ آهي ۽ ٻه ڪروڙ رپيا بقايا رقم نه ڏني وئي جڏهن ته پبلڪ هيلٿ طرفان ڪورٽ ۾ ڪم هلندڙ آهي جنهن جي انڪوائري ڪرائي وڃي جنهن تي صوبائي وزير علي حسن زرداري سيڪريٽري محمد نواز سوهو کي هدايت ڪئي ته شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي. صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري حاجي نواب خان وساڻ هائوس تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سونڪي حڪم ڪيو ته خيرپور ۾ کلي ڪچهري ڪيان غريبن سان ملون ۽ آفيسرن کي چئيون ته ماڻهن جي تڪليفون ختم ڪن ڊي سي ۽ ايس ايس پي خيرپور ۾ نوان آيا آهن مان وڏي وزير جي هدايت تي انهن کي هدايت ڪئي آهي ته عوامي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي حڪومت جو دور آهي آفيسن ۾ ويهي ماڻهن جا مسئلا حل ڪيو.

پ پ ضلع دادو جو شهيد راڻي جي ورسي بابت اجلاس

شهيد راڻي عوام جي لاءِ جان جي قرباني ڏئي هميشه لاءِ امر ٿي وئي آهي: پير مجيب الحق

پيپلزپارٽي جا جيالا شهيد راڻي کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ ڳڙهي خدابخش پهچندا

دادو(رپورٽ:ولي محمد لنڊ) پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو جي هدايت تي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي جي تيارين جي حوالي سان پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع دادو جو اهم اجلاس پيپلزپارٽي ضلع آفيس پير هائوس تي ضلع صدر ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق جي صدارت ۾ منعقد ٿيو اجلاس کي خطاب ڪندي ضلع صدر ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق، فياض احمد ڀٽ، دوست علي جيسر رئيس قنبر علي خان لغاري خطاب ڪندي چيو ته شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي عوام ۽ ملڪ لاءِ ڪيل لازوال خدمتن کي وساري نه ٿو سگهجي شهيد بيبي بينظير ڀٽو عوام جي لاءِ جان جي قرباني ڏئي هميشه لاءِ امر ٿي وئي آهي، هن چيو ته عوام اڄ به ڀٽو خاندان سان محبت ڪري ٿو عوام صدر آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ آدي فريال ٽالپر جي عوام جي لاءِ ڪيل قدمن کي ساراهي ٿو هن چيو ته پيپلزپارٽي جا جيالا شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ لکن جي تعداد ۾ ڳڙهي خدابخش پهچندا، هن چيو ته دادو ضلع مان وڏي ۾ وڏو قافلو ضلع آفيس مان ڳڙهي خدابخش لاءِ روانو ٿيندا.

دادو: پ پ ضلع دادو جو شهيد راڻي جي ورسي بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

وڏي وزير جي ڪچي آبادي بابت صلاحڪار عمرڪوٽ ۾ کلي ڪچهري

مني گٽڪي، منشيات، ڊي سي عمرڪوٽ ۽ ان آفيس سان لاڳاپيل عملدارن جون شڪايتون

شڪايتون نوٽ ڪيون آهن کلي ڪچهري جي رپورٽ وڏي وزير سنڌ کي پيش ڪندس: نجمي عالم

عمرڪوٽ(ڊ ر) وڏي وزير جي ڪچي آبادي بابت صلاحڪار سيد نجمي عالم ڊسٽرڪٽ ڪائونسل عمرڪوٽ جي آفيس پنڊال ۾ شهرين سان کلي ڪچهري ڪري مسئلا ٻڌا ڊي سي نويد لاڙڪ، پي پي ضلعي سينئر نائب صدر برهان ڪنڀر، ضلعي جنرل سيڪريٽري صوفي نواز سومرو ،ضلعي انفارميشن سيڪريٽري گهنشام ٻجير ،ضلعي چيئرمين حاجي بقا پلي سميت وڏي انگ ۾ شهرين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن آفيسرن کلي ڪچهري ۾ شرڪت ڪئي کلي ڪچهري ۾ وڏي انگ ۾ قائم مني گٽڪي، منشيات ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ ۽ ان آفيس سان لاڳاپيل عملدارن جون شڪايتون ڪندي چيو ته عمرڪوٽ جي هر رهائشي ڪالوني توڙي اسڪولن ،اسپتالن ،مذهبي عبادتگاهن آڏو کلي عام شراب جا مني گٽڪا ڪليا پيا آهن گٽڪي،آئيس ،چرس،افيم سميت هر قسم جي منشيات جو وڪرو ۽ واهپو عام آهي پنجين ڇهين ڪلاس جا شاگرد خرچيون جمع ڪري شراب ۽ منشيات خريدي استعمال ڪن ٿا ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ جهڙو آفيسر عوام لاءِ نه هجڻ برابر آهي هو منجهند 2 بجي ڪانپوءِ آفيس اينڊو آهي ڊي سي عام شهرين سان ڪڏهن به ملاقات ناهي ڪئي شهري پنهنجا مسئلا ڪنهن کي ٻڌائين سياسي حاضري مس نٿو ڪري ،کلي ڪچهري ۾ شهرين واٽر سپلاءِ لائينن جي خراب حالت، ميونسپل عملي جي غفلت سبب شهر ۾ وڌندڙ حددخلين گٽر اٿلڻ روڊن جي تباهي، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي نااهلي اسپتالن ۾ دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي کوٽ زمينن ۽ پلاٽن تي قبضن وغيره بابت شڪايتون ڪيون ٻين کاتن جي آفيسن ۾ آفيسر ويهن نٿا شهرين جو ڪو ڪم نٿو ٿئي کلي ڪچهري رڳو فوٽو سيشن ثابت نه ٿئي ۽ شهرين جي جائز مسئلن لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي پابند ڪيو وڃي صوبائي صلاحڪار سيد نجمي عالم شڪايتون ڪندڙ شهرين جون شڪايتون ٻڌي پنڊال ۾ ويٺل آفيسرن کي فوري شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون هن چيو ته سمورن شهرين جون شڪايتون نوٽ ڪيون آهن کلي ڪچهري جي رپورٽ وڏي وزير سنڌ کي پيش ڪندس جيڪو عملدار عوام جي مسئلن کي نظرانداز ڪندو ان خلاف سخت ايڪشن ورتو ويندو حڪومت سنڌ عوامي ڀلائي ۽ سهولتن لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي عوام جا مسئلا ترجيح بنيادن تي حل ڪرڻ پاڪستان پيپلزپارٽي جو منشور آهي عوام جا مسئلا حل نه ڪندڙ آفيسر ڪرسي جي لائق ناهن شهرين جا مسئلا ۽ شڪايتون نوٽ ڪري انهن جي لسٽ ضلعي انتظاميه حوالي به ڪئي آهي ڊپٽي ڪمشنر کي هفتي اندر شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي مسئلا حل نه ٿيڻ جي صورت ۾ شهرين مونسان رابطو ڪري سگهن ٿا

"کلي ڪچهري"
محترم جناب سيد نجمي عالم صاحب
پاران:

عمرڪوٽ: وڏي وزير جي ڪچي آبادي بابت صلاحڪار عمرڪوٽ ۾ کلي ڪچهري ڪري رهيو آهي

مٽياري ۾ بدعنواني کان پاڪ معاشري جي عالمي ڏهاڙي ملهائڻ جي حوالي سان جاڳرتا واڪ ۽ ريلي

ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن جي

بدعنواني معاشري جو هڪ اهڙو ناسور آهي جيڪو ادارن کي سري وانگر کائي کوکلو ڪري ڇڏي ٿو: محمد يوسف شيخ

گڏجي جدوجهد ڪرڻ سان ئي ڪرپشن جو رستو روڪي سگهجي ٿو اسان سڀ گڏجي آواز اٿارينداسين: عرفان علي ارباب

مٽياري(ڊ ر) بدعنواني کان پاڪ معاشري جي عالمي ڏهاڙي ملهائڻ جي حوالي سان ضلعي انتظاميا مٽياري پاران اڄ مٽياري پريس ڪلب کان تعلقه اسپتال مٽياري تائين ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن کاتو مٽياري عرفان علي ارباب جي قيادت ۾ جاڳرتا واڪ/ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي عملدارن عملي،استادن،شاگردن، سول سوسائٽي،غير سرڪاري تنظيمن ۽ ميڊيا جي نمائندن سميت ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. جاڳرتا ريلي جي پڄاڻيءَ تي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر مٽياري چيو ته بدعنواني معاشري جو هڪ اهڙو ناسور آهي جيڪو ادارن کي سري وانگر کائي کوکلو ڪري ڇڏي ٿو جنهن جو جيڪڏهن بروقت علاج نه ڪيو ته اسان جا ادارا ختم ٿي ويندا هن چيو ته ڪرپشن کي روڪڻ سان ئي بهترين حڪمراني قائم ٿيندي جيڪو هڪ مهذب ۽ ترقي يافته معاشري لاءِ تمام گهڻو ضروري آهي . هن وڌيڪ چيو ته گڏجي جدوجهد ڪرڻ سان ئي ڪرپشن جو رستو روڪي سگهجي ٿو. ”اسان سڀ گڏجي آواز اٿارينداسين، ماڻهن ۾ شعور وڌندو ته يقيناً سماج بهتر طرف وڌندو“ جاڳرتا واڪ/ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته ريلي جو مقصد عوام کي اهو پيغام پهچائڻ آهي ته ضلعي جا سمورا کاتا ڪرپشن جي خاتمي لاءِ هڪ آواز ۽ هڪ موقف رکن ٿا. سندن چوڻ هو ت گڏيل ڪوششن ۽ عوامي تعاون سان ئي بدعنواني کي مڪمل طور ختم ڪرڻ ممڪن آهي. جڏهن ته اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ هڪ مرڪزي پليٽفارم آهي جتي ڪرپشن خلاف شڪايتون ۽ ڪارروائيون ٿين ٿيون. بعد ۾ تعلقه اسپتال مٽياري جي هال ۾ سيمينار پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن کي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون مٽياري نور احمد کهڙو خاص مهمان طور خطاب ڪندي چيو ته شفافيت، قانون تي عمل ۽ جوابدهي ئي سٺي حڪمراني جو بنياد آهن. سرڪاري عملدارن لاءِ ضروري آهي ته هو هر سطح تي ايمانداري سان پنهنجو ڪردار ادا ڪن. سيمينار کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن مٽياري عرفان علي ارباب چيو ته اينٽي ڪرپشن کاتي جو بنيادي مقصد عوام کي محفوظ، صاف ۽ ڪرپشن کان پاڪ نظام فراهم ڪرڻ آهي هر شڪايت جو بروقت ازالو ۽ شفاف جاچ اسان جي ترجيح آهي. سيمينار ۾ ٻين آفيسرن خطاب ڪندي ڪرپشن خلاف جدوجهد کي بنيادي قومي فريضو قرار ڏنو ۽ عوام کي اپيل ڪئي ته هو بي خوف ٿي اينٽي ڪرپشن کاتي سان رابطو ڪن.

INTERNATIONAL ANTI-CORRUPTION DAY
09TH DECEMBER 2025
ZERO CORRUPTION 100% DEVELOPMENT
ACE
STOP
DISTRICT

مٽياري: ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ اينٽي ڪرپشن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان منعقد ريلي جي قيادت ڪندي

جماعت اصلاح المسلمين باڊهه جي گڏجاڻي ٿي گذري

باڊهه (ن ع) جماعت اصلاح المسلمين باڊهه جي هڪ گڏجاڻي ٿي برانچ جي صدر ۽ سرپرست خليفه معشوق علي مسڻ طاهري جي صدارت ۾ ٿيندڙ گڏجاڻي ۾ خليفه محمد ايوب بروهي، نور احمد هيسباڻي، وقار احمد پٺاڻ ۽ نويد رضا مسڻ شرڪت ڪئي .

اسرا اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ عملي جي مبينا غفلت سبب نينگر جي فوت ٿيڻ وارو معاملو

وارثن پاران اسپتال جي ڪارڪردگي کي انسان دشمن قرار ڏيندي عدالت جو در کڙڪائڻ جو اعلان

اسرا اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ وقت ڊينگي ۾ مبتلا منهنجي پٽ مراد علي جي طبيعت بهتر هئي: والد

ناتجربيڪار عملي جي غفلت سبب موت واقع ٿي آهي، هيلٿ ڪيئر ڪميشن ۾ درخواست ڏني آهي انصاف نه مليو ته احتجاج جو رستو اختيار ڪنداسين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي اسرا اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ عملي جي مبينا غفلت سبب فوت ٿي ويل نينگر مراد لاشاري جي وارثن اسپتال جي ڪارڪردگي کي انسان دشمن قرار ڏيندي عدالت جو در کڙڪائڻ جو اعلان ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ ڄامشورو سنڌ يونيورسٽي هائوسنگ سوسائٽي فيز2جي رهواسي ۽ 6ڏينهن اڳ اسرا اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ عملي جي مبينا غفلت سبب ڊينگي جي بيماري سبب فوت ٿي ويل 17ورهين جي نينگر مراد لاشاري جي پي عبدالجبار لاشاري ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس 2ڊسمبر تي اسرا اسپتال ۾ فوت ٿي ويل پنهنجي 17ورهين جي نينگر پٽ مراد لاشاري جي موت جو ذميوار اسرا اسپتال جي انتظاميا کي قرار ڏيندي چيو ته اسرا اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ وقت ڊينگي ۾ مبتلا منهنجي پٽ مراد علي جي طبيعت بهتر هئي پر اسپتال جي ناتجربيڪار عملي جي غفلت سبب موت واقع ٿي آهي. هن چيو ته اسپتال جي ڊينگي واري وارڊ کي اسپتال جو ڊاڪٽر پنهنجو نه کيو جنهن ڊاڪٽر کان معلوم پئي ڪيو ان چيو منهنجي وارڊ ناهي. اسپتال ۾ داخل هجڻ جي ڏيڍ ڏينهن ۾ هڪ لک 23 هزار رپين جو بل نڪتو جنهن ۾ 320ايٽم گهرايا ويا جنهن مان ڪنهن به دوا منهنجي پٽ کي فائدو نه ڏنو. هن چيو ته منهنجي پٽ جي فوت ٿيڻ تي اسان کي سڪيورٽي عملي يرغمار بڻايو ۽ ڌمڪين ۽ فائرنگ ذريعي سخت حراسان ڪيو ۽ تشدد جو به نشانو بڻايو ويو. هنن چيو ته انهي دوران پوليس جو رويو به وانگاري رهيو جنهن اسپتال انتظاميا جي هدايتن ۽ حڪمن تحت ايف آئي آر داخل ڪئي ۽ اسان جي هڪ نه ٻڌي. هنن چيو ته ڪيس داخل ڪرائڻ باوجود پوليس ڪيس نامزد هڪ به جوابدار گرفتار نه ڪيو جنهن بابت اطلاع آهن ته جوابدارن گرفتاري کان اڳ واري ضمانت ڪرائي ورتي آهي. هنن چيو ته سنڌ جي سرڪاري توڙي لائسنس ڏنل خانگي اسپتالن جي حالت هڪ جهڙي آهي سرڪاري اسپتالون هجن يا خانگي کوس گهر بڻيل آهن. هنن چيو ته سنڌ حڪومت خانگي اسپتالن کي هڪ دفعو لائسنس ڏئي وساري ڇڏي ٿي يا ڏيئي ليئي عيوض انهن جو ڪو به معيار چيڪ نٿو ڪيو وڃي. اسپتالن ۾ ڪيترا مريض اچن ٿا انهن لاءِ ڪهڙا ڊاڪٽر مقرر آهن وينٽي ليٽر، آڪسيجن ۽ ٽريننگ يافته پيرا ميڊيڪل عملو آهي يا نه آهي ڪير به پڇڻ وارو ناهي جڻ ته اسپتالن کي ماڻهو مارڻ جو لائيسنس ڏنو وڃي ٿو انهن اسپتالن ۽ ڊاڪٽرن توڙي عملي خلاف ڪو دانهن نٿو ڪري سگهي هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي مرضي آهي جيڪا به رپورٽ ڏي ان کان پوءِ ڪا ڪارروائي ٿيندي جڏهن ته ان کان اڳ ئي ڪيس کي لٽي مٽي ڪيو ويندو آهي فوٽيج جا وارث پنهنجو انصاف الله سائين تي ڇڏي ڏيندا آهن. هنن چيو ڊاڪٽر ۽ اسپتالون پهچائي کان بالاتر آهن انهن خلاف جيڪڏهن ڪو ٿاڻي تي ويندو ۽ ڪيس داخل ڪرائڻ جي ڳهر ڪندو ته انهن جو ڪيس داخل نه ٿيندو جيڪڏهن ڪنهن ڪوشش ڪري ڪيس داخل به ڪرايو ته ڊاڪٽر ميدان ۾ نڪري مسيحا هجڻ جو راڳ الاپيندا ۽ چوندا آهن ته اهو ظلم آهي. هنن چيو ته سنڌ جي صحت کاتي ۾ وڏو جهول آهي جيڪو عوام مريض دوست بدران ڊاڪٽر ۽ اسپتال مالڪ دوست آهي. هنن چيو ته اسان پنهنجي نوجوان جي ناحق موت خلاف عدالت سوڌو هر فورم تي آواز اٿارينداسين جلد هائي ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائينداسين اسان نه چاهيندي به هيلٿ ڪيئر ڪميشن ۾ درخواست ڏني آهي انصاف نه مليو ته احتجاج جو رستو اختيار ڪنداسين ته جيئن ڪنهن ماءُ پيءُ جي هنج خالي نه ٿي سگهي ۽ ناتجربي ڪار ۽ نااهل ڊاڪٽرن،عملي ۽ خانگي اسپتالن جي مالڪن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ٿي سگهي.

پيءُ جي ملڪيت تي قبضو ڪندڙ ويڳي ڀاءُ کان حصو ڏياريو وڃي: صائقه سولنگي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ملياڻي جي رهواسي ڀينرن صائقه سولنگي، سعيده سولنگي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته پيءُ جي ملڪيت تي قبضو ڪندڙ سندن ويڳي ڀاءُ خلاف ڪارروائي ڪري ڪين ملڪيت ۽ گهر مان جائز حصو ڏيارو تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي هنن الزام هنيو ته سندن ويڳو ڀاءُ ماستر اعجاز سولنگي سندن پيءُ جي ملڪيت ۽ گهر تي زبردستي قبضو ڪري ڪين مارڪٽ ڪري گهران بيدخل ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته اهڙي دانهن حد جي پوليس کي ڪئي آهي پر ملياڻي پوليس ڪابه ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جوابدارن مان ڪين جان جو خطرو پڻ آهي هنن ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ۽ ايس ايس پي ضلعو نوشهرو فيروز کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪين ملڪيت مان حصو ڏياريو وڃي ۽ تشدد ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي جي ضياءُ الدين اسپتال آمد

ڌاڙيلن جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل پارس بڪرائي ۽ ظهور حسين سومرو جي عيادت

زخمي پوليس آفيسرن جو علاج اسان جي ماهر ڊاڪٽرز جي نگراني ۾ جاري آهي: انچارج

سکر(بيورو رپورٽ) ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي شڪارپور ۾ پوليس پارٽي مٿان ڌاڙيلن جي حملي ۾ زخمي ٿيل ڊي ايس پي ظهور حسين سومرو ۽ ڊي ايس پي پارس بڪرائي جي عيادت لاءِ پهتو جتي انتظاميا طرفان هر ممڪن سهڪار جي يقيني دهاني ڪرائي. ڪمشنر سکر نجي اسپتال جي انچارج کي هدايت ڪئي ته زخمي پوليس آفيسرن کي علاج معالجي جي بهترين طبي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. انهيءَ موقعي تي اسپتال جي انچارج ڪمشنر سکر کي ٻڌايو ته زخمي پوليس آفيسرن جو علاج اسان جي ماهر ڊاڪٽرز ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي ٽيم جي نگراني هيٺ جاري آهي واضح رهي ته زخمي ٿيل پوليس آفيسر پاڻ ۾ ازدواجي تعلق رکن ٿا.

سکر: ڪمشنر سکر شڪارپور فائرنگ ۾ زخمين جي ڊي ايس پي پارس بڪراڻي ۽ ٻيا عيادت ڪري رهيا آهن

سکر: نيو پنڊ اسلام ڪالوني جي رهواسڻ ثنا لاشاري مڙس خلاف احتجاج ڪندي

سکر جي علائقي نيو پنڊ اسلام ڪالوني جي رهواسڻ جو احتجاج

ثناء لاشاري پنهنجي اڳوڻي مڙس جي ظلمن ۽ پوليس خلاف دانهيو

پوليس پنهنجي ساٿي آفيسر جي حمايت ڪري رهي آهي، انصاف ڪيو وڃي: ثنا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي نيو پنڊ اسلام ڪالوني ۾ رهندڙ مسمات ثناء لاشاري پنهنجي اڳوڻي مڙس جي ظلمن ۽ پوليس جي مبينه زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج دوران ٻڌايو ته سندس اڳوڻو مڙس شهزادو لاشاري، جيڪو پوليس ۾ ڪمپيوٽر آپريٽر آهي جنهن هن تي ظلم ڪيو آهي.گذريل ٽي سال کان هو مون تي بدترين تشدد ۽ ذهني اذيتون ڏيندو پيو اچي ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ هن مون کي طلاق ڏئي ڇڏي،هن چيو ته جڏهن مان ظلم ۽ زيادتي خلاف عدالت ۾ وڃي رجوع ڪيو ته منهنجو اڳوڻو مڙس مشتعل ٿي پيو ۽ هن منهنجي گهر تي فائرنگ ڪئي. گڏوگڏ منهنجي ڪرائيدارن کي به بنا جواز حراسان ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. هن ٻڌايو ته اڄ عدالت ۾ پيش ٿيڻ کان پوءِ جڏهن هوءَ پنهنجي ڀاڻجي اقرار حسين سان گڏ واپس پئي اچي ته شهزادو لاشاري جي چوڻ تي ٿاڻي سي سيڪشن پوليس سندس ڀاڻجي کي گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي هو فون ڪري ڪيس واپس وٺڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيو آهي ۽ انڪار ڪرڻ تي سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، جيڪو سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي متاثر عورت چيو ته هوءَ انصاف لاءِ پوليس وٽ به وئي پر پوليس پنهنجي ساٿي آفيسر جي حمايت ڪري رهي آهي. مسمات ثناء لاشاري آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي سکر رينج ۽ ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي ڪيس انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

سماجي تنظيم نائو پي ڊي پي حيدرآباد طرفان تقريب

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سماجي تنظيم نائو پي ڊي پي حيدرآباد طرفان هنر ڊپارٽمينٽ جي تعاون سان SS ٽريننگ يافته گريجوئيٽ خصوصي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ۾ ڊگريون ورهائڻ واري تقريب لطيف آباد جي مقامي هال ۾ منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هيڊ ڪوارٽر محمد نويد خاص مهمان هو جڏهن ته نائو پي ڊي پي حيدرآباد مرڪز جي ايسوسيئيٽ ڪليم الله سومرو،ڊپٽي ڊائريڪٽر پي اي پي ڊي خرم انصاري،هنر ڊپارٽمينٽ جي ڊپٽي منيجر صبر نيلوفر،منيجر ايڊووڪيسي ۽ گورنمينٽ ريليشن شب شاداب جوڻيجو،منيجر ايچ آر بائولنس ڪمپني عمران پٽي،پروفيسر سنڌ يونيورسٽي انگلش ڊپارٽمينٽ ڊاڪٽر طارق عمراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مهمان خاص اسسٽنٽ ڪمشنر هيڊ ڪوارٽر محمد نويد خطاب ڪندي چيو ته اسان جي معاشري ۾ خصوصي ماڻهو ڪنهن کان به گهٽ نه هوندا آهن ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته خصوصي ٻارن ۽ نوجوانن ۾ لڪيل صلاحيت کي ظاهر ڪيو وڃي. هن چيو ته حيدرآباد ضلعي انتظاميا خاص ٻارن ۽ نوجوانن جي صلاحيتن کي هٿي وٺرائڻ ۾ ڀرپور تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊپارٽمينٽ امپاورمينٽ آف پرسن وٿ ڊس ايبليٽيز حيدرآباد ريجن محمد امتياز احمد خان خطاب ڪندي چيو ته هر ضلعي ۾ اسٽيٽ آف دي آرٽ ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ قائم ڪيا ويندا جيڪو جلد حيدرآباد ۾ قائم ڪيو ويندو،خصوصي ماڻهن کي معاشري جو ڪارآمد شهري بڻائڻ لاءِ سنڌ سرڪار سمورا وسيلا ڪم آڻي رهي آهي خصوصي ٻارن مفت تعليم ۽ تربيت ڏني پئي وڃي ۽ ٻارن کي مفت يونيفارم،ٽرانسپورٽ،لنچ جي سهولت ڏني پئي وڃي جڏهن ته 2هزارن کان وڌائي 3هزار رپيا معذور ٻارن جي امڙ کي ماهوار وظيفو ڏنو پيو وڃي ۽ چيو ته اڄ جي تقريب ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري رهي آهي ته خصوصي ٻار ڪنهن کان گهٽ ناهن ۽ نائو پي ڊي پي مبارڪباد جي مستحق آهي ۽ مان ڪين مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ خصوصي ٻارن جي والدين کي به مبارڪباد ڏيان ٿو ته توهان جا ٻار ڪنهن کان به گهٽ نه آهن

جهول ويجهو شاهه لطيف فائونڊيشن لطيفي جماعت جي گڏجاڻي

مقررن پاران لطيف سائين کي لفظن جي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي وئي

لطيف سائين جي 345 هين جشن ولادت جي تيارين ۽ انتظامن بابت اهم فيصلا ڪيا ويا

سنجهورو(ت ر) درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي سجاده نشين سيد وقار حسين شاهه لطيفي، قائم مقام سجاده نشين سيد مصطفيٰ حسن شاهه لطيفي جي هدايت تي جهول ويجهو ڳوٺ گل محمد ٻبر ۾ شاهه لطيف فائونڊيشن ۽ لطيفي جماعت پاران شاهه لطيف فائونڊيشن لطيفي جماعت جي مرڪزي اڳواڻ سعيد خان المعروف دادلو فقير لسڪاڻي جي اڳواڻي ۾ لطيف سائين جي جشن ولادت جي انتظامن سميت ثقافتي تقريب ٿي گذري،جنهن ۾ مقررن پاران لطيف سائين کي لفظن جي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي وئي جڏهن ته سنڌ ڌرتي جي قديمي ثقافتي امڃاڻ رنگن روپن کي لطيف سائين جي شاعري کي قرار ڏنو ويو.ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن پاران ڀرپور رجھ تي لطيف سائين جو جشن ولادت ثقافتي طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو.تقريب کي سعيد خان المعروف دادلو فقير لسڪاڻي، شاهه لطيف فائونڊيشن جي تعلقو سنجهورو جي صدر ڏاڙهون خان ٻبر،محمد صالح ٻبر ، غلام جعفر ٻبر، ذوالفقار علي ٻبر ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ڌرتي جي ثقافت ڏيهان ڏيهه مشهور آهي سڄي دنيا ۾ سنڌ ڌرتي عبدالله شاهه غازي قلندر شهباز لطيف سرڪار سميت صوفين بزرگن درويشن ڀڳتن جي ڪري سڃاڻپ رکي ٿي. گڏجاڻي ۾ لطيف سائين جي 345 هين جشن ولادت جي تيارين ۽ انتظامن بابت اهم فيصلا ڪيا ويا.ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن چيو ته جهول سميت مختلف علائقن رڪن برڙا مان ويندڙ قافلن سميت سنجهورو تعلقي منجهان مان قافلا ڀٽ شاهه پهچندا.

جهول: شاهه لطيف فائونڊيشن لطيفي جماعت جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پهلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 10 ڊسمبر 2025ع

ڪرپشن خلاف جنگ- رڳو نعرا نه، عملي قدم گهرجن

ٽرانسپرينسي انٽرنيشنل پاڪستان جي تازو جاري ڪيل نيشنل ڪرپشن پرسيپشن سروي 2025ع جي انگن اکرن هڪ ڀيرو ٻيهر اسان جي سامهون بدعنوانيءَ جو اهو ڳرو نقش رکيو آهي، جيڪو نه رڳو ملڪ جي سياسي ۽ معاشي ڍانچي کي ڪمزور ڪري رهيو آهي، پر رياست ۽ عوام جي وچ ۾ اعتبار جي اڻيورائي کي به وڌائي رهيو آهي. رپورٽ موجب ملڪ جي 77 سيڪڙو آبادي حڪومت جي ڪرپشن روڪڻ واري ڪارڪردگيءَ کان مڪمل طور تي مطمئن نه آهي، جيڪا صورتحال حڪومت جي حڪمت عملي تي سوالن جا وڏا نشان ڇڏي ٿي. جڏهن اهڙي وڏي اڪثريت احتسابي نظام تي بي اعتمادي ظاهر ڪري، تڏهن سمجهڻ گهرجي ته مسئلو گهرو آهي، جنهن کي رڳو نعرا ۽ فوٽو سيشن حل ڪري نٿا سگهن. اڪثر ماڻهن صوبائي حڪومتن کي مقامي حڪومت جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڪرپٽ سمجهيو آهي، جيڪا ڳالهه اختياري مرڪزيت کان خالي حڪمراني تي آڱر کڻڻ ٿي. پنجاب ۾ 70 سيڪڙو آبادي جو صوبائي حڪومتن تي بي اعتمادي ظاهر ڪرڻ ۽ بلوچستان ۾ حڪومت جي انسداد ڪرپشن ڪارڪردگيءَ تي 80 سيڪڙو عدم اطمينان ان حقيقت جو ثبوت آهي ته حڪمراني جي دعوائن ۽ عوامي احساسن جي وچ ۾ وڏو خال موجود آهي. پوليس سرڪاري ٽينڊرن ۽ عدليه تي ڪرپشن جا سڀ کان وڌيڪ الزام عوام جي زبان تي آهن. پوليس تي 24 فيصد، پروڪيورمينٽ تي 16 سيڪڙو ۽ عدليه تي 14 سيڪڙو منفي تاثر ان ڳالهه جو اعتراف آهي ته جيڪي ادارا انصاف، جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ ٺاهيا ويا آهن، اتي به ناانصافي جي ديوار بلند آهي. پنجاب ۾ پوليس جي ڪرپشن بابت تاثر 34 سيڪڙو تائين پهچڻ رياستي قانونن جي مڪمل ابتري جو عڪس آهي جڏهن ته سنڌ ۾ اسپتالن جي ڪرپشن جو 49 سيڪڙو تاثر ماڻهن جي حياتين سان کيڏڻ برابر آهي.

صحت جهڙو حساس شعبو جڏهن ڪرپشن جي ور چڙهي وڃي ته نتيجو رڳو مالي ڏوهه نٿو رهي، پر ماڻهن جي زندگيءَ سان سڌي ريت جڙيل ڏوهه بڻجي وڃي ٿو. اسپتالن ۾ دوائن جي فراهمي کان ڊاڪٽرن جي غيرقانوني فيسن ۽ فارما ڪمپنين جي ڳٺ جوڙ تائين سڀئي عمل عوام جي رڳ رڳ مان حق ڦرڻ برابر آهن. بلوچستان ۾ ڊاڪٽرن جي ڪرپشن جو تاثر 35 سيڪڙو هجڻ يا پنجاب ۾ فارماسيوٽيڪل ڪرپشن جو 30 سيڪڙو تائين هجڻ ڪنهن به صورت ۾ معمول جي ڳالهه نه آهي. اهو رڳو بدعنواني نه پر مستقبل جي نسلن جي صحتياب رهڻ کي خطري ۾ وجهڻ آهي. اها به هڪ تلخ حقيقت آهي ته احتساب لاءِ ٺهندڙ ادارا به عوام جي نظر ۾ اعتماد وڃائي چڪا آهن. 78 سيڪڙو شهري چاهين ٿا ته اينٽي ڪرپشن ادارن جو به پاڻ احتساب ٿئي، ڇو ته موجوده نظام شفافيت، آزاد نگراني ۽ سياسي عدم مداخلت جهڙين بنيادي ڳالهين کان محروم آهي جڏهن احتساب سياسي انتقام جي صورت اختيار ڪري وٺندو ته پوءِ ڪرپشن جو حقيقي خاتمو رڳو خواب بڻجي رهجي ويندو. عدالتن ۾ فيصلن ۾ دير، ڄاڻ تائين محدود رسائي ۽ اختيارن جي بي جا مداخلت ڪرپشن کي وڌيڪ پاڙون مضبوط ڪرڻ جو موقعو ڏين ٿا. انهن سڀني ڳڻتي وارين حالتن جي باوجود هڪ مثبت پهلو به سامهون اچي ٿو ته ملڪ جي 66 سيڪڙو ماڻهن چيو ته کين سرڪاري خدمت حاصل ڪرڻ لاءِ رشوت نه ڏيڻي پئي. ان سان گڏوگڏ 58 سيڪڙو ماڻهن اها ڳالهه به تسليم ڪئي ته معيشت کي آءِ ايم ايف پروگرام ۽ ايف اي ٽي ايف مان نڪرڻ بعد ڪجهه استحڪام مليو آهي. هي عوامي تاثر ان ڳالهه جي علامت آهي ته ماڻهو مڪمل مايوسي جو شڪار ناهن ٿيا، پر بهتر حڪمراني ۽ ايماندار رويي جي اميد اڃا زنده آهي. بهرحال، عوام جو سياسي جماعتن جي فنڊنگ ۾ شفافيت لاءِ زور ڀرڻ، سرڪاري اشتهارن ۾ سياسي تشهير جي مخالفت، صحت شعبي ۾ سخت قانونسازي جو مطالبو ۽ ڪرپشن جي رپورٽنگ سسٽم کي عام ۽ محفوظ بڻائڻ جو مطالبو ٻڌائي ٿو ته ڪو به سماج پنهنجي تباهيءَ لاءِ رضاڪارانه رستو اختيار نٿو ڪري. 70 سيڪڙو شهري ڪرپشن رپورٽ ڪرڻ جي طريقن کان ئي ناواقف آهن، جنهن مان ظاهر آهي ته قانون موجود پر سهولت ۽ آگاهي نه هجڻ سبب عوام جي شرڪت ناممڪن بڻجي وڃي ٿي. حقيقت هيءَ آهي ته ڪرپشن خلاف جنگ صرف قانونن سان نه، پر ذهني ۽ ادارن جي سڌارن سان کٽي سگهجي ٿي. جيستائين ادارن مان سياسي اثر ختم نه ٿيندو، جيستائين احتساب بنا فرق سڀني لاءِ هڪجهڙو نه ٿيندو ۽ جيستائين شڪايت ڪندڙن کي تحفظ ۽ ساراهه نه ملندي، تيستائين ڪرپشن جو خاتمو رڳو تقريرن تائين محدود رهندو. ملڪ اڳ ئي معاشي، سماجي ۽ سياسي بحرانن مان گذري رهيو آهي، اهڙي وقت ۾ بدعنوانيءَ جي واڌ قومي مستقبل لاءِ خطرناڪ ترين خطرو بڻجي سگهي ٿي. هاڻي فيصلي جو وقت آهي. يا ته رياست ايمانداري، شفافيت ۽ انصاف جي رستي تي هلي عوام جو اعتماد بحال ڪري يا پوءِ ڪرپشن جي چنبي هيٺ مستقبل جي نسلن کي سزا ڀوڳڻ لاءِ ڇڏي ڏي. پاڪستان کي هاڻي اهو طئي ڪرڻو آهي ته ڇا اسان طاقتورن جي ڪرپشن کي تحفظ ڏينداسين يا پوءِ قوم جي تقدير بدلائينداسين. ڇو ته هڪ ڳالهه واضح آهي: ايماندار رياست بغير انصاف ممڪن ناهي ۽ انصاف بغير آزادي ۽ ترقي ممڪن ناهي.

GSP پلس جائزي واري مشن جو دورو



ڊاڪٽر مرزا اختيار بيگ

يورپين يونين جي ست رڪني مانيٽرنگ مشن، جيڪو جي ايس پي پلس ڊائريڪٽوريٽ جي صلاحڪار سرجيو بليريا جي قيادت ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ پاڪستان پهتو هو، ان پنهنجي دوري ۾ پاڪستان کي ڏني ويل ڊيوٽي فري GSP Plus سهولت جي تجديد لاءِ انهن 27 ڪنوينشنز تي عملدرآمد جو جائزو ورتو، جن تي پاڪستان جي ايس پي پلس حاصل ڪرڻ لاءِ صحيحون ڪيون هيون. هي وفد يورپي ڪميشن جي انٽرنيشنل افيئرز سياست ۽ واپار جي سينيئر ميمبرن تي مشتمل هو. وفد پنهنجي رهائش دوران انساني حقن جي وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ، واپار واري وزير جام ڪمال خان ۽ 24 نومبر تي ڪراچيءَ ۾ فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس (FPCCI) ۾ پرائيويٽ سيڪٽر جي نمائندن سان ملاقاتون ڪيون. قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ ڪاروباري برادريءَ جو نمائندو هجڻ جي حيثيت سان مون کي به خاص طور تي ان اهم اجلاس لاءِ دعوت ڏني وئي هئي. هيءَ ملاقات پاڪستان لاءِ وڏي اهميت رکندڙ هئي، ڇو ته يورپي يونين جي 27 ملڪن لاءِ ڊيوٽي فري سهولت جي تجديد جو سڄو دارومدار ان ڳالهه تي هو ته جائزه مشن کي مطمئن ڪيو وڃي ته پاڪستان انهن سڀني 27 ڪنوينشنز تي عمل ڪري رهيو آهي. ملاقات دوران مانيٽرنگ مشن پاڪستان ۾ انساني حقن، جبري گمشدگين، عورتن ۽ اقليتن جي حقن، چائلڊ ليبر ۽ موت جي سزا بابت پنهنجا خدشا پيش ڪيا. ان سان گڏ هنن ليبر قانون، ماحوليات، گورننس، سياسي عدم استحڪام ۽ اظهارِ راءِ جي آزاديءَ بابت به خدشا ظاهر ڪيا. يورپي مشن کي مون ٻڌايو ته ملڪ ۾ وڌندڙ دهشتگردي ۽ سنگين ڏوهن جي ڪري 2024 تائين 6 هزار 1 سؤ 61 ڏوهارين کي موت جي سزا ٻڌائي وئي آهي، پر ڊسمبر 2019ع کان وٺي اڄ تائين ڪنهن کي به ڦاهيءَ تي ناهي چاڙهيو ويو ۽ گهڻيون سزائون عمر قيد ۾ تبديل ٿي چڪيون آهن.

چائلڊ ليبر بابت يورپي يونين جي تحفظات تي مون واضح ڪيو ته عالمي خريدار باقاعدي فئڪٽرين جو آڊٽ ڪن ٿا، جتي چائلڊ ليبر ۽ ڪيميائي گندگيءَ جي ٽريٽمينٽ جي سخت پابندي ڪرائي وڃي ٿي. قانون جي ڀڃڪڙيءَ تي نه صرف آرڊرز رد ڪيا ويندا آهن پر فئڪٽريءَ کي بليڪ لسٽ به ڪيو وڃي ٿو. تنهن ڪري پاڪستان جون ايڪسپورٽ انڊسٽريون عالمي معيارن تي سختيءَ سان عمل ڪن ٿيون. ياد رهي ته يورپي يونين انساني حقن جي ڀڃڪڙيءَ سبب سري لنڪا کان به GSP پلس واپس ورتو هو. چند ڏينهن اڳ يورپي يونين جي سفير رائمندوس ڪاروبلس به خبردار ڪيو هو ته "پاڪستان کي اڃا گهڻو ڪجهه ڪرڻو پوندو ته جيئن هو اسڪيم جون شرطون پوريون ڪري سگهي."

آءِ ايم ايف پڻ پنهنجي تازين رپورٽن ۾ پاڪستان ۾ ڪرپشن ۽ گورننس تي شديد ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي ان کي حڪومت ۽ پارليامينٽ ٻنهي لاءِ 'چارج شيٽ' قرار ڏنو آهي. وفاقي ناڻي وزير محمد اورنگزيب پارلياماني ڪميٽيءَ کي ٻڌايو ته آءِ ايم ايف جا 15 اهم مطالبا 31 ڊسمبر 2025ع کان اڳ پورا ڪرڻا پوندا. جي ايس پي پلس سان منهنجي گهري وابستگي رهي آهي. وزيراعظم يوسف رضا گيلانيءَ جي حڪومت ۾ مون ٽيڪسٽائيل جي صلاحڪار طور يورپي يونين کي هڪ نئين نظرثانيءَ واري اسڪيم ڏني هئي، جنهن کان پوءِ پاڪستان کي جي ايس پي سهولت ملي. منهنجو دوست ۽ پنجاب جو اڳوڻو گورنر چوڌري سرور به هن سهولت حاصل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

يورپي يونين 2014ع ۾ پاڪستان کي 5 سالن لاءِ ڊيوٽي فري جي ايس پي Plus ڏنو، جيڪو 2023ع تائين وڌايو ويو ۽ هاڻي 2027ع تائين وڌايو ويو آهي. جي ايس پي پلس تحت يورپي يونين پاڪستان جي 6 هزار 3 سؤ کان وڌيڪ شين، خاص طور تي ٽيڪسٽائيل تي 9.6 سيڪڙو (800 ملين يورو) ٽيڪس ختم ڪيو. ان سان پاڪستان کي ڀارت، ترڪي، چين ۽ ويٽنام جي مقابلي ۾ وڏي ڪاميابي ملي. نتيجي ۾ پهرين پنجن سالن ۾ يورپي يونين وڃڻ واري ايڪسپورٽ ۾ 15 ارب ڊالرن جو اضافو ٿيو. پاڪستان جي يورپي يونين کي ايڪسپورٽ 9 ارب ڊالر (مجموعي ايڪسپورٽ جو 25 سيڪڙو) يورپي يونين کان امپورٽ: 3.2 ارب ڊالر ڪُل واپار: 12.3 ارب ڊالر رهيو. 2014ع کان 2022ع تائين اسان جي يورپي يونين ايڪسپورٽ ۾ 108 سيڪڙو اضافو ٿيو پر بدقسمتيءَ سان زرعي پيداوار، فشرين اسپورٽس، سرجيڪل سامان، آءِ ٽي، نارنگي ۽ انب جي مارڪيٽ ۾ پاڪستان پنهنجو مقام نه ٺاهي سگهيو.

مون جائزه مشن کان درخواست ڪئي ته پاڪستان مان سي فوڊ جي يورپي يونين ايڪسپورٽ تي پابندي ختم ڪئي وڃي. مون پنهنجي تقرير ۾ يورپي وفد جا مهرباني مڃيندي چيو ته جي ايس پي پلس جي سهولت سان نه فقط ايڪسپورٽ وڌي آهي پر هزارين نوجوانن کي نوڪريون مليون ۽ دهشتگرديءَ کان بچڻ ۾ مدد ملي، جنهن سان غربت ۾ به گهٽتائي آئي آهي. 9 ڊسمبر تي منهنجي جرمنيءَ جي ڊپٽي هيڊ آف مشن سان ملاقات طئي آهي، جتي آئون انهن کان جي ايس پي پلس جي تجديد لاءِ جرمنيءَ جي حمايت جي درخواست ڪندس. پاڪستان جي ٽيڪسٽائيل انڊسٽري اڳ ئي شديد بحران ۾ ڦاٿل آهي. جيڪڏهن يورپي يونين ڊيوٽي فري سهولت واپس ورتي وئي ته پاڪستان جي ايڪسپورٽ تي سخت اثر پوندو ۽ ملڪ هن وقت اهڙو ڌڪ برداشت نٿو ڪري سگهي.

نئين دفاعي نظام سان اوچي اڏام!



محمود شام

چار ڊسمبر 2025ع پاڪستان لاءِ هڪ اهم تاريخ ثابت ٿي آهي. ان ڏينهن ملڪ اندر هڪ نئون تجربو ڪيو ويو، جنهن سان پاڪستان عملي طور هڪ نئين فوجي بندوبست يا عسڪري ڍانچي ۾ داخل ٿي ويو آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ جوڙيل جيڪو چيف آف اسٽاف وارو نظام هو، اهو هاڻي تبديل ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي 'چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي' واري اڳوڻي پوسٽ جي جاءِ تي هڪ نئون ۽ وڌيڪ طاقتور عهدو شامل ڪيو ويو آهي، جنهن جو نالو آهي ڪمانڊر ڊيفنس فورسز. هن نئين عهدي جي مُدت به پنج سال مقرر ڪئي وئي آهي، بلڪل ائين جيئن ڪروڙين ووٽن سان چونڊجي ايندڙ پارليامينٽ جي مُدت پنج سال هوندي آهي يعني هاڻي ملڪ ۾ هڪ طرف چونڊيل حڪومت جي پنج سالا مدي جو تصور آهي، ته ٻئي طرف فوجي ڍانچي ۾ به هڪ اهڙوئي پنج سالا مضبوط عهدو قائم ڪيو ويو آهي. نئين نظام تحت هر نئون آرمي چيف پاڻمرادو ڪمانڊر ڊيفنس فورسز به هوندو، يعني ملڪ جي دفاعي ادارن جو سڀ کان وڏو ۽ مرڪزي اختيار هڪ ئي شخص وٽ هوندو. پاڪستان جي قيام وقت جڏهن ملڪ ٺهيو، تڏهن سڀ کان پهريون وڏو فوجي عهدو 'ڪمانڊر اِن چيف' هوندو هو. وقت گذرندو ويو، نظام بدلجندو ويو، عهدن ۾ تبديليون اينديون ويون ۽ هاڻي اهو سفر وڌندي وڌندي ڪمانڊر ڊي فنس فورسز واري نئين منزل تي اچي پهتو آهي. هاڻي بحري، هوائي ۽ آرمي جون پنهنجيون الڳ الڳ قيادتون يعني پنهنجا پنهنجا چيف ته هوندا، پر آرمي چيف، ڪمانڊر ڊيفنس فورسز جي حيثيت سان، بحريه ۽ فضائيه ٻنهي جو به سربراهه هوندو. هن کي 'يونٽي اِن ڪمانڊ' چيو ويندو آهي، يعني سڄي دفاعي قيادت هڪ مرڪزي ڪمانڊ هيٺ اچي وڃي. اهڙو تجربو ٻين ڪيترن ملڪن ۾ به ٿي چڪو آهي. پاڪستان ۾ جڏهن 1958ع، 1969ع، 1977ع ۽ 1999ع وارا مارشل لا لڳا، ته اهي به آرمي جي سربراهه طرفان لڳايا ويا. پوءِ اهي ئي سربراهه نه رڳو ملڪ جا حڪمران بڻيا، پر سڀئي فورسن يعني آرمي، نيوي ۽ ائيرفورس به سندن ماتحت رهيون. رڳو فوج ئي نه، پر سڄو ملڪ، سڄي بيوروڪريسي، سڀ سرڪاري ادارا انهن جي حڪم هيٺ اچي ويا. اهو نظام ڪيئن رهيو؟ مارشل لا جا دور ڪيئن هلايا ويا؟ انهن بابت ڪيترن محققن تفصيلي ڪتاب لکيا آهن. حمودالرحمن ڪميشن جي رپورٽ ۾ به انهن معاملن تي ڳالهيون ملن ٿيون. ڪيترن ئي غير ملڪي ليکڪن ۽ صحافين به ان زماني جا حوالا ڏنا آهن. وري جيڪي جنرل رٽائر ٿي ڪتاب لکندا رهيا، تن به هن نظام بابت ڪٿي تنقيد ڪئي ته ڪٿي ساراهه پڻ ڪئي. هاڻي نئون بندوبست ٿيڻ بعد جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي وارو عهدو مڪمل طور ختم ڪيو ويو آهي. 1976ع کان هلندڙ جيڪو هي تجربو آهي، اهو اصل ۾ ڪيئن رهيو؟ ان تي هاڻي هڪ بلڪل غيرجانبدار، يعني طرفدارين کان پاڪ تحقيق ٿيڻ گهرجي، ته جيئن صاف پتو پوي ته هن نظام جو فائدو گهڻو ٿيو يا نقصان ۽ هاڻي جيڪو نئون نظام شروع ڪيو ويو آهي، ان مان ڪهڙيون اميدون رکي سگهجن ٿيون. اهو به سنجيدگيءَ سان ڏسڻ گهرجي. هن وقت بظاهر ائين لڳي رهيو آهي ته هي سڄو نئون ڍانچو هڪ شخصيت جي ڪارڪردگي ۽ طاقت کي ذهن ۾ رکي تيار ڪيو ويو آهي. پر ايندڙ سالن ۾ جيڪڏهن هي نظام هلندو رهيو، ته شخصيتون ته بدلبيون ئي بدلبيون، سو اهي سڀ اختيار ۽ سهولتون، جيڪي موجوده ڪمانڊر ڊيفنس فورسز وٽ آهن، اهي ايندڙ ڪمانڊرن کي به پاڻمرادو ملنديون. ظاهر ۾ ته هن نظام جو دارومدار رڳو دفاعي ادارن تائين آهي، پر هن تاريخي لمحي تي پهرين ڪمانڊر ڊيفنس فورسز جيڪو بيان ڏنو آهي 'ملڪ هاڻي ٺيڪ ٿي ويو آهي ۽ توهان وڌيڪ بهتري ڏسندا، پاڪستان وڌيڪ اوچي اڏام ڀريندو' تنهن مان لڳي ٿو ته سندن ذهن ۾ رڳو دفاع جا تصور نه آهن، پر ملڪ جي مجموعي مستقبل بابت به سوچ موجود آهي. آرمي چيف معيشت، سيڙپڪاري، معدني وسيلن ۽ ملڪ جي اقتصادي اڳڀرائي بابت ٿيندڙ مڙني اهم اجلاسن ۾ حصو وٺندو رهيو آهي ۽ ڪافي اهم ۽ فائديمند مشورا ڏيندو رهيو آهي. ان ڪري صدر مملڪت ۽ وزيراعظم جي بيانن مان به اهو تاثر مليو آهي ته هو اهم رياستي معاملن ۾ آرمي چيف جي تجربي ۽ فراست مان فائدو وٺندا رهيا آهن. هتي اهو تاثر به قائم ٿي سگهي ٿو ته هاڻي ملڪ جي ترقي لاءِ سياسي جماعتن جي وابستگين کان مٿانهون ٿي ڪم ڪيو ويندو يعني پارٽيبازي يا ڌريرستيءَ کان هٽي، رڳو ترقي کي ترجيح ڏني ويندي. اها به حقيقت آهي ته ميان محمد نواز شريف ۽ ميان محمد شهباز شريف پاڻ 1985ع جي غير جماعتي چونڊن جو ئي نتيجو آهن. آصف علي زرداري به، جيتوڻيڪ 1987ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو سان شادي ڪانپوءِ سڌو رياستي معاملن ۾ اثر وجهڻ شروع ڪيو پر هن پڻ 1985ع واري غير جماعتي چونڊ ۾ نوابشاهه مان حصو ورتو هو. منهنجي هڪ درد ڀري اپيل آهي ته ملڪ جون يونيورسٽيون ۽ تحقيقاتي ادارا سنجيدگيءَ سان پاڪستان جي اهم شعبن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺن ۽ انهن جي روشني ۾ ملڪ جي مستقبل بابت واضح اشارا ۽ رپورٽون تيار ڪن ۽ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته اهڙين تحقيقن ۾ اهو خوف هرگز شامل نه هجي ته متان حڪمران ناراض ٿي پون. اها فڪر ته بلڪل به نه ٿيڻ گهرجي، ڇو ته اهي رپورٽون ته حڪمرانن جي رهنمائي ۽ صحيح فيصلا ڪرڻ لاءِ ئي ٺاهيون وينديون آهن. هاڻي، چار ڊسمبر 2025ع واري هن وڏي تبديلي ڪانپوءِ، سڀني يونيورسٽين ۽ تحقيقاتي ادارن کي ضرور اِهو ڏسڻ گهرجي ته ان ڏينهن پاڪستان تعليم، صحت، دفاع، زراعت، معيشت، واپار، صنعت، برآمدات، آئي ٽي، پيداوار، صوبن جي باهمي لاڳاپن، دهشتگردي جي خاتمي، ڪرپشن، پڙهيل لکيل ماڻهن جي شرح، غربت جي سطح کان هيٺ رهندڙ ماڻهن جي تعداد، انفراسٽرڪچر ريلوي، پُلن، ڊيمن آبپاشي، شاهراهن، سياحت ۽ ٽرانسپورٽ ۾ ڪهڙي پوزيشن تي بيٺو هو. ان ڪانپوءِ هڪ مخصوص مدت مقرر ڪري ڇڏجي ته اهي ادارا هر مهيني يا هر ٽن مهينن ڪانپوءِ قوم کي اصل حقيقي ۽ شفاف انگ اکر ڏيکارين. خاص طور تي انهن تبديلين ڪانپوءِ جيڪي پارليامينٽ جي 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن جي نتيجي ۾ نون عدالتي، قانوني ۽ دفاعي نظامن جي صورت ۾ سامهون آيون آهن. انهن رپورٽن مان صاف پتو پوندو ته ڪهڙي شعبي ۾ ترقي ٿي رهي آهي ۽ ڪيتري ٿي رهي آهي. اهو ڪم بلڪل اهڙو ئي ضروري آهي، جيئن ڊاڪٽر اسان جهڙن پوڙهن کان وزن، بلڊ پريشر آڪسيجن ۽ شوگر جا چارٽ هر مهيني تيار ڪرائيندا آهن ته صحت جو حال معلوم رهي، ساڳي ريت، هاڻي ان ڳالهه جو به جائزو وٺڻ ضروري آهي ته هن نئين نظام ڪانپوءِ پاڪستان جي آمريڪا پاليسي، اسرائيل پاليسي، هندستان پاليسي، مذهبي پاليسي، چين پاليسي، وچ اوڀر پاليسي، افغانستان پاليسي ۽ ايران پاليسي ۾ ڪهڙيون تبديليون اچن ٿيون ۽ اهي پاليسيون ڪهڙي طرف وڃي رهيون آهن. منهنجي مکيه گزارش هميشه اها هوندي آهي ته سڀ کان پهرين اسان پنهنجو گهر مضبوط ڪريون. پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪريون. اسان جي اولادن جي دل ۾ جيڪي سوال اڀرن ٿا، جيڪي فڪر کين تڙپائين ٿيون، تن جا جواب کين گهر اندر ئي ملڻ گهرجن ۽ پوءِ عصر نماز ڪانپوءِ پاڙي وارن سان لاڳاپا به مضبوط ڪجن. گهر مضبوط، پاڙو مضبوط، پوءِ شهر پاڻمرادو مضبوط ٿي ويندا. منهنجي سڀ کان وڏي خواهش اها ئي آهي ته جيڪي ڪم اسان جي پنهنجي ذميواريءَ وارا آهن، اهي ته گهٽ ۾ گهٽ اسين پاڻ ڪريون. نيپا واري المناڪ سانحي پوري ملڪ کي ڏک ۾ ڇڏيو آهي. کليل مين هول ۽ نيڪاسيءَ جو خراب نظام رڳو ڪراچي يا سنڌ جو نه، پر سڄي ملڪ جو مسئلو آهي. پر ايندڙ سالن جو ابراهيم موٽي ته ڪڏهن به نه ايندو، پر سندس کِل، سندس صورت اسان جي دلن ۾ هڪ امانت ۽ هڪ خبرداري بڻجي هميشه رهندي. وزيراعليٰ سنڌ، ڪي ايم سي جي سينيئر ڊائريڪٽر ميونسپل سروسز اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجينيئر ميونسپل ٽائون گلشن اقبال، ايگزيڪيوٽو انجينيئر واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن، اسسٽنٽ ڪمشنر گلشن اقبال ۽ ٻه مختيارڪار معطل ڪيا آهن ان مان اهو صاف ظاهر ٿي ويو آهي ته ميونسپل خدمتن بابت ذميوارين جو پورو نيٽ ورڪ ڪهڙو آهي ۽ ڪهڙا آفيسر ڪهڙين شين جا ذميوار آهن. هاڻي رڳو ڪراچي يا سنڌ جا شهر نه، پر ملڪ جا سڀ شهر ڄاڻي سگهندا ته صفائي، نيڪاسي ۽ اهڙن مسئلن جو اصل ذميوار ڪير آهي. ايترن ڏينهن کان ته ذميواريون هڪ ٻئي تي وڌيون وينديون هيون. هاڻي ضروري آهي ته هر ٽائون جا رهواسي به سڃاڻين ته اهڙن مسئلن ۾ رابطو ڪنهن آفيسر سان ڪرڻو آهي. سوال اهو به ٿو ٿئي ته ڇا ڪراچي جي ٻين ٽائونن ۾ مقرر آفيسرن پنهنجي پنهنجي علائقي جو جائزو ورتو آهي؟ ڏٺو آهي ته ڪٿي ميونسپل سهولتون آهن ۽ ڪٿي نه آهن؟ منهنجي دعا آهي ته ٻيهر ڪو اهڙو حادثو ڪنهن معصوم ٻار سان پيش نه اچي ۽ آفيسر پنهنجي ذميواريءَ جو پاڻ احتساب ڪري وٺن، ته جيئن اهڙي تڪليف ڏيندڙ غلطي ٻيهر نه ٿئي.

سنڌ ڦهتل پرديسي پکي ۽ تحرڪ ۾ آيل شڪاري!

شاهد گل سمون

سنڌ، جنهن کي دنيا تهذيبي ورثي، محبت، مهمان نوازي، جُرئت ۽ انسانيت جي ڌرتيءَ طور سڃاتي وڃي ٿي، اڄ ان ڌرتيءَ تي هڪ اهڙو ناسور پکڙجي ويو آهي، جيڪو نه رڳو ماحوليات کي نقصان ڏئي رهيو آهي پر سنڌ جي صديون پراڻي اخلاقي قدرن ۽ سماجي بنيادن کي پڻ کائي رهيو آهي. اهو ناسور "شڪار جي نالي تي هلندڙ ڏنڊو" آهي، جيڪو سنڌ جي ڀوتارن، وڏيرن، سياسي بااثرن ۽ مقامي سرڪاري عملدارن جي ملي ڀڳت سان هڪ منظم ڪاروبار جو روپ اختيار ڪري چڪو آهي. سنڌ ۾ ٿيندڙ شڪار جيڪو ڪجهه وقت اڳ ثقافت، مهماني ۽ تجربي جو علامت هوندو هو، اهو اڄ هڪ اهڙي شيءِ بڻجي ويو آهي، جنهن ۾ ڏاڍ، عورتن جي تذليل، قدرت طرفان پيدا ڪيل ناياب پکين کي مارڻ ۽ انساني حقن جي لتاڙ شامل آهن.

سنڌ ۾ جڏهن شڪار جي موسم اچي ٿي، تڏهن اصل ۾ ڏاڍ ۽ اخلاقي بگاڙ جو موسم شروع ٿيندو آهي. مقامي وڏيرن طرفان شڪار جي نالي ۾ ملڪي توڙي غير ملڪي مهمانن لاءِ پنهنجي گهرن جا در کوليا ويندا آهن، تڏهن اها مهمان نوازي، تفريح ۽ ثقافتي روايت نه پر اهو اصل ۾ اقتدار جي بازار هوندي آهي، جتي شڪار رڳو هڪ پکيءَ کي مارڻ هوندو آهي ۽ ان پردي پويان ملڪ، ماڻهن ۽ ماحوليات کي نيلام ڪيو ويندو آهي. اهڙا بااثر ماڻهو طاقت جي زور تي وڏيون وڏيون گاڏيون، هٿياربند ماڻهن جا ٽولا، سرڪاري پروٽوڪول، پوليس اهلڪارن جي تمام گهڻو تعداد ۽ ٻين ماڻهن جو ميڙ گڏ ڪندا آهن ۽ پرڏيهي مهمانن کي وٺي ايندا آهن، جيڪي اڪثر ڪري ڪنهن قسم جي قانون ۽ انساني قدر کي نه ڄاڻندا آهن. انهن ماڻهن کي هي ڏيهه رڳو ميدان لڳي ٿو جنهن ۾ هو هٿيارن جا منهن کولي ڇڏين ۽ شڪار ڪري هليا وڃن. سنڌ ۾ مقامي بااثر ماڻهو انهن شڪارين کي کُلي اجازت ڏين ٿا، ڇاڪاڻ جو انهن کي انهن غير ملڪي ماڻهن مان سياسي فائدا، پئسا ۽ عالمي سطح تي پنهنجو شخصي اثر وڌائڻ جي شوق هوندو آهي. انهيءَ شڪار جي نالي ۾ ٻيلن پڻ جو صفايو ٿي ويندو آهي. تلور، هرڻ، جهنگلي جيوت ۽ ٻين ناياب پکين جو نسل تباهه ٿيڻ لڳندو آهي ۽ ماحولياتي توازن کي اهڙو ڌڪ لڳندو آهي جو ڪيترائي علائقا اجڙيل ريگستان بڻجي ويندا آهن. پر اصل تباهي جانورن جي نه هوندي آهي، اصل تباهي انسان جي سماجي ڍانچي ۽ اخلاقي معيارن جي ٿيندي آهي.

سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ خوف ڇانيل هوندو آهي ته موجوده ڏينهن ۾ گهرن جا دروازا بند رکجن، عورتن کي ٻاهر نه ڪڍيو وڃي، ٻارن کي به پري نه ڇڏجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن به بااثر جي رستي تي نه اچجي. ماڻهن کي ڄاڻ آهي ته شڪار جي نالي ۾ جيڪو قافلو نڪري ٿو، اهو ڪنهن قانون جي پابنديءَ وارو قافلو ناهي هوندو پر اهو وحشت، ڏاڍ ۽ بدمعاشيءَ جو قافلو هوندو آهي. مقامي پوليس کين پروٽوڪول ڏيندي آهي، جڏهن ته انتظاميه کين اجازت ڏيندي آهي ۽ حڪومت مهمانن کي خوش ڪرڻ لاءِ تلور، هرڻ ۽ ٻين ناياب پکين توڙي جانورن کي مارڻ جا لائيسنس ڏيندي آهي. سرڪار انهن ماڻهن کي ملڪي مهمان سمجهي الٽو مقامي ماڻهن تي پابنديون وجهي ٿي ته اهي شڪار وارن علائقن جي آسپاس نه وڃن. بااثر ماڻهو مهمانن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺاڻن کان ڪم وٺي ڪري کين مزدوري به نٿا ڏين، ڪڏهن پوري ڳوٺ کي ڏينهن رات خدمت ڪرڻ جو چوڻ ٿا ۽ ڪڏهن سڄو علائقو سيڪيورٽيءَ جي نالي تي بند ڪري ڇڏين ٿا. ان سڄي صورتحال ۾ جيڪو ماڻهو انڪار ڪري ٿو، تنهن کي دشمن ثابت ڪري سندس خلاف ڪيس داخل ڪيو ويندو آهي، ڪيس ماريو ويندو آهي.

شڪار جي نالي ۾ هلندڙ هن ڪرپٽ نظام ۾ غيرقانوني هٿيار، منشيات ۽ اهڙين غيرقانوني سرگرمين کي پردو ڏيڻ شامل هوندو آهي. مقامي بااثر انهن پرڏيهي شڪارين کي اهو سڀ ڪجهه مهيا ڪري بدلي ۾ انهن کان لامحدود فائدا حاصل ڪندا آهن، جيڪي کين وڌيڪ ۽ عوام کي وڌيڪ ڪمزور مضبوط ڪن ٿا. اهي عمل ايندڙ نسل کي تباهه ڪري رهيو آهي، ڇو ته اخلاق جي بنيادن کي ئي ناس ڪري ٿو. سنڌ ۾ جيڪي ڪيس شڪار جي نالي ۾ ٿين ٿا، تن جو حساب ڪير ڏيندو؟ اڃان وڌيڪ ڪيترا نوجوان تشدد جو شڪار ٿيندا؟ ڪيترين زمينون قبضي ۾ وينديون، ڪيترا ٻيل تباهه ڪيا ويندا، ڪيترا ڳوٺ ويران ٿيندا ۽ ڪيترين زندگيون برباد ڪيون وينديون. ان حوالي سان سرڪاري سطح تي ڪجهه به موجود ناهي، ڇاڪاڻ ته اهو سڀ طاقت جي ڇانوَ ۾ ٿئي رهي هوندو آهي.

سنڌي سماج ۾ هاڻي اهڙو ماحول پيدا ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ ماڻهو خوف ۾ رهن ٿا، خاموشي اختيار ڪن ٿا ۽ پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي پاڻ کي پرديسي محسوس ڪن ٿا. پر ان جي باوجود، سنڌ جي ماڻهن اندر بيچيني پيدا ٿيندي آهي. ماڻهو پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿاري رهيا آهن. ماحولياتي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن. نوجوان سوشل ميڊيا تي بااثر ماڻهن جي ظُلم خلاف نڪتل آهن ۽ عالمي سطح تي به تلور جي غيرقانوني شڪار خلاف مزاحمت وڌي رهي آهي. اها مزاحمت شايد اڄ ننڍڙي هجي پر اها ئي اميد آهي، جيڪا هن ظلم تي روشني بڻجي سگهي ٿي. ان حوالي سان سنڌ جي تباهيءَ جو سلسلو تڏهن بند ٿيندو جڏهن شڪار کي عياشي نه پر ذميواري سمجهيو ويندو، جڏهن بااثر ماڻهوءَ کي عام شهريءَ جي برابر سمجهيو ويندو، جڏهن غير ملڪي مهمانن کي سنڌ جي ثقافت ۽ شڪاري جي حدن اندر بيهارڻو پوندو ۽ جڏهن اخلاقي قدرن کي سماج جي ۾ رکيو ويندو. سنڌ جي حقيقي عظمت به تڏهن بحال ٿي سگهي ٿي، جڏهن شڪار جي بهاني هلندڙ هن پوري نظام کي ٽوڙي هڪ اهڙو سماج جوڙيو وڃي، جنهن ۾ عزت، امن، انصاف ۽ انسانيت سڀ کان اهم هجن.

Shahidgul.samo@gmail.com

سنڌ اندر عدالتي شادين جو وڌندڙ رجحان ۽ والدين جون قبرون!

غلام فاروق

اڄ جي هن ڪالم ۾ اسين ان موضوع تي ايتري ته کليل دل سان، ايتري ته تفصيل سان ۽ ايتري ته سچائيءَ سان ڳالهائينداسين جو هر لفظ اوهان جي دل تائين پهچي ويندو ۽ شايد ڪيترن ئي جوڙن جو فيصلو بدلجي وڃي جي ها اڄ جو موضوع آهي عدالتي شاديون. هاڻي ته هر گهر ۾، هر محلي ۾، هر واٽ تي، هر آفيس ۾، هر ڪاليج جي ڪينٽين ۾، هر بس اسٽاپ تي، هر واٽس ايپ گروپ ۾، هر ٽڪ ٽاڪ وڊيو جي ڪمينٽ ۾، هر فيسبوڪ پوسٽ هيٺ، هر يوٽيوب وڊيو ۾، هر ريڊيو پروگرام ۾، هر ٽي وي ٽاڪ شو ۾، هر اخبار جي سرخيءَ ۾، هر سماجي ميڊيا ٽرينڊ ۾، هر شاديءَ جي تقريب ۾، هر جنازي تي به بس هڪڙي ئي ڳالهه گونجي رهي آهي ته ڇوڪري ڀڄي وئي، ڇوڪرو ڀڄي ويو، عدالتي شادي ڪري ڇڏين خاندان بدنام ٿي ويو، غيرت جو معاملو بڻجي ويو، جرڳو ويٺو، فيصلو ٿي ويو ۽ پوءِ... موت، طلاق، تباهي يا سڄي زندگيءَ جو افسوس.

ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون محبت جي نالي تي گهر ڀاتين کي لڪاءِ ۾ رکي، والدين جي مرضيءَ کي ٽوڙي ڪڏهن رات جو ٻه وڳي ته ڪڏهن صبح جو پنج وڳي ڪڏهن ڪورٽ جي پويان ننڍڙي هوٽل ۾ لڪي ويهي، ڪڏهن وڪيل جي چيمبر ۾، ڪڏهن پارڪ جي هڪ ڪنڊ ۾، ڪڏهن ڪنهن دوست جي گهر ۾، ڪڏهن ريل گاڏيءَ جي انتظار ۾، ڪڏهن بس ۾ سفر ڪندي، هٿ ۾ هڪ ننڍڙو اسٽيمپ پيپر، ٻه گواهه (جن مان هڪ اڪثر وڪيل جو ملازم هوندو آهي)، هڪ وڪيل هڪ ننڍڙو سرٽيفڪيٽ جهلي سمجهندا آهن ته هاڻي سڀ ڪجهه حل ٿي ويو، هاڻي دنيا فتح ٿي وئي، هاڻي ڪوبه اسان کي جدا نه ٿو ڪري سگهي ڪِن لاءِ اها عشق جي سڀ کان وڏي فتح لڳندي آهي، ڪِن لاءِ نئين دور جي آزادي، ڪِن لاءِ سولو، سستو ۽ تيز رستو، پر جيڪي مذهب کي سمجهن ٿا، سماج کي سمجهن ٿا، خانداني قدرن کي سمجهن ٿا، زندگيءَ جي اونهي تلخي ۽ مٺاس کي سمجهن ٿا، سي ان کي وڏو گناهه، خانداني تباهي، سماجي موت ۽ سڄي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو جوکو سمجهندا آهن.

اسلام ۾ شاديءَ جو نظام دنيا جي سڀ کان خوبصورت، مڪمل ۽ منظم نظامن مان هڪ آهي الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ نه رڳو شاديءَ جي حوصلا افزائي ڪئي آهي پر ان کي نصف مذهب به قرار ڏنو آهي الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اسان توهان کي جوڙو جوڙو پيدا ڪيو ته جيئن اوهان هڪ ٻئي ۾ سڪون حاصل ڪريو پر ان سڪون جي لاءِ ڪجهه شرط پڻ مقرر ڪيا ويا آهن جن مان سڀ کان وڏو شرط آهي وليءَ جو موجود هجڻ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جا ڪيترائي واضح فرمان آهن جن مان هڪ جو ترجمو ته: "يعني وليءَ کان سواءِ ڪابه شادي ناهي" هيءَ حديث صحيح بخاري، صحيح مسلم، سنن ابي داود، ترمذي، نسائي، ابن ماجه سميت سڀني وڏن ڪتابن ۾ موجود آهي چارئي امامن وليءَ کي شرط قرار ڏنو آهي حنفي مذهب ۾ هڪ ننڍڙي رعايت آهي ته بلغ ۽ عاقل عورت پاڻ شادي ڪري سگهي ٿي پر اڪثريتي فقه، خاص ڪري شافعي، ملڪي ۽ حنبلي مذهب وارا ان کي به صحيح نه سمجهندا آهن معتبر علمن چٽي طرح فرمايو آهي ته وليءَ کان سواءِ شادي صحيح ناهي جڏهن ڇوڪري عدالت ۾ وڪيل سان گڏ نڪاح نامو لکرائي ٿي ۽ وليءَ واري خاني ۾ "غير حاضر" يا "رضامندي نه ڏني" لکائي ٿي ته قانوني طور پاڪستان ۾ نڪاح صحيح ٿي ويندو آهي پر شرعي طور اڪثر علمن جي ويجهو معيوب يا بلڪل باطل آهي ان جو مطلب اهو ٿيو ته جيستائين خاندان مان ڪو ولي نئين سر نڪاح نه پڙهائي، تيستائين جوڙو حلال زوجيت ۾ نه آهي ۽ جسماني تعلق به حرام جي دائري ۾ اچي سگهي ٿو ڪيترن وڏن علمن جي فتويٰ آهي ته اهڙي شاديءَ مان پيدا ٿيندڙ اولاد تي به شرعي پابنديون لڳن ٿيون، وراثت ۾ به انهن جو حصو محدود ٿي سگهي ٿو هيءَ ڳالهه تمام سنگين آهي، پر محبت ۾ انڌا جوڙا ان کي آسان سمجهي وڃن ٿا.

والدين ڏانهن منهنجي هٿ جوڙي دل جي گهراين سان گذارش آهي مائرن ۽ پيءُ جيڪڏهن اوهان جي ڌيءَ يا پٽ ڪنهن سان دل لڳائي ويٺو آهي ۽ ان ۾ ڪا وڏي شرعي يا اخلاقي خرابي نظر نه ٿي اچي ته مهرباني ڪري پنهنجي ضد، انا، ذات پات جي وڏائي، ملي فرق جي فڪر کي پاسيرو رکي اجازت ڏيو اڄ جو دور تبديل ٿي چڪو آهي اسان ڌيئرن کي پڙهايو، انٽرنيٽ ڏئي ڇڏيو، نوڪريون ڪرايون، موبائيل هٿ ۾ جهليو، سوشل ميڊيا تي آزاد ڇڏيو پر جڏهن دل جو معاملو آيو ته کين ننڍڙي ٻار سمجهڻ لڳاسين جيڪڏهن اجازت نه ڏينداسين ته هو عدالتي شادي ڪندا ۽ پوءِ اسان جو به نالو سماج ۾ لٽجي ويندو مان پاڻ ڪيترين مائرن سان مليو آهيان، جيڪي روئي روئي چونديون آهن ته 'جيڪڏهن اسان اجازت ڏيون ها ته اڄ اسان جي ڌيءَ اسان سان گڏ رهي ها، هاڻي 10 سال ٿي ويا، منهن ئي نه ڏيکاريو، ٻارن کي به ناني نانا جو منهن نه ڏسڻ ڏنو اسين عيدون اڪيلا ملهائيندا آهيون، جنازن تي به ڪوبه نه ايندو آهي، اسان جي آخري وقت ۾ به ڪير نه ايندو' تنهنڪري جيڪڏهن ڇوڪرو نمازي آهي، اخلاقي آهي، نوڪري يا ڪاروبار آهي ته کليل دل سان اجازت ڏيو جيڪڏهن ذات پات يا ملي فرق آهي ته به ويهي ڳالهه ٻولهه ڪريو پر دروازا بند نه ڪريو، گفتگوءَ جو دروازو کليل رکندا ته جيئن عدالت جو دروازو بند رهي

جيڪي جوڙا اڳ ئي عدالتي شادي ڪري چڪا آهن، انهن کي عملي صلاح آهي ته جلد کان جلد خاندان واري وليءَ سان نئون نڪاح پڙهايو، والدين سان رابطو بحال ڪريو، معافي گهرو، ننڍڙي تقريب رکو، سٺو مثال قائم ڪريو ۽ قانوني دستاويز محفوظ رکو هاڻي ڪجهه تازا ۽ دردناڪ حقيقي واقعا ٻڌايان ٿو جيڪي صرف 2024ع ۽ 2025ع ۾ پيش آيا آهن

ڪراچي ۾ جنوري 2025ع ۾ هڪڙي 22 ورهين جي ڇوڪريءَ عدالتي شادي ڪئي ٻئي ڏينهن ئي پيءُ ۽ مامي گڏجي کيس گهر وٺي وڃي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو 18 ڏينهن کان پوءِ ڇوڪري تڙپي تڙپي مري وئي لاڙڪاڻي ۾ مارچ 2025ع ۾ هڪ جوڙي کي شاديءَ کان پنجن مهينن کان پوءِ ڇوڪريءَ جي پيءُ ۽ سوٽن گڏجي ڪراچيءَ ۾ گهر تي حملو ڪري قتل ڪري ڇڏيو حيدرآباد ۾ آڪٽوبر 2024ع ۾ هڪ 19 ورهين جي ڇوڪريءَ عدالتي شادي ڪئي پر ملي تنگيءَ سبب طلاق گهري ته خاندان کيس زهر ڏئي قتل ڪري ڇڏيو

اهي واقعا صرف خبرون ناهن اهي ماڻهن جون تباهه ٿيل زندگيون آهن روئندڙ مائرون آهن دل ٽُٽل پيءُ آهن يتيم ٿيل ٻار آهن هاڻي سنگين نتيجن تي تفصيل سان ڳالهه ڪريون شرعي طور وليءَ کان سواءِ نڪاح باطل يا شديد ڪراهت وارو آهي جسماني تعلق به زنا جي دائري ۾ اچي سگهي ٿو اولاد تي به شرعي پابنديون لڳن ٿيون والدين جي ناراضگيءَ ۾ الله جي ناراضگي آهي ملي تنگي، بيماريون ۽ ذهني پريشانيون اڪثر ان جوئي نتيجو هونديون آهن وراثت ۾ سخت قانوني جنگ هلي ٿي، ٻارن جي ذهن ۾ گهٽتائيءَ جو احساس پيدا ٿيندو آهي سماجي بائيڪاٽ، طلاق جو وڏو تناسب، غيرت جي نالي تي قتل جو خطرو، گهٽ مهر سبب طلاق تي عورت جو مستقبل تباهه ٿي ويندو آهي

عدالتي شادي ڇو نه ڪرڻ گهرجي؟ ڇو ته اها شرعي طور خطرناڪ آهي خانداني برڪت کان خالي آهي، سماج ۾ بدنامي آڻي ٿي وراثت ۾ پيچيدگيون پيدا ڪري ٿي، ٻارن جي پرورش ۾ مشڪلاتون آڻي ٿي ۽ تڪليف جي وقت ڪوبه ساٿ نه ڏيندو آهي سماجي نتيجن ۾ خاندان منهن لڪائڻ لڳندا آهن ڇوڪريءَ تي 'ڀڄي وڃڻ واري' جو ليبل لڳي ويندو آهي مائٽ سڄي عمر ڳالهه ٻولهه نه ڪندا آهن عيدون، شاديون، جنازا سڀ الڳ الڳ ٿي ويندا آهن آخر ۾ دل مان نڪتل گذارش آهي ته محبت ڪريو، ضرور ڪريو پر ان محبت ۾ ماءُ جي دل نه ٽوڙيو پيءُ جي سيني تي ڇُري نه هڻو جيڪڏهن والدين ضد ڪن ٿا ته صبر ڪريو گفتگو ڪريو، دعا ڪريو پر انهن کي هميشه لاءِ وڃائي نه ويهو ڇو ته دنيا ۾ سڀ کان وڏي برڪت والدين جي دعا آهي ۽ سڀ کان وڏي بد دعا انهن جي دل ڏکائڻ آهي جيڪڏهن اوهان کي لڳي ٿو ته اوهان جي محبت سچي آهي ته پوءِ ان کي الله تعاليٰ جي رضا سان، والدين جي خوشيءَ سان، خاندان جي برڪت سان حلال ڪريو ڇو ته محبت جو سچو امتحان اهو ناهي ته توهان هڪ ٻئي لاءِ ڪيترو قربان ٿيو پر اهو آهي ته توهان پنهنجي ماءُ پيءُ لاءِ ڪيترو صبر ڪيو الله تعاليٰ اسان سڀني جي گهرن ۾ سڪون وجهي، والدين جي دلين ۾ اطمينان وجهي ۽ اسان جي نئين نسل کي اهڙي محبت نصيب فرمائي جو ان ۾ والدين جو ساٿ به هجي، انهن جي دعا به هجي ۽ آخرت ۾ به سڪون هجي آمين يا رب العالمين

(ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر (Ai)(يونيمارڪوني يونيورسٽي، اٽلي)، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ريسرچ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ اسٽڊيز ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي عهدي تي فائز آهي)

اقتدار بابت مفڪرن جا فڪر پريا نُڪتا...!

اعجاز ممنائي

اقتدار معنيٰ طاقت، قوت، پهچ، وسعت، عزت، مرتبو درجو ۽ عهدو ان ڪري هرڪو چاهي ٿو ته مان اقتدار ماڻيان هڪ گهرجي فرد کان شروع ٿيندڙ اقتدار جو دائرو تمام گهڻو وسيع آهي پر ان لاءِ اهليت جو هجڻ لازمي هجي ٿو پر جيڪڏهن نااهل کي اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهارجي ته اهو گهر کان دنيا تائين نقصانڪار ثابت ٿئي ٿو ۽ ملڪي چرخو سڌو هلڻ بجاءِ اُبتو هلڻ لڳي ٿو ان ڪري جيئو ويندو آهي ته گهر جي ذميواري نڀائڻ لاءِ عقلمند فرد جو هجڻ لازمي آهي جنهن کي فيصلي ڪرڻ جي قوت هجي.

ان بابت مشهور مفڪر ميڪياوليءَ جو خيال آهي ته 'اقتداري طاقت حاصل ڪندڙ کي هوشيار لومڙ ۽ ٻبي شينهن وانگر هُجڻ گهرجي جڏهن ته پنهنجي طاقت بچائڻ لاءِ کيس سخت قدم کڻڻ کان گهٻرائڻ نه گهرجي ڇو ته انسان فطري طور ذاتي مفادن لاءِ ئي ڪم ڪندو آهي' مائيڪل فوڪلٽ جو خيال آهي ته 'رياست جا سمورا شعبا اقتداري طاقت سان سلهاڙيل آهن زندگيءَ جو هر شعبو اقتداري طاقت جي حڪمت عملين سان هلي ٿو' ميڪاوليءَ جي نظر ۾ اقتدار جي طاقت اخلاق، مذهب ۽ انساني پابندين کان آزاد آهي طاقت جو اصل مقصد طاقت جي بچاءَ ۾ آهي' جڏهن ته مائيڪل فوڪلٽ جو خيال هو ته 'طاقت جو سرچشمو حُڪمران طبقو نه پر سماج جو هر شعبو آهي اقتداري طاقت سان عوام مٿان زبردستي حُڪمراني ڪري نٿي سگهجي' مائيڪل فوڪلٽ اقتداري طاقت جي ميڪاولين تصور جي نفي ڪري ٿو هُن جو خيال آهي ته 'طاقت ۽ ڄاڻ (علم) به ڌار شيون ناهن بنيادي طاقت ڄاڻ ۽ علم آهي' جڏهن ته انگلينڊ جي ٻن وڏن فلاسافرن ٿامس هابس ۽ جان لاڪ جا به اقتداري طاقت جي باري ۾ ڪنهن قدر خيال مختلف رهيا آهن ٿامس هابس وٽ اقتدار جو تصور سياسي سطح تائين محدود ناهي رهيو. هُو انسان کي جنگ ۽ خوف جي حالت ۾ ڏسي ٿو ۽ اقتدار کي اهڙي طاقت سمجهي ٿو، جيڪا زندگيءَ جي هر شعبي ۾ امن نظم ۽ ضبط قائم ڪرڻ جي صلاحيت رکندي هُجي جڏهن ته جان لاڪ اقتدار کي ماڻهن جي رضا سان آندل طاقت ۽ امانت سمجهي ٿو، جنهن جو مقصد فرد جي آزادي ۽ حقن جو تحفظ آهي

روسو وري اقتدار جي اخلاقي حيثيت تي زور ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته 'اقتدار جو اصل سرچشمو عوام آهي ۽ عوام جي گڏيل مرضيءَ سان قائم ڪيل اقتدار ئي پائيدار هُجي ٿو' جڏهن ته مارڪس جي نظر ۾ اقتدار معاشي ۽ طبقاتي ڍانچي جو نتيجو آهي ۽ طاقت جو استعمال اقتصادي ۽ معاشي وسيلن مٿان ڪنٽرول ڪرڻ آهي بنيادي ڳالهه اها آهي ته اقتدار عوام کي منظم ڪري ٿو اختيار ان کي قانوني ۽ اخلاقي جواز ڏئي ٿو ۽ وري انتشار تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن اقتدار ۽ اختيار ۾ توازن برقرار رهي نٿو سگهي تڏهن نوان سماجي ۽ سياسي امڪان پيدا ٿين ٿا آمريڪن تاريخدان ۽ فلاسافر هانا آرنٽ رڳو اقتدار جو جمهوري تصور پيش ڪيو هو، جنهن جو چوڻ هو ته 'اقتدار جبر ۽ تشدد تي ٻڌل نه پر عوام جي گڏيل رضا سان آندل اجتماعي نظام آهي' انساني سماج ۾ اقتدار جو تصور اڄ به گهڻو پيچيده آهي ائين جيئن صديون اڳ هو اقتدار جو صحيح استعمال سماج ۾ انصاف، امن ۽ ترقيءَ جو سبب بڻجي ٿو جڏهن ته غلط استعمال ظلم، بيچيني ۽ انتشار جو سبب بڻجي ٿو اقتدار، اختيار ۽ انتشار بنيادي طور ٽنهي طاقتن جي توازن سان ئي ڪنهن به سماج جي پائيدار ترقي ۽ انساني شعور جي ارتقا جي ضمانت بڻجي ٿو.

انساني سماج ۾ اقتدار کان پوءِ هميشه اختيارن جو غلط استعمال ٿيو آهي اقتداري طاقت جي اچڻ کان پوءِ طاقتور ترين اختيارن جو استعمال هميشه پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هميشه 'انتشار' جنم ورتو آهي جنهن سبب پوري قوم پريشانيءَ جي عالم ۾ ورتل آهي ڪوبه انسان دنيا ۾ خوش نظر نه ٿو اچي ايتري تائين جو اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويٺل شخص کي به سڪون نه آهي مولا علي ع فرمايو "هڪ هزار عالمن کي شهيد ڪرڻ سان به ايترو نقصان نه ٿيندو آهي جيترو هڪ جاهل کي اقتدار تي ويهارڻ سان ٿيندو آهي" پاڻ ع وڌيڪ فرمايو اٿن ته "اقتدار، طاقت ۽ دولت ملڻ سان ماڻهو بدلبو ناهي پر بي نقاب ٿيندو آهي ڪفر جو معاشرو ته هلي سگهي ٿو پر ناانصافيءَ وارو معاشرو نه ٿو هلي سگهي" پاڻ فرمايائون ته "دنيا جي حاڪمن سان جنگ ڪرسيءَ ۽ اقتدار جي ڪري ڪئي وئي هئي، مگر آئون واحد حاڪم آهيان جنهن سان جنگ فقط انصاف ڪرڻ جي ڪري ڪئي وئي آهي" پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته "اقتدار جي نشي ۾ پنهنجا همدرد نه وڃايو، ائين نه ٿئي جو اقتدار يا طاقت به هلي وڃي ۽ ڪو همدرد به نه رهي" مطلب ته اقتدار طاقت ۽ ڪرسي اچڻي وڃڻي شيءِ آهي، مخلص همدرد، دوست ۽ ساٿي مشڪل وقت ۾ زندگيءَ جو سرمايو هوندا آهن انهن جو قدر ڪرڻ گهرجي انهن کي اهميت نه ڏيڻ سان پنهنجي اهميت به نه رهندي

افلاطون پنهنجي مشهور ڪتاب (Republic) ۾ لکيو آهي ته (The measure of a man is what he does with Power) يعني ماڻهوءَ جي اصل پرک تڏهن ٿيندي آهي جڏهن کيس اقتدار يا طاقت حاصل ٿيندي آهي) ان جو مطلب اهو ٿيو ته اقتدار وڏو امتحان هوندو آهي اقتدار کان پوءِ مليل اختيارن جو صحيح استعمال ماڻهوءَ جي اخلاقي ۽ فڪري صلاحيتن جي اصل پرک هوندو آهي عام طور ڏٺو ويو آهي ته ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي اقتدار دوران تڪبر ڪندا آهن ۽ معزولي وقت ذلت جو شڪار بڻجندا آهن. ياد رکڻ گهرجي ته اقتدار جي پوڄارين جو عوام جي جيئڻ ۽ مرڻ سان ڪو واسطو ناهي هوندو. انهن جو هدف ۽ مقصد ڪيئن به ڪري اقتدار حاصل ڪرڻ هوندو آهي ڇو ته اقتدار ۽ حڪومت ئي اهو واحد مهذب طريقو آهي، جنهن ذريعي عوام کي نيوڙي پنهنجي مرضيءَ مطابق ٽيڪس وصول ڪري سگهجي ٿو ۽ اقتدار جي ذريعي ئي اهو وصول ڪيل ٽيڪس جو پئسو پنهنجي عيش آرام ۽ تجوڙين جا منهن ڀرڻ لاءِ پنهنجي مرضيءَ موجب بغير ڪنهن خوف ۽ خطري جي استعمال ڪري سگهجي ٿو. پر اقتدار جي ڪرسيءَ تائين پهچڻ لاءِ عوام جي ڪلهن جي مدد ضروري هوندي آهي. اڪيلو فرد ڀلي ڪيڏا به ٽپا ڏئي پر ڪڏهن به اقتدار جي ڪرسيءَ جي پائي تائين به نه پهچي سگهندو. عوام جهڙو اٺ...... ان کي پنهنجو ڪلهو ڏيڻ لاءِ راضي ڪرڻ واري فن ۽ صلاحيت جو نالو سياست آهي. تڏهن ته چوندا آهن سياست عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ جڙ گهوڙن کي تربيت ڏئي سواري لائق بڻائڻ آهي.

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم-II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر 34 سال 2025

مسمات گلزادي ڌيءُ سونو خان شيخ رهندڙ ڳوٺ لياري ديهه- 72 نصرت تعلقو دوڙ ....پلينٽف...خلاف:طارق عرف ڪوثر پٽ نور خان شيخ رهندڙ ڳوٺ طاهر پٽي دادو روڊ مورو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز سيل نمبر 0308-3402280، 0306-3402286....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ فيملي ڪورٽ ايڪٽ 1964 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم-II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم-II ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 112 سال 2025

مسمات فائزه ڌيءُ ڪبڙ ذات پتافي رهندڙ ڳوٺ فتح خان پتافي تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص...پلينٽف...خلاف: شهزاد پٽ الهداد ذات پتافي رهندڙ ڳوٺ فتح خان پتافي تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم- IIڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 89 سال 2025

مسمات حميرا ڌيءُ جاني ذات ڪيري رهندڙ محلا يوسف آباد ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص...پلينٽف...خلاف: امجد علي پٽ رحمت الله ذات ڪيري رهندڙ ڳوٺ حاجي محمد بخش ڊاڪخانو سليمان پنهوڙ چڪرا تعلقو ماتلي ضلعو بدين....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول، فيملي جج اينڊ جي ايم-I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج Xth حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2164 سال 2025

مسمات عارفه ڌاهري ڌيءُ نظير احمد بيواه حمير احمد رهندڙ ٽنڊو آغا روڊ هائوس نمبر 1063 محلا غلام حسين ملاٽو حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: حمير احمد سولنگي پٽ عبدالجبار رهندڙ هائوس نمبر 96/6 محلا نيو علي آباد ڪالوني هالا ناڪو حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس آف مائنر اينڊ ريٽرن آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

10th سول اينڊ فيملي ڪورٽ حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-III ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر 42 سال 2025

مسمات نجمه زال عبدالجبار ڌيءُ محمد عارب رهندڙ نگينه-2 ڪالوني ٽنڊوالهيار...پلينٽف...خلاف: عبدالجبار پٽ سائون رهندڙ نگينه-1 ڪالوني ٽنڊوالهيار....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 11-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-III ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 158 سال 2025

مسمات ثمرين ڌيءُ عبدالعزيز ذات سولنگي رهندڙ رحيم نگر نزد رباني مسجد ميرپورخاص 03033489719....پلينٽف...خلاف: پرويز علي ولد عطاءِ محمد ذات سولنگي رهندڙ Dengan پرگڙي سٽي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص 03251331393 ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلزلاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-III ميرپورخاص
(روبرو جناب ساجد اقبال)
فيملي سوٽ نمبر 95 سال 2025

مسمات رمشا ڌيءُ غلام علي زال فيصل ذات پرگڙي رهندڙ گهر نمبر 36 جوڻيجو ڪالوني ميرپورخاص....پلينٽف...خلاف: فيصل ولد متين ذات پرگڙي رهندڙ ڳوٺ مستري انور پرگڙي ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز ۽ ميڊيڪل جي خرچي ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 11-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-III ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-III ميرپورخاص
(روبرو جناب ساجد اقبال)
فيملي سوٽ نمبر 96 سال 2025

شريمتي انيتا ڌيءُ اوڪهو ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ سچل سائين ٽنڊو آدم ناڪو ميرپورخاص ....پلينٽف...خلاف: هيمراج ولد تيجو ذات ڪولهي رهندڙ ويهومل داس ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص 03049715790 ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف جوڊيشنل سيپريشن رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-III ميرپورخاص

حلفيه بيان

جيئن ته آئون پنهنجي سابق زال غزاله سومرو ڌيءُ محمد صادق سومرو کي تاريخ 27 سيپٽمبر 2025 تي (03) طلاقون ڏنيون آهن ۽ منهنجو هاڻ ان سان شرعي رشتو باقي نه رهيو آهي. پر غزاله سومرو منهنجي گهر کان وڃڻ وقت منهنجي فليٽ نمبر9 الواحد ٽيرس-II فلور يونٽ نمبر 9 لطيف آباد جي رجسٽري دستاويزات جيڪي منهنجي نالي آهن ۽ زيورات ماليت تقريبن 30 لک رپيا ۽ NDFC سرٽيفڪيٽ جيڪي منهنجي نالي تي رجسٽرڊ آهن ماليت تقريبن 05 لک رپيا هي سڀ کڻي وئي آهي. مون اهو سڀ گهر جي الماري ۾ رکيو هو تنهنڪري غزاله سومرو جيڪا مذڪوره شيون کڻي گهران وئي آهي. اها ڳالهه رڪارڊ تي رکي وڃي. جيئن وقت ضرورت ڪم اچي

آغا فريد احمد ولد آغا شفيع محمد
شناختي ڪارڊ نمبر: 42000-5366096-5
رهندڙ فليٽ نمبر09 الواحد ٽيرس سيڪنڊ فلور يونٽ نمبر9 لطيف آباد حيدرآباد

بقايا 1 زميندار قتل

زميدار رئيس منظور علي پتافي گوليون لڳڻ سبب ٽنڊي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس پٽ امجد علي ۽ اعجاز علي پتافي کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد نيو ويو آهي خبر موجب ٽنڊوباگو لڳ ملڪاڻي شريف پرسان پتافي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٽريڪٽر جي ڊرائيور رکڻ تان چاچي ۽ سڳي ڀائيٽي ۾ ٿيل جهيڙي دوران فائرنگ سبب ملڪاڻي شريف جو مشهور زميندار ۽ مرزا گروپ جي اڳواڻ رئيس منظور علي پتافي گوليون لڳڻ سبب فوت ٿي ويو هو جيئن جي لاش کي گذريل رات دير سان ٽنڊوباگو جي تعلقا اسپتال ٽنڊوباگو ۾ آڻڻ ۽ پوسٽ مارٽم بعد فوتي رئيس منظور پتافي کي اڄ صبح جو ساڍا 10بجي ابائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس جنازي نماز ۾ علائقي جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي، ٻي جيهڙي ۾ رئيس منظور پتافي جي ٻن پٽن امجد پتافي ۽ اعجاز پتافي کي حيدرآباد شفٽ ڪيو ويو هو جتي اعجاز پتافي جي حالت خراب هجڻ ڪري ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ داخل ڪرايو آهي جتي سندس حالت بهتر ٻڌائي وڃي، اهڙي خبر پوڻ تي اڳوڻي گهرو وزير ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا ڪراچي جي آغا خان اسپتال پهچي سندس زخمي ساٿي اعجاز پتافي جي طبيعت پڇي، هوڏانهن خبر موڪلڻ تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو جڏهن علائقي ۾ ڇڪتاڻ پڻ جاري هئي، ٻي طرف فوتي رئيس منظور پتافي جي وفات سبب ملڪاڻي شريف خير پورگنبو ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل رهيو رئيس منظور جي وفات سبب سندس ڳوٺ وارا علائقا بند رهيا ،پوليس جو گشت پڻ هلندڙ آهي، ٻڌايو پيو وڃي گوليون هلندڙ ملزم مزڪوره فوتي رئيس منظور پتافي جو ناٺي ۽ سڳو ڀائيٽو هو.

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو الهيار
سمري سوٽ نمبر 25 سال 2025

مير حسن ولد محمد حسين ذات سامٽيو رهندڙ گهر نمبر 304 شاه لطيف ڪالوني ٽنڊو الهيار ....پلينٽف...خلاف: نور احمد ولد محمد بخش ذات اٽو رهندڙ گهر نمبر 318 اٽو پاڙو ٽنڊو الهيار تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سمري سوٽ رڪوري اماؤنٽ -/810000 روپيا لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج IV حيدرآباد
Rent Ex: App: 120/2025 Filed Rent App 19/25

عبدالرافع Pardar ولد نوشاد علي Pardar رهندڙ حاجي نور محمد روڊ گهر نمبر A/96-1753 سلاوٽ پاڙو حيدرآباد...ايپليڪينٽ...خلاف: شبير ولد حاجي محمد عباس رهندڙ گهر نمبر T 582/1 ٽنڊو ولي محمد ضلعو حيدرآباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ رينٽ ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي ايگزيڪيوشن آرڊر خلاف جيڪو تاريخ 02-10-2025 تي پاس ڪيو هن ڪورٽ سڳوري تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 18-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج IV حيدرآباد

بقايا 2 پڳ جي رسم

اڳوڻي ايم اين اي نواب غني ٽالپر ، صوبائي وزير اسماعيل راهو ، اڳوڻو ايم پي اي عاقب جتوئي ، اڳوڻو ايم پي اي سيد محمد شاه ، اڳوڻو ايم پي اي دوست محمد ميمڻ ، مشتاق راهو ، اڳوڻو ايم پي اي مير رفيق ٽالپر ، اين آئي سي وي ڊي جو اڳوڻو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نديم قمر ، سنڌ آبادگار اتحاد جو صدر نواب زبير ٽالپر ، نواب مظفر ٽالپر ، سينيٽ چيئرمين قبول ڪنياڻ ، انجنيئر مير غلام علي ٽالپر ، اڳوڻو صوبائي سيڪريٽري الهرکيو ٻگهيو ، تحريڪ انصاف جي صوبائي نائب صدر سيد ذوالفقار شاه ، اڳوڻو ضلعي چيئرمين سيد ذيشان شاه ، ليکڪ نصير مرزا ، سينئر اينڪرپرسن غلام نبي موراڻي ، شهزاد بشير هالييوٽو ، ڪئنيڊا کان آيل مير ابو ٽالپر ، مير خاندان جي بزرگ شخصيت مير سلطان ٽالپر ، پ پ اڳواڻ مير سجاد ٽالپر ، اڳوڻو يوسي ناظم مير معشوق ٽالپر ، مير راجا شوڪت ٽالپر ، مير ڪاظم رضا ٽالپر ، مير ذيشان ٽالپر ، جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي پير احمد سعيد جان سرهندي ، ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين سيد شاهنواز شاه ، يوٿ اڳواڻ سيد سلال شاه ، اڳوڻي ضلعي نائب ناظم پير اشفاق جان سرهندي ، پ پ اڳواڻ پير معصوم جان سرهندي ، تاريخدان مشڪور ڦلڪارو ، سنڌي ادبي سنگت جي اعظم پٽي ، تحريڪ انصاف جي لالا حسن پٺاڻ ، سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر جي ايم گل ، مير سرفراز ٽالپر ، مير نسيم ٽالپر ، سرفراز پٽي ، پريس ڪلب جي صدر غلام نبي ڪيريو ، نائب صدر ذوالفقار چانڊيو ،رمضان شورو سول سوسائٽي جي فيض سولنگي سميت علائقي جي اهم سياسي سماجي مذهبي شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ، جڏهن ته انهي موقعي تي مرحوم مير مشتاق ٽالپر جي فرزند اڳوڻي صوبائي صلاحڪار مير علي نواز ٽالپر کي پنهنجي والد بزرگ جي پڳ جي رسم طور پڳ ٻڌائي وئي جنهن کي پڻ سياسي سماجي اڳواڻن سان گڏ خاندان جي بزرگن ور ڏنا.

بقايا 3 فوت

آئي قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي

بقايا 4 لاش هٿ

سجاڳيءَ ڪئي هوڏانهن ضروري ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪو همدرد فري ايمبولينس سروس ذريعي ڳوٺ جمال ڪيريو پهچايو ويو واقعي بعد پنهل خان چانڊيو پوليس تشدد ۽ ڳهٽا ڏئي قتل بابت جاچ شروع ڪري چڪي آهي جن جو چوڻ آهي ته واقعي جي صورتحال مان دشمني جو شڪ پيدا ٿئي ٿو ان جي باوجود ڪوشش ڪنداسين ته واقعي جي اصل ڪارڻ ۽ جوابدارن تائين پهچي سگهون

بقايا 5 وفد جي ملاقات

گرمجوشي سان استقبال ڪيو ڊاڪٽر معظم علي خان ٽالر تي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي هائير ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد (GCUH)جي وائيس چانسلر جو عهدو سنڀاليو آهي ملاقات دوران وفد پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان کي احترام ۽ نيڪ خواهشن جي علامت طور روايتي سنڌي تحفو "لونگي" ۽ گلن جو گلدستو پيش ڪيو ملاقات دوران پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان GCUHجي واڌ ۽ شهرت کي وڌيڪ وڌائڻ ۽ تعليم جي معيار کي بلند ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوشش جي اهميت تي زور ڏنو پنهنجي عزم کي ورجائيندي، هن چيو ته هو يونيورسٽي جي بهتري لاءِ هيٺين قدمن تي ڌيان ڏيندو: سيني تعليمي ۽ انتظامي شعبن ۾ ميرٽ تي ٻڌل ڪلچر کي فروغ ڏيڻ تدريسي فيڪلٽي کي مڪمل سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ بيوروڪريٽڪ رڪاوٽن کان آزادي کي يقيني بڻائڻ سيني اهل ۽ التوا ۾ پيل ڪمن کي حل ڪرڻ ۽ آپريشنل ڪارڪردگي کي وڌائڻ لاءِ ترجيحي بنيادن تي قانوني طور تي جائز ڪمن کي مڪمل ڪرڻ وائس چانسلر پنهنجي اعتماد جو اظهار ڪيو ته يونيورسٽي انتظاميه ۽ جي سي يو ٽي اي جي وچ ۾ گڏيل ڪم هڪ متحرڪ تعليمي ماحول کي فروغ ڏيندو جيڪو تدريس، تحقيق ۽ ڪميونٽي سروس ۾ فضيلت لاءِ سازگار هوندو پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان ٽيچرس ايسوسيئيشن جو ان جي بصيرت واري انداز لاءِ شڪريو ادا ڪيو ۽ جي سي يو ايڇ جي شهرت ۽ تعليمي معيار کي اڳتي وڌائڻ جي گڏيل مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو طارق حسين جلباڻي (صدر جي سي يو ٽي اي)

بقايا 6 ڪاهي ويا

موٽرسائيڪل پڻ چوري ڪري ويا ٻي طرف ڪنڊيارو شهر جي شهباز ڪالوني مان نامعلوم چور محمد اسلم عرف بدل پيرزادو جي گهر مان هڪ تولو سونو ۽ 150000 روپيه ڪيش چوري ڪري ويا

بقايا 7 ڪار تي فائرنگ

جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي..امن امان بحال ڪري عوام ۾ بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 8 اسپتال ۾ فوت

جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي نوجوان جو مڙهه گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو وارثن موجب نينگر جو ذهني توازن درست نه هو

بقايا 9 ڳوٺاڻن جو احتجاج

آهي جنهن جو پچاءُ ڪرڻ تي بااثر ڪائونسلر مجرجي اسان کي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ اسڪول تي اچڻ کان روڪي ڇڏيو آهي.هنن الزام هڻندي چيو ته سندس پاڻيجو اسڪول جي ايس ايم سي جو چيئرمين آهي جنهن اسڪول جو ملندڙ فنڊ به هڙپ ڪري ڇڏيو آهي.هنن مطالبو ڪيو ته اسڪول جو وڪرو ٿيل ميٽيريل واپس ڪرائي اسڪول تان قبضو ختم ڪرايو وڃي ٻئي طرف الزام هيٺ آيل ڪائونسلر ڊوڊو لاشاري ۽ ايس ايم سي جو چيئرمين عبدالغفور لاشاري پريس ڪلب پهچي لڳايل الزامن کي رد ڪندي چيو آهي ته يوسف لاشاري ذاتي رنجش تحت اسان تي اجايا الزام هڻي رهيو هوهو مختلف طريقن سان ڪيترن ئي سالن کان اسان سان وڙهندو اچي، سندس ڳوٺ اسان جي ڳوٺ کان الڳ آهي اسان ٽي اي او جي اجازت سان سرون کڻي پاسي ۾ ڪمرو ڏاهي ٻارن جي پڙهائي جاري رکڻ ٿي چاهي جيڪا ڳالهه هنن کي هضم نٿي ٿئي ايس ايم سي جا ٽيهه هزار اسان وٽ محفوظ پيل آهن جيڪي اسڪول جي ئي ڪتب ۾ آندا ويندا، باقي لوهه ڪپائڻ ۽ اسڪول تي قبضو ڪرڻ جا الزام اجايا آهن هوڏانهن ٽي اي او پرائمري گولاڙچي سان مسلسل رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر هن فون اٽينڊ نه ڪئي.جڏهن ته ڊي اي او پرائمري الطاف حسين ميمڻ جو چوڻ آهي ته هي ڳوٺاڻن جو پاڻ ۾ مسئلو آهي اسڪول بابت لڳايل الزامن جي انڪوائري ڪري ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 10 احتجاجي ريلي

راجا نثار ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جيڪا پيادل مارچ ڪري پريس ڪلب آڏو پهتي ، انهي موقعي تي ريلي ۾ شامل اڳواڻن چيو ته ڪرپشن پوري معاشري لاءِ ناسور آهي جنهن ۾ ترقي جي راهه ۾ رڪاوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ پوري قوم کي متحد ٿي سرڪار سان گڏيل طور ڪرپشن خلاف جهاد ڪرڻ گهرجي ته جيئن اسان پنهنجي سنڌ سميت پوري پاڪستان مان ڪرپشن جو مڪمل خاتمو يقيني آڻي سگهون ته جيئن اسان جو ملڪ ترقي ڏانهن اڳتي گامزن ٿيڻ ۾ ڪا به رڪاوٽ پيش اچي نه سگهي.

بقايا 11 دعويٰ

مختلف علائقن ۾ ڇاپا پڻ جاري آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 12 لک روپيا ڪيش، 12 تولا سون جا زيور ۽ اسلحو پڻ هٿ ڪيو ويو آهي معاشر شهري نثار اٽو جي مدعيت ۾ ٿيل واردات جو اڳ ۾ ئي ٿاڻي ڳوٺي ياسين ۾ درج ٿيل آهي جڏهن ته ٻه مهينا اڳ نعمت الله اٽو جي گهر ۾ لڳل ڌاڙي ۾ به پڻ ساڳئي گينگ ملوث نڪتي آهي جن کي ڪيس ۾ نامزد ڪري ڪارروائي ڪئي پئي وڃي، ڊي ايس پي ڳوٺي ياسين جي سربراهي ۾ ، ايس ايڇ او ممتاز علي سومرو ۽ آءِ ٽي انچارج صفي الله چانڊيو سميت هڪ خصوصي ٽيم جوڙي وئي هئي جنهن ٽيڪنيڪل سسٽم ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان جوابدارن کي ماڙون ڪاڪيپوٽو علائقي مان گرفتار ڪيو گينگ ڳوٺي ياسين ۽ مختلف علائقن جي گهرن ۾ ڌاڙا، موٽر سائيڪل ڦر چوري ۽ ٻين وارداتن ۾ ملوث آهن جوابدارن پاران زيور جتي وڪرو ڪيا آهن ان دڪانن به پڻ پوليس پهچي وئي آهي ۽ جلد وڌيڪ جوبدارن جي گرفتاري عمل ۾ آڻڻ جو عزم ڪيو ويو آهي ملزمان خلاف اسلحو برآمدگي جا الڳ مقدمات پڻ داخل ڪيا ويا آهن آخر ۾ ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ خصوصي ٽيم کي ڪامياب ڪارروائي تي شاباش ڏني ۽ سي سي ٽي ۽ نقد انعام جو اعلان پڻ ڪيو

بقايا 12 نموني ملهايو ويو

تعلقه صدر ايوب ڪوسو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو ۽ پارٽي جي 19 هين سالگره جون مبارڪون ڏنيون ان موقعي تي پرويز سومرو ، علي سومرو ۽ شاهد ڪوسو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو جنهن بعد مرڪزي صدر سيد ڏين شاه ڳالهائيندي چيو ته ايس يو پي جو بنياد اڄ کان 19 سال اڳ سيد جلال محمود شاه جن وڌو جنهن جي ضرورت ان ڪري پئي جو ڌارين جا دلال حڪمران سنڌ کي ٻنهين هٿن سان لٽي رهيا هئا جڏهن ته سنڌ جي قدرتي وسيلن ، جبل ، ڪوئلو ، بيٽ سميت سمورا وسيلا ڌارين کي ڏئي رهيا هئا تڏهن سيد جلال محمود شاه هم خيال دوستن سان گڏجي پارٽي جو بنياد رکيو هن وڌيڪ چيو ته سائين جي ايم سيد به انهن دلال حڪمرانن جي ڪري باغي ٿيو جيڪي سنڌ دشمن منصوبا جوڙي رهيا هئا نتيجي ۾ هر دور جي حڪمرانن سائين جي ايم سيد کي قيد رکيو پر ڪيس جهڪائي ۽ سنڌ جي عشق تان هٽائي نه سگهيا ان ڪري اسين به انهن سنڌ دشمن حڪمرانن کي چٽين ٿا ته اوهان اسان جو عشق اسان کان ڦري نٿا سگهو آخر ۾ ايس يو پي جي 19 هين سالگراه جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو

بقايا 13 ريلي ڪڍي وئي

خيرپور جا اهلڪار سول سوسائٽي سوين شاگرد ۽ شهري شامل هئا ان موقعي ڪرپشن کان پاڪ معاشرو پاڪستان زنده آباد جا نعرا هنيا ويا ۽ اڳواڻن چيو ته ملڪ کي شهر کي ڪرپشن کان پاڪ بنائڻو آهي ان ڪري ڪرپشن جو خاتمو ضروري آهي ان موقعي تي ريلي ۾ شريڪ ماڻهن کي بينر ۽ پلي ڪارڊ پڻ هٿ ۾ هئا .

بقايا 14 داخل

نامعلوم جوابدارن شامل آهن وائلڊ لائيف کاتي جي اسسٽنٽ ڪنزرويٽر اشفاق ميمڻ ٻڌايو ته انويسٽيگيشن ڪرڻ بعد ۽ شڪار ۾ شامل ٻن ڳاڏين جي ايڪسائيز پوليس کان ڪنفرم ڪرڻ بعد هرڻن کي ماريندڙ جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هن چيو ته هرڻن جو هميشه تحفظ ڪيو ويندو جيڪو به غير قانوني شڪار ڪندو ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 15 احتجاج

سان قتل ڪرڻ واري واقعي ۾ ملوث جوابدارن ريحان بڙدي ۽ فتح بڙدي جي گرفتاري باوجود سنڌن وارثن وري معصوم نياڻي جي ڀيرسن والد علي محمد بڙدي کي ڪيس تان دستبردار ڪرڻ لاءِ ڏنل موتمار ڌمڪين تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ، احتجاج ۾ شامل معصوم نياڻي جي ڀيرسن والد علي محمد بڙدي ، امام بخش بڙدي ، صادق بڙدي ، مسمات خيري ، مسمات عابده ، مسمات صاحب خاتون ۽ ٻين الزام لڳايو ته اسان جي معصوم نياڻي جي بيدردي سان ڪيل قتل باوجود هاڻي وري اسان کي ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ پنهنجي ئي ڳوٺ مان خالي ڪري لڏائڻ سان گڏ قتل جون ڌمڪيون ڏنيون وڃي پيون جنهن جي ڪري اسان جي حياتين کي خطرو آهي پوليس قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن جي مٽن ماٽن کي فوري طور گرفتار ڪري جيڪي وري اسان جي ٻارن ٻچن کي قتل ڪرائي سگهن ٿا ، اسان سان انصاف نه ڪيو ويو ته اسان مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪنداسين.

بقايا 16 سيشن منعقد

آگاهي ڏني مفتي محمد حسن قاسمي چيو ته وراثت شرعي معاملن ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿي پر افسوس جو گهڻا ماڻهو ان جا صحيح ضابطا نٿا ڄاڻن جنهن سبب ڪٽنبن ۾ تڪرار جنم وٺن ٿا. هن شرڪت ڪندڙن تي زور ڀريو ته هو وراثت جي مسئلن ۾ شريعت موجب رهنمائي حاصل ڪن ته جيئن انصاف برقرار رهڻ سميت حقيقي حقدارن ۽ وارثن کي شرعي قانون موجب پنهنجو حق ملي سگهي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر محمد پيرل چانڊيو ته زمين يا ٻي ڪنهن به ملڪيت مان اصل وارثن کي پنهنجو جائز حصو فراهم ڪرڻ لاءِ هي سيشن انتهائي اهميت جوڳو آهي هن چيو ته هي 16 ڏينهن وارو سيشن جنهنجي اڄ شروعات ڪئي وئي آهي. هن چيو ته سجاول ۽ شاهبندر ۽ جاتي تعلقن جي مختيارڪارن ۽ تپيدارن کي پڻ مفتي سهيل مصطفي ڪئي جن شريعت مطابق وراثتي قانون بابت آگاهي ڏيندا. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن وراثتي قانون بابت سوال به ڪيا، جن جا تفصيلي جواب پڻ ڏنا ويا.

بقايا 17 لاش هٿ

ضروري ڪارروائي بعد سندس تدفين ڪئي وئي ، ٻي طرف ٽنڊي تي موجود فوتي ارشاد علي ميمڻ جي والد گلزار علي ميمڻ ۽ فوتي نوجوان جي سڳي مامي رستم ميمڻ ۽ فيض محمد ٽنڊوباگو شهر ۾ وچايل ٽنڊي تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي اسان جي ڪنهن سان به ڪابه دشمني نه هئي پر اسان جي نوجوان جي شڪ آهي ته ڪنهن ذر سان دشمني هئي جيئن ڪري ڪيس قتل ڪيو ويو آهي هنن موجب فوتي نوجوان کي هڪ گولي دماغ ۾ لڳل آهي ۽ مٿس بدترين تشدد پڻ ڪيو ويو آهي، اسان جي نوجوان کي 12 ڏينهن اڳ قتل ڪري ڍيلو پوليس جي حد ڳوٺ پيلاريو پيرپرسان اڇلايو ويو بعد سندس جتي ۽ ٻين نشانين مان سندس سڃاڻپ ڪئي اٿو ته هي نوجوان اسان جو هو اڄ مقتول جو لاش اسان اتان ڪڍائي ٽنڊوباگو شهر پهتا آهيون شڪ آهي ته ڪيس گوليون هڻي سخت تشدد ڪري ڪيس قتل ڪيو ويو آهي، اسان هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ پڻ مقتول نوجوان جي بازيابي لاءِ درخواست داخل ڪرائي هئي پر نوجوان بازياب ٿيڻ بجائي اڄ اسان کي سندس لاش مليو آهي ۽ اسان ظلم ۽ ناانصافي ڪئي وئي آهي ،اسان وزير اعلي سنڌ آءِ جي سنڌ ۽ ٻين اختيارين کان گهر ٿا ڪريون ته مقتول جي قتل جي شفاف جانچ ڪري انصاف ڪيو وڃي، ياد رهي ته مزڪوره نوجوان 14 اڳ ٽنڊوباگو مان گم ٿي ويو هو جيڻن جو اڄ فجر جي وقت تشدد ٿ گولي لڳل 12 ڏينهن اڳ پراڻو لاش مليو آهي

بقايا 18 انصاف جو مطالبو

ڪولهي، پرشوتم ڪولهي ڪيون ڪولهي جيلو نارائڻ راحمل ، ڪيول ميگهو ۽ ٻين الزام هڻندي چيو ته اسان جي ڳوٺ جي احسان واهه پرسان سرڪاري پڊو تي اسان هڪ سو سال اڳ جا اتي ويٺل آهيون پر بااثر وڏيرا اسان کي سرڪاري پڊي تان زوري بيدخل ڪري بي گهر ڪرڻ ٿا چاهين اسان پنهنجي گهرن مان بي گهر ٿيل آهيون فورن نوٽيس وٺي اسان کي بي گهر ٿيڻ کان بچايو وڃي ،هنن احتجاج ڪندي واضع ڪيو ته اگر انتظاميه اسان جي مدد نه ڪئي ته پوليس مهم جو بائيڪاٽ ڪنداسين ۽ مختيار روينيو جي آفيس اڳيان علامتي بک هڙتال جو سلسلو شروع ڪنداسين.

بقايا 19 ڪمشنر حيدرآباد

حيدرآباد زين العابدين ميمڻ، ڊي ايڇ او پير غلام حسين سميت لاڳاپيل کاتن جي آفيسرز شرڪت ڪئي جڏهن ته ڊويزن جي ٻين ضلعن جا ڊپٽي ڪمشنرز وڊيو لنڪ ذريعي شامل ٿيا.اجلاس ۾ ڊسمبر جي نئشنل ايمنائيزيشن ڊيز بابت تيارين ضلعي مائيڪرو پلاننگ، هيومن ريسورس، مانيٽرنگ ۽ فيلڊ سيڪيورٽي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ سمورن ضلعن جي انتظاميا پنهنجي تيارين بابت بريفنگ ڏني.اجلاس کي خطاب ڪندي ڊويزنل ڪمشنر فياض حسين عباسي چيو ته جن علائقن مان ماحولياتي سيمپلز مثبت اچي رهيا آهن تن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. هن چيو ته سنڌ ۾ پوليو جا 9 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن جن مان 6 حيدرآباد سان لاڳاپيل آهن. تنهنڪري اينڊ پوليو مهم کي هر صورت ۾ 100 سيڪڙو ڪامياب بڻايو وڃي، ته جيئن ماحولياتي سيمپلز کي منفي ڪري سگهجي.هن هدايت ڪئي ته مائيڪرو پلانز جو بيهر جائزو ورتو وڃي، مهم کان اڳ ٽيمن جي تربيت تي خاص توجهه ڏني وڃي، گهٽ ڪارڪردگي واري يونين ڪائونسلن لاءِ "ون مانيٽر ون يو سي" وارو طريقو اختيار ڪيو وڃي، جڏهن ته مس ٿيل ۽ زيرو ڊوز ٻارن تائين پوليو جا قطرا پهچائڻ لاءِ گهڻ رخي حڪمت عملي تحت سرحدي ۽ ڪراس بارڊرنگ علائقن ۾ خاص قدم کنيا وڃن.

بقايا 20 احتجاجي مظاهرو

ٻين صحافين کي ٻڌايو ته جديد دور ۾ به جتي دنيا ترقي جي رفتار ۾ آهي اتي تعليم کاتي جي نااهلي سبب اسان جي ڳوٺ ۾ اسڪول جي ڪيترن ئي سالن کان بلڊنگ نه ٺهي سگهي آهي اسڪول ٻارن جو تعداد هڪ 100 کان مٿي بار آهي ڳوٺ ۾ هڪ ڪچي اوطاق آهي جنهن جي نه ڇت نه آهي جتي اسان جا معصوم ٻارڙا سياري جي سردي ۾ کليل آسمان هيٺ تعليم حاصل ڪن ٿا ۽ گرمي جي وقت به کليل آسمان هيٺ ويهي تعليم حاصل ڪن ٿا جتي نه پٽڻون سميت ڪابه سهولت موجود نه آهي جنهن کان پوءِ ڪيترن ئي ڳوٺاڻ ٻارن کي اسڪول کان روڪي ڇڏيو آهي هن چيو ته بلڊنگ نه هئڻ ڪري شاگردن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ پئجي رهيو آهي هنن سنڌ جي وڏي وزير تعليم کاتي جي صوبائي وزير ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته خدارا نوٽيس وٺي اسڪول جي نئين بلڊنگ تعمير ڪرائي جنهن ۾ سڀئي سهولتون ڏئي شاگردن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ پوليو جو پڻ بائيڪاٽ ڪيو ويندو

بقايا 21 ڏينهن به جاري

شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي بک هڙتالي ڪئمپ ۾ ننگرپارڪر تعلقي اسپتال جي ڊاڪٽرن پيرا ميڊيڪل عملي پڻ شرڪت ڪئي.اڳواڻن چيو ته ڪارونجهر سياحتي، ثقافتي ۽ مقامي ماڻهن جي روزگار جو اهم ذريعو آهي جنهن سان انسانن پکين ۽ جيوت جي حياتي سلهاڙيل آهي برساتي موسم ۾ لکين سياح اچن ٿا. جنهن سان هتان جي ماڻهن جي معاشي فائدو ملي ٿو مقامي ماڻهن هر فورم تي ڪارونجهر جي ڪٽائي جي مخالفت ڪئي آهي، جڏهن ته بلاول ڀٽو زرداري به اليڪشن مهم دوران ڪٽائي جي مخالفت ڪري چڪو آهي ڪارونجهر عالمي قانون تحت رامسر سائيٽ ۽ ملڪي قانون موجب وائلڊ لائيف گيم سينچري آهي سنڌ ڪابينا جي سب ڪميٽي ۽ 2023ع واري هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد جو فيصلو پڻ ڪارونجهر کي محفوظ قرار ڏئي چڪو آهي. اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت عوامي راءِ بدران طاقتور ڌرين جي دٻاءُ تي هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف اپيل ڪري رهي آهي، جيڪا نامنظور آهي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته حڪومت فوري طور داخل ڪرايل اپيل واپس وٺي، ڪارونجهر کي عالمي ورثي ۾ شامل ڪري نيشنل پارڪ جو درجو ڏئي

بقايا 22 اسڪول ڪامياب

جنهن جو ستن ڪيٽيگريز جو نتيجو هن ريت رهيو جنهن ۾ پهرين وائي ڪرڻ گرلز هاءِ اسڪول سجاول ٻي تقرير عافيه گرلز هاءِ اسڪول سجاول ٽي بيتبازي ناياب گرلز هاءِ اسڪول سجاول چوٿون سوال جواب شرف عظمي گرلز هاءِ اسڪول سجاول پنجون خطاطي ثانيه گرلز هاءِ اسڪول سجاول ڇهون تصوراتي مصوري گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول خضرآباد جي هٿي تقريب جي صدارت ضلعي آفيسر حاجي شفيع محمد ٻارڻ ڪئي پروگرام ۾ تعلقي ايجوڪيشن آفيسر مقبول احمد ڪئي تقرير جي ۽ جج غلام قادر گرگهائي تعلقو ايجوڪيشن آفيسر جاتي وائي جي جج جا فرائض سائين بسنت ڪمار ڪوآرڊينيٽر ۽ اي اي او سجاول سوال جواب جي جج جا فرائض محترم محمود ڪئي خطاطي جي جج جا فرائض حسيب آرائين ضلعي فوڪل پرسن مڊل اسڪول پروجيڪٽ ۽ تصوراتي مصوري جا فرائض محمود ڪئي جن انجام ڏنا ٻارن کي مانجهاندو ۽ آيل مهمانن کي گهر جي ماٿي سان مانجهاندو ڪرايو ويو سيني مهمانن تقريب جي نظم ضبط ۽ ترتيب کي ساراهيو تقريب ۾ حاجي شڪيل پان بشير سرويچ سينئر صحافي عمران ڪئي عمران زنگيجو نواز سرواڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 23 دعويٰ

ڪريس ڪيون آهن جنهن بعد ايس ايس پي جامشورو جي هدايت تي ڊي ايس پي سيوهڻ فراز ميتلو انچارج ون فائيو منظور دل ايس ايڇ او سيوهڻ سرفراز قريشي ايس ايڇ او ڀان محمد علي ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي موبائيل جون آئيمي تبديل ڪندڙ گروهه ۽ موبائيل چوري ۽ ڦر ڪندڙ هڪ عورت سميت 8 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي، پوليس گرفتار جوابدارن وٽان 22 موبائيل سيٽ، ڪمپيوٽر سيٽ ۽ هارڊ ڊسڪ هٿ ڪري ورتا آهن، گرفتار جوابدارن ۾ نصيب ڪٽوهڙ جاويد احمد لاشاري، مسمات صائما ڪوسو مزمل ڀٽو آفتاب لاڪو اقبال عرف اقو فرمان علي وساڻ ۽ شوڪت ابڙو شامل آهن جن جن جي خلاف سيوهڻ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ان حوالي سان ڊي ايس پي سيوهڻ فراز ميتلو ٻڌايو آهي ته پوليس جديد ٽيڪنالوجي استعمال ڪندي مختلف علائقن ۾ ڇاپا هڻي ڦورن کي پڪڙيو آهي سيوهڻ ۽ ڀان سيدآباد مان شهرين کان ڦر ٿيل 22 موبائيل فونز هٿ ڪيون ويون آهن جيڪي اصل مالڪن حوالي ڪيون ويون آهن، گرفتار ٿيل عورت صائمه ڪوسو جو تعلق ڪنڌڪوٽ ڪشمور ضلعي سان آهي جيڪا عورت هجڻ جو فائدو وٺي موبائيل فون چوري ڪيون گرفتار جوابدارن پاران موبائيل فونز جي آءِ ايم اي اي نمبر تبديل ڪري موبائيل فون استعمال ڪيا ويا جن کي پڪڙيو ويو آهي

بقايا 24 ڪچهري منعقد

مسئلن جا انبار اي سي جي سامهون رکيا جيڪي گهڻي عرصي کان هلندڙ آهن انهن کي حل ڪرڻ لاءِ اي سي سجاول هڪ هڪ جو مؤقف ٻڌو ۽ سمجهو ۽ ماڻهن کي يقين ڏياريو ته آئون اوهان جا جيڪي به جائز مسئلا آهن انهن کي حل ڪرڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪندس.سٽي سروي جو آفيس ۾ن ويهڻ تي صحافي جي سوال جو جواب ڏيندي چيو ته سٽي سروي واري تي ڪڏهن ڪڏهن ايڊمنسٽريٽر ڊيوٽي لڳل هوندي آهي يا ڪورٽ جي ڪنهن شيءِ سان ٺٽو يا ڪراچي هوندو آهي مطلب ڳالهه جو پر روي به ڪنهن جو ڪم نه ٿو ٿئي ته اها شڪايت مون تائين پهچايو

بقايا 25 صفدر عباسي

